سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، سنڌ

# ورهاڱي کان پوءِ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ثقافتي زندگيءَ جي عڪاسي: تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو

# REFLECTION OF CULTURAL LIFE IN SINDHI SHORT STORY AFTER PARTITION: CRITICAL ANALYSIS

ايم فل (سنڌي)

تحقيقي مقالو


مقالا نگار

منتظر حسين زئونر

نگران

ڊاڪٽر شازيه پتافي



سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، سنڌ

2022

فهرست


- پيش لفظ ________________________ 02

باب پهريون : تحقيق جو طريقار

- موضوع جو تعارف ________________________ 04
- موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق ________________________ 05
- تحقيق جو طريقو ________________________ 05
- موضوع جي اهميت ________________________ 05
- تحقيق جي ضرورت ________________________ 05
- تحقيق جو دائرو ________________________ 05

باب ٻيو : سنڌي ثقافت جو تعارف

- سنڌو ماٿر جي تاريخ جو مختصر جائزو ________________________ 06
- سنڌي ثقافت جو پسمنظر ۽ جائزو ________________________ 14
- سنڌي ثقافت جا اهم جزا ________________________ 16

(الف) مذهبي عقيده ________________________ 17

(ب) وهم وسوسا، درگاهون، فن تعمير، گهر،طعام ۽ خيرات ________________________ 18

- سنڌين جي رهڻي ڪهڻي جو طريقو ________________________ 21

(الف) شادي ۽ غمي جا رسم رواج ________________________ 21

(ب) ملڻ جا طور طريقا (ٻليڪار،خوش خيرعافيت، گڏجڻ،ڪچهري) ________________________ 24

(ت) رواداري، ٻائيچي، ملاکڙا ۽ عيدون ________________________ 25

- سنڌي ثقافت سان لاڳاپيل اهم شيون ________________________ 27
- حوالا ________________________ 29

باب ٽيون : سنڌي ٻولي، ثقافت ، ادب ۽ فن لطيف

- سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻولي ________________________ 31
- ثقافت، فن لطيف ۽ ادب ________________________ 35
- حوالا ________________________ 40

باب چوٿون : سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي ثقافت ۽ سنڌي سماج جو مختصر تاريخي جائزو

- قديم سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج ۽ ثقافت جو مختصر تاريخي پسمنظر _41

سومرن جو دور 1050ع _ 1350ع ________________________ 43

سمن جو دور 1350ع _ 1520ع ________________________ 44

ارغون، ترخان ۽ مغل دور 1521ع _ 1700ع ________________________ 44

ڪلهوڙن جو دور 1700ع _ 1750ع ________________________ 45

ٽالپرن جو دور 1780ع _ 1843ع ________________________ 46

- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج ورهاڱي کان اڳ وارو ________________________ 46
- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج ورهاڱي کان پوءِ وارو ________________________ 54
- حوالا ________________________ 60

باب پنجون : چوند سنڌي ڪهاڻيڪارن جي چوند ڪهاڻين ۾ سنڌي ثقافت جو مطالعو


- جمال ابڙو ________________________________ 63
- غلام رباني آگرو ________________________________ 66
- سراج الحق ميمڻ ________________________________ 70
- عبدالقادر جوڻيجو ________________________________ 73
- علي بابا ________________________________ 77
- ماهتاب محبوب ________________________________ 81
- نسيم کرل ________________________________ 85
- نجم عباسي ________________________________ 88
- محمد صديق منگيو ________________________________ 91
- رحمت الله ماجوٺي ________________________________ 94
- حوالا ________________________________ 96


باب ڇهون


- نتيجا ________________________________ 100

- مددي ڪتاب ببليو گرافي ________________________________ 107

## پيش لفظ

سڀ کان پهرين تعريف انهيءَ رب پاڪ جي جنهن انسان کي علم عطا ڪيو، ۽ رب پاڪ جا اڻ ڳڻيا احسان جنهن مون کي پنهنجي ڪيترين ئي نعمتن سان نوازيو آهي. جنهن جي ڪري ئي آئون لکڻ ۽ پڙهڻ جي لائق ٿي سگهيون آهيان.

ادب سان منهنجو چاهه پراڻو رهيو آهي. لکڻ گهٽ پر پڙهڻ جي عادت مون کي ٻارهين ڪلاس کان ٿي. ادب جي دنيا ۾ مون کي سائين نور احمد زئونر آندو. مختلف ڪتاب ۽ خاص ڪري افسانوي ادب سان چاهه رهيو آهي. ناول ۽ ڪهاڻي منهنجي پسند جي صنف آهي. جنهن ۾ انسان پنهنجي اندر جا احساس اوتي ٿو. اهي احساس ۽ جذبات ئي آهن، جنهن مون کي ادب جي دنيا ۾ آندو ۽ آخرڪار سنڌ يونيورسٽي جهڙو ماحول مليو. بهترين استاد مليا. انهن مون کي اولاد جيان پاليو آهي. تعليم سان گڏ تربيت ڪئي، آئون هر هڪ استاد جو تمام گهڻو احسان مند آهيان.

تحقيق جو ميدان تمام گهڻو وسيع آهي، ۽ تحقيق جي ميدان ۾ لهڻ کان پوءِ تحقيق ڪندڙ کي نتيجي جي به خبر ناهي هوندي ته آخرڪار هن جي محنت ساپيان ماڙيندي يا نه پر پوءِ به رات ڏينهن محنت کي لڳو رهڻ ئي تحقيق جو اصول آهي. رب پاڪ ٻاجه ڪندڙ آهي پوءِ جنهن محنت ڪئي ان جي محنت ضرور رنگ لائيندي آهي.

تخليقي ڪم کان تحقيقي ڪم وڌيڪ محنت طلب آهي. ڇو ته هن ۾ محقق کي مواد هٿ ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪرڻي پوي ٿي. سڀ کان پهرين موضوع جي چونڊ جو مرحلو ايندو آهي. پنهنجي موضوع جي چونڊ ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ مواد هٿ ڪرڻ وڏي محنت جو ڪم هوندو آهي. مون کي ايم فل ڪرڻ جو به تمام گهڻو شوق هوندو هو، ۽ آهي به تنهن ڪري هن ڪم ۾ هٿ وجهڻ منهنجي لاءِ لازم ۽ ملزوم ٿي پيو. بِسمِ اللهِ ڪري داخلا ورتم . پنهنجو موضوع پسند ڪري ان سان لاڳاپيل مواد کي هٿ ڪرڻ کي لڳي ويس. انهيءَ ڪم ۾ منهنجي استادن ۽ گهر جي ماحول، دوستن، احبابن ڪافي مدد ڪئي آهي. انهن سڀني جا قرب وسارڻ جوڳا ناهن.

چوندا آهن ته سرڪاري نوڪري ۽ ڄامشوري جي ڇوڪري ڪنهن قسمت واري کي ئي ملندي آهي. آئون به انهن مان هڪ آهيان، جنهن روزگار لاءِ محنت ڪئي ۽ رب پاڪ جا لکين ۽ ڪروڙين ڪرم جنهن هن بندي جي سار لڌي ۽ حق حلال جو رزق نصيب ٿيو. شروع ۾ محبوب شهر حيدرآباد ۾ رهي روضي ڪئي پر شايد قدرت کي ڪجهه ٻيو نصيب هو. مون جهڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي گهر کان پري رهي نٿو سگهي، ۽ وري حيدرآباد شهر جون هوائون ڇڏڻ تمام گهڻو مشڪل ڪم هو. ۽ آئون پنهنجي سنڌيونيوسٽي جا رستا حيدرآباد جو حيدر چوڪ، عثمان شاهه ۽ تندو ڄام ۽ آس پاس جو ماحول منهنجي لاءِ جنت رهيو آهي. اهڙي ماحول کي ڇڏڻ منهنجي وس ۾ نه هو. پر قسمت ڪئي جدائي ڪنهن تي ميار ناهي وانگر منهنجي روضي روڻي به شايد حيدرآباد شهر ۾ لکيل نه هئي تنهن ڪري حيدرآباد جهڙو محبوب شهر ڇڏي هتي لاڙڪاڻو وسايو ويٺو آهيان. ڪيئن ويٺو آهيان اها صرف مون کي خبر هوندي ٻيو منهنجي مالڪ سائين کي.

تحقيق هڪ محنت ۽ جاکوڙ جو ڪم آهي. منهنجو واسطو گهڻو ڪري پڙهڻ سان رهيو آهي. پڙهڻ منهنجو شوق آهي، پر لکڻ منهنجي وس جي ڳالهه ناهي اهو شايد منهنجي طعبيت جو اثر آهي. آئون انفرادي سوچ رکندڙ آهيان، يعني اڪيلو رهڻ، تنهائي پسند تنهن ڪري ئي پڙهڻ سان منهنجو چاهه ٿيو آهي. ماڻهن ۾ منهنجو من مادو ٿي پوندو. تنهن ڪري ئي آئون انفراديت جو قائل به آهيان. شروع کان منهنجو لاڙو پڙهڻ سان هئڻ ڪري مون پنهنجي دماغ ئي دماغ ۾ ڪافي مقالا لکي ورتا پر عملي صورت ۾ گهٽ. آئون ان ڳالهه جو قائل رهيو آهيان ته ٿورو ئي لکجي پر سٺو لکجي. پنهنجي قول ۽ فعل ۾ تضاد نه هجي. سائين نور حمد شاهه صاحب جا ليڪچر اڄان تائين مون کي ياد آهن. انهن جو ئي اثر آهي. تنهنڪري سائين نور محمد شاهه (سنڌ يونيورسٽي) منهنجي پسنديده شخصيت رهيو آهي. سائين جي لکڻ جو انداز دل ۾ جاءِ ڪري وٺي ٿو. سائين بهترين استاد آهي. بهرحال ان ئي سوچ کي سامهون رکي مون ايم فل ۾ داخلا ورتي. داخلا ته ٿي ورتي پر ڪورس ورڪ ۽ ٿيسز منهنجي لاءِ سسئيءَ جي جبل جهاڳڻ کان گهٽ نه هو. نوڪري جو ڳاٽي ٽوڙ ڪم ٻيو وري موڪل ملي ڪون. اهڙي ماحول ۾ ايم فل ڪرڻ

ناممڪن هو. آئون همت هاري ويٺو هئس. شڪر آهي مالڪ سائين جو جنهن ميڊم شازيه پتافيءَ جهڙي مهربان استاد عطا ڪئي جنهن همت ڏياري ۽ ڪجھ داڍو ڪري مون کان ڪم ورتو اٿس.

ميڊم شازيه پتافي مهربان استاد آهي. مون کي دلاسو ڏئي چوندي هئي جديد دؤر ۾ whatsapp ۽ email system هوندي به پريشان ٿو ٿين! هر حال ۾ تو سان گڏ آهيون. تون پنهنجو تحقيقي ڪم جاري رک اهي لفظ ٻڌي دل درياءَ ٿي پوندي هئي. ايئن تحقيقي ڪم شروع ڪيو. ڊاڪٽر نواب ڪاڪا صاحب جو به ٿورائتو آهيان جنهن هر وقت مفيد مشورن ڏنا. سڀ کان وڌيڪ احسان بابا سائين جا جنهن ڪڏهن به مون کي مايوس ٿيڻ ناهي ڏنو. ايئن ڪٽي چئجي بابا سائين تتل ڏينهن ۾ ٿڌي هوا مثل آهي. امان سائيڻ جي دعائن کان سواءِ ڪجھ به ممڪن نه ٿي سگهي ها. امان هميشه دعائن ۾ ياد ڪيو. انهن دعائن جو ئي ثمر آهي.

سنڌيونيورسٽي، سينٽر لائبري ۾ موجود منهنجي چاچي خدابخش زئونر جو به تمام گهڻو ٿورائتو آهيان. جنهن مواد فرحام ڪيو. ان سان گڏوگڏ ادا آصف علي ۽ ادا محمد علي جا به ٿورا وسارڻ جوڳا ناهن جنهن هر حال ۾ منهنجي مدد پئي ڪئي آهي. ڪي ڪي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جنهن جا احسان لفظن ۾ بيان نٿا ڪري سگهجن انهن مان ئي منهنجو دوست مصور حسين چانڊيو آهي. جنهن منهنجي تمام گهڻي مدد ڪئي آهي. سندس پلايون هميشه ياد رهنديون.

منهنجي هن ٿيسز ۾ ڊاڪٽر شازيه پتافي تمام گهڻي مدد همت افزائي ۽ رهنمائي ڪئي آهي. ميڊم منهنجي گائيڊ پڻ آهي. ان کان سواءِ سائين نور احمد زئونر کي ڪيئن ٿو وساري سگهجي جنهن هر وقت مدد ڪئي ۽ اختر زئونر جا احسان جنهن همت ڏياري.

مون موضوع سان پوري طرح نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ اميد ته ادب جي ثقافتي پهلو بابت ڪافي معلومات مهيا ٿي سگهندي.

## باب پهريون : تحقيق جو طريقار

<u>.موضوع جو تعارف :</u>

ادب جو شمار سماجي، ثقافتي ۽ تهذيبي علمن ۾ ٿئي ٿو. ادب سماج جي جوڙڪ ان جي ارتقا، صحتمند قدرن جي واڌ ويجھ ۽ سٺي زندگي گذارڻ جون واٽون ٻڌائي ٿو . ادب جون به شاخون آهن. نثر ۽ نظم . جڏين ته منهنجي موضوع جو تعلق ادب جي نثري شاخ ڪهاڻيءَ سان آهي. هن ۾ سنڌي ثقافت جو جائزو ۽ تعارف ، سنڌي ڪهاڻيءَ جو سنڌي ثقافت سان واسطو ، ۽ سنڌي معاشري جي اهم ريتن رسمن، لوڪ زندگي ۽ ثقافتي پهلوءَ جو جائزو ورتو ويندو.

ڪهاڻي ادب جي هڪ نهايت اهم ۽ مقبول صنف آهي. جديد دور ۾ ادب جي ٻين صنفن جي مقابلي ۾ هن صنف تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. ڪهاڻي انساني معاشري جي حالات ۽ واقعات، امنگن ۽ احساسات جي عڪاسي ڪري ٿي. زندگي جي اصل حقيقت کي قريب هئڻ ڪري زندگي جي حقيقتن کي لفظن جي مالا ۾ پوئي نهايت سچائي ۽ بيباڪي سان بيان ڪري ٿي. دنيا جي حالتن وانگر ادبي دنيا ۾ ڦيرو گهيرو ايندو رهي ٿو. ادب ۾ به هر دور جي تقاضا مطابق نوان رجحان ۽ رويا پيدا ٿيندا رهيا آهن. جنهن جو اظهار ادب ۾ پڻ ٿيندو رهي ٿو. بلڪل اهڙيءَ طرح ڪهاڻي ۾ هر پهلوءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. ڪنهن به معاشري جي لوڪ زندگيءَ ۽ ثقافت به اهم پهلو رهيا آهن. ان ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جي لوڪ زندگي ۽ ثقافتي پهلوءَ کي پڻ پيش ڪيو ويو آهي. ادب ۾ ثقافتي اظهار تمام گهڻي اهميت جو حامل رهيو آهي. چاڪاڻ ته ثقافت سان ماڻهن جي زندگيءَ جو هر پهلو ظاهر ٿئي ٿو. جنهن جو اظهار ادب ۾ مختلف صنفن وسيلي ٿيندو رهيو آهي. سنڌي سماج ۽ زندگيءَ کي ڪهاڻي ذريعي ڪئين پيش ڪيو ويو آهي. جديد سنڌي ڪهاڻيءَ سنڌ جو لوڪ رنگ يا ثقافتي عڪس ڪهڙي نموني سان پيش ڪيو آهي ؟ تحقيق وسيلي جديد سنڌي ڪهاڻيءَ سنڌ

جي ثقافت ، لوڪ رنگ ۽ سنڌي سماج ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي. تحقيق وسيلي جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو ثقافتي ۽ لوڪ رنگ جي ڪردار کي پيش ڪيو ويندو . سنڌي ثقافت، سنڌي سماج ۽ لوڪ رنگ جي نشاندهي ڪري ڪهاڻي جي ڪردار کي پيش ڪيو ويو آهي.

<u>. موضوع تي اڳ ٿيل تحقيق :</u> ''ورهاڱي کان پوءِ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ثقافتي زندگيءَ جي عڪاسي: تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو'' هن موضوع تي اڳ ۾ ڪم ناهي ٿيل . ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر جي مقالي ''سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف'' ، ڊاڪٽر احسان دانش جي مقالي '' شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج '' هي ٻئي مقالا جيئن ته شاهه لطيف جي شاعري تي آهن. سنڌي سماج ۽ ثقافت تي ٿورو ڪم ٿيل آهي. اهو ڪم نثري ادب جي حوالي سان ناهي . شمس الدين عرساڻي ''آزادي کان پوءِ افسانوي ادب جي اوسر'' هن مقالي ۾ صرف سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر ۽ تاريخي پهلوءَ تي ڪم ٿيو آهي. پر هن خاص موضوع تي ڪم ناهي ٿيل . مطلب ته جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جي لوڪ رنگ ۽ ثقافتي پهلوءَ تي هن کان اڳ ڪم ناهي ٿيو. هي ڪم ''ورهاڱي کان پوءِ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ثقافتي زندگيءَ جي عڪاسي : تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو'' پهريون پيرو ٿيو آهي.

<u>. تحقيق جو طريقار :</u> جيئن ته موضوع جو تعلق جديد سنڌي ڪهاڻي سان آهي. ان جا اهم ماخذ گهڻو ڪري ڪهاڻين جا مجموعا، رسالا سنڌي ثقافتي ۽ سماجي اپياس جي موضوع تي ڪتاب رسالا، مضمون ۽ مقالا آهن. بهرحال بنيادي حوالو ڪتاب ۽ لائيبريريون آهن. سڄاڻ اديبن جا مقالا ۽ ليک ان ڏس ۾ اثرائتا ٿيندا، جن جي مطالعي جي روشني ۾ هن تحقيق کي مڪمل ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هن تحقيق ۾ حوالا ڏيڻ لاءِ (M.L.A) وارو طريقو اختيار ڪيو ويندو .

<u>. موضوع جي اهميت :</u> هن موضوع تي تحقيق، ڪهاڻي جي حوالي سان اهم اضافو آهي. تحقيق ڪندڙن لاءِ نيون راهون کلنديون. سنڌ جي اديبن ۽ ڪهاڻيڪارن پنهنجي ڌرتي، قوم ۽ سنڌ اندر رهندڙ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي کي پيش ڪيو آهي. ڪهاڻي وسيلي ماڻهن جي ٻولي، انهن جو ڪردار لوڪ ريتون رسمون پيش ڪيون آهن. جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جو ثقافتي عڪس پيش ڪيل آهي . سنڌ جي ماڻهن جا سڀ رنگ پيش ڪيل آهن. جيئن ميلا، ملاکڙا، رانديون، شادي، غمي، کاڌو، لباس، علاج جا گهريلو طور طريقا اهي سڀ عڪس ملن ٿا. ان ڪري تحقيق ڪري سنڌ جي لوڪ رنگ ۽ ثقافتي پهلوءَ جي جيڪا اپٽار ڪهاڻي ۾ ٿيل آهي ان کي ظاهر ڪيو ويندو. ان سان ڪهاڻي جي ثقافتي، سماجي ۽ لوڪ رنگ جي حيثيت پڻ ظاهر ٿيندي.

سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. هر هڪ ٻوليءَ ۾ قومي مقصد وارو ادب تخليق ويندو آهي. پر سوال اهو آهي ته اهو ادب پنهنجي سماج سان ڪيترو سلهاڙيل رهيو آهي؟ يعني ادب جو عام ماڻهن سان ڪيترو واسطو آهي ؟ ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي، ملڻ جلڻ جا طور طريقا، رسم رواج، کاڌ خوراڪ، موسم وغيره کي ڪهڙي ريت ڏيکاريو ويو آهي.

تاريخ شاهد آهي ته اهو ادب زنده رهيو آهي جنهن عام ماڻهن جي ترجماني ڪئي آهي ۽ انهن جي زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي نروار ڪيو آهي. منهنجي هن موضوع ''ورهاڱي کان پوءِ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ثقافتي زندگيءَ جي عڪاسي:تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو'' ۾ انهن عوامي پهلوئن کي سامهون آڻي نتيجا ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جديد سنڌي ڪهاڻي جي لوڪ رنگ کي پيش ڪيو ويندو.

<u>. تحقيق جي ضرورت:</u> هن موضوع تي پهرين تحقيقي ڪم ناهي ٿي سگهيو، ان ڪري هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ سان سنڌ جي ثقافت، تاريخ، ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ سان ان لاڳاپو معلوم ٿي سگهندو. هن تحقيق وسيلي سنڌي ڪهاڻيءَ جو ثقافتي ۽ تهذيبي پهلوءَ معلوم ٿي سگهندو. هن تحقيق وسيلي شاگردن لاءِ ادب جو ثقافتي پهلو معلوم ڪري سگهندا. هن تحقيق وسيلي سنڌي ڪهاڻيءَ سنڌي ثقافت سان ڪيترو واسطو رکي ٿي معلوم ٿي سگهندو. هن تحقيق وسيلي سنڌي ڪهاڻيءَ جو ثقافتي پهلو ظاهر ڪري تحقيق جي شاگردن کي نئين رخ دانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي.

<u>. تحقيق جو دائرو:</u> سنڌ جي عالمن ۽ اديبن سنڌي ادب کي مالا مال ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي جدوجهد ڪئي آهي. هر هڪ اديب ڪيترين ئي صنفن ۾ لکيو آهي. جيئن ته مثال طور : آغا سليم، نجم عباسي، مهتاب محبوب، وغيره تخليقي نثري ادب ۾ ناول، ڪهاڻي، ڊرامو، سفر نامو، مضمون نويسي، تاريخ، شاعري مطلب ته سڀني صنفن تي لکيو آهي. تنهن ڪري مون ايم فل لاءِ ''ورهاڱي کان پوءِ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ثقافتي زندگيءَ جي عڪاسي: تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو'' موضوع چونڊيو آهي. هن موضوع جو دائرو

صرف نثري صنف ڪهاڻي آهي. پر ڪهاڻيءَ ۾ به وري چوند ڪهاڻيڪار شامل ڪيا ويا آهن. ڇاڪاڻ ته وقت ۽ محدود دائري ۾ سڀئي صنفون يا ليکڪ شامل نٿا ڪري سگهجن.
هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ سان سنڌي ادب جي نثري وصنف سنڌي ڪهاڻيءَ جو ثقافتي پهلو جو تنقيدي جائزو پيش ڪري نتيجا اخذ ڪيا ويا آهن.

باب پيو : سنڌي ثقافت جو تعارف

- سنڌو ماٿر جي تاريخ جو مختصر جائزو

سرزمين سنڌ جو شمار دنيا جي قديم ترين تهذيبن ۾ ٿئي ٿو.هيءَ ماٿري دنيا جي انهن تمام ٿورڙن خطن منجهان هڪ آهي جتي قديم انساني زندگيءَ بابت ماڳ مڪان ۽ آثار مليا آهن. سرزمين سنڌ دنيا جي انهن خوشنصيب ۽ تاريخي حيثيت رکندڙ خطن مان هڪ آهي. جتي دنيا جون شروعاتي سڀيتائون قائم ٿيون. جيالاجي جي ماهرن مطابق شروع شروع ۾ هي سڄو خطو هڪ سمنڊ جي هيٺان هو، ۽ هتي ڪا به انساني آبادي ڪا نه هئي. وقت گذرڻ سان ڪيترائي خوفناڪ زلزلا آيا ۽ ڪيئي زميني تبديليون رونما ٿيون ،جنهن سبب سمنڊ هتان پري هٽي ويو ۽ ايئن ڌرتي پاهر نڪري نروار ٿي. ان حوالي سان محقق پيرومل مهر چند آڏواڻي پنهنجي ڪتاب ”قديم سنڌ“ ۾ لکي ٿو ته ”سنڌ سميت سڄي اتر هندستان جو گهڻو ڀاڱو ٽيٿيا نالي سمنڊ (Tethya sea) هيٺ هو، جنهن جي ڇولين هماليه جبل کان وٺي ونڌيا جبل تائين ڇلڪا پئي ڏنا. ڪنهن وقت هماليه جبل طرف اهڙا خوفناڪ زلزلا ٿيا ، جو ڌرتي مٿي چڙهي آئي ۽ سمنڊ هٽي ، ڏيهان ڏور ٿي ويو.“ 1

اهڙيءَ ريت سنڌ سوڌو هيءُ سڄو خطو رهڻ جي لائق بڻيو ، نه ته اول اهو سڄو سمنڊ هو جنهن ۾ يقيني طور ان وقت ڪي نه ڪي پاڻيءَ وارا جانور ضرور رهندا هوندا.پر ان هوندي به سنڌ جا ڪي ڀاڱا سمنڊ جو حصو ئي رهيا ۽ گهڻو پوءِ اتان سمنڊ پوئتي هٽي ويو ۽ اتي زمين نڪري نروار ٿي.پيرومل جي راءِ موجب ”سنڌ جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ به ڪڇ جو رڻ ۽ ٿر ڏي ڪي صديون ساندهه سمنڊ هو.ڪراچي ضلعي ۽ حيدرآباد ضلعي واري لاڙ جا به ڪيترا ٽڪر ڪي سمنڊ جي پاڻيءَ ته ڪي سنڌونديءَ جي پاڻي هيٺ هئا. “ 2

ڏٺو وڃي ته سنڌ، دنيا جي انهن ٿورڙن خطن منجهان هڪ آهي جتي انساني تهذيب جي ارتقا ٿي. تاريخ جا ورق ورائڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته قديم انساني زندگيءَ جا آثار ۽ اهڃاڻ سڀ کان اڳ اسان کي پنجن ندين جي ماٿرين مان ملن ٿا، اهي نديون هي آهن دجله ، فرات، نيل ، سنڌو ندي ۽ چين جي هوانگ ندي. قديم آثارن جي ماهرن موجب هن ڌرتيءَ جي گولي تي سڀ کان اڳ مصري ۽ سميري تهذيبن جنم ورتو. سميري تهذيب جو دؤر لڳ ڀڳ 3500 ق.م ۾ بڌايو ويو آهي ۽ اها دجله ۽ فرات ندين جي وچ ۾ قائم ٿي ،هاڻي ان علائقي کي عراق سڏيو وڃي ٿو. جڏهن ته مصري تهذيب لڳ ڀڳ 3100 قبل مسيح ۾ قائم ٿي. اهڙيءَ طرح سنڌو نديءَ جي ڪناري تي تقريبن 2500 قبل مسيح انڊس سولائيزيشن قائم ٿي .جڏهن ته چين جي هوانگ نديءَ جي ڪناري تي 1700 ق. م انساني تهذيب جي اوسر ٿي.

مٿي دنيا جي جن قديم تهذيبن جو ذڪر ڪيو ويو آهي تن سڀني مان سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب يا انڊس سولائيزيشن کي ان ڪري به خاص اهميت حاصل آهي ته هن وقت تائين ايتري تعداد ۾ دنيا جي ڪنهن به ٻي تهذيب سان واسطو رکندڙ شهر يا ماڳ دريافت نه ٿي سگهيا آهن جيترا انڊس سولائيزيشن سان واسطو رکندڙ قديم شهر ڳولهي لڌا ويا آهن .

”سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جنهن کي هاڻي 2500 ق م ۽ 1500 ق م جي وچ واري عرصي ۾ قائم رهندڙ سمجهيو وڃي ٿو،تنهن هڪ وڏي ايراضي ولاري هئي ۽ عربي سمنڊ کان وٺي هماليه جبل جي تري تائين اٽڪل 1000 ميلن ۾ پکڙيل هئي.هڙاپا جي دريافت کان وٺي هن مهل تائين سوين شهر ۽ ڳوٺ لڌا ويا آهن .انگريز، امريڪي، پاڪستاني ۽ هندوستاني آرڪيالاجسٽن کي هن قديم ثقافت جي باري ۾ گهڻو ڪجهه معلوم ٿي چڪو آهي. انهيءَ ڄاڻ جو سڀ کان بهترين ذريعو موهن جو دڙو آهي.“ 3

سرزمين سنڌ تي پهريان قدم رکندڙ ماڻهو ڪير هئا؟ ڪٿان آيا هئا؟ انهن سوالن جي جوابن ۾ مختلف محققن مختلف رايا ڏنا آهن ، پر گهڻن ماهرن موجب اهي ماڻهو آسٽريليا کان آيا جيڪي اچوڪن ڪولين ،ڀيلن ۽ سنٿالن جا ابا ڏاڏا يعني نسلي اعتبار کان وڏا هئا.بهرالحال ان مامري بابت مختلف ماهرن جا مختلف رايا آهن.پر گهڻن حوالن جي ذريعي اها ڳالهه هاڻي ثابت ٿي چڪي آهي ته گهٽ ۾ گهٽ موهن جي دڙي واري

تهذيب جو بنياد رکندڙ ماڻهو ٻاهران آيل ڪو نه هئا. ان حوالي سان تاريخدان مولائي شيدائي موجب دنيا جي هن عظيم تهذيب جو بنياد وجهندڙ ماڻهو ڪي ٻاهران آيل نه پر آڳاٽا دراوڙ هئا. ايتريقدر جو ول ڊيورانٽ جيڪو تاريخ نويسيءَ جي حوالي سان هڪ معتبر نالو آهي سو پڻ ان ئي خيال جو آهي . هو لکي ٿو" اها ثقافت ڪنهن ٻاهرين قوم جي ايجاد نه آهي پر سنڌين جي ذهن جي پيداوار آهي."4

هونئن ته سنڌو ماٿريءَ جو ڳولي لڌل هر هڪ شهر وڏي اهميت رکي ٿو پر موهن جي دڙي جي ثقافت، رهڻي ڪهڻي ۽ طرز زندگيءَ جو مثال سموري دنيا جي تهذيبن ۾ ڪو نه ٿو ملي. 1921ع ۾ جڏهن هن شهر جا کنڊر هٿ ڪيا ويا ۽ بعد ۾ جڏهن ڪجهه حصي کي کوٽايو ويو ته ان مان ڪيترين ئي قيمتي شيون هٿ آيون جن ۾ ان دور جون مهرون، مورتيون ، مجسما،زيور وغيره هن قديم تهذيب جي اهميت ۾ واڌارو ڪن ٿا.هتان جا ماڻهو تهذيب ۽ تمدن جي اصولن کان پليءَ پٽ واقف هئا ، موهن جي دڙي جو ٻڌل شهر سندن شهري زندگي، منصوبابندي ۽ مهارت جو اعليٰ مثال آهي. هن شهر جون گهٽيون باقاعده ترتيب ۽ منصوبا بنديءَ سان ٺهيل آهن بلڪه هيءُ سڄو ئي شهر رٿابنديءَ سان ٺهيل آهي.هتي اسٽوپا جي مٿانهين پاسي طرف گريٽ باٿ (وهنجڻ جي جاءِ ) ۽ درسگاهه جي عمارت پڻ ملي آهي جنهن مان اتان جي ماڻهن جي طرز زندگي ۽ علم سان چاهه جو پتو پوي ٿو. ان کان علاوه پاڻيءَ جي نيڪال جو مناسب بندوبست ۽ هر جاءِ تي گند ڪچري اڇلڻ جي جاءِ هجڻ مان هتان جي شهرين جي مدني زندگيءَ جي پروڙ پوي ٿي. "سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۾ پوک ڪرڻ وڏي ۾ وڏي اقتصادي سرگرمي هئي.موهن جي دڙي ۾ وڏا گول دڙا ٺهيل هئا، جتي پورهيت ان ڍڳ ڪري رکندا هئا. تنهن کان سواءِ ڪيترائي دريافت ٿيل معياري وٽ ٻڌائين ٿا ته پوکيءَ سان گڏوگڏ واپار جي به اهميت هئي." 5

هن قديم تهذيب جا رهواسي نه صرف پاڻ ۾ هڪٻئي سان واپار ڪندا هئا پر اهڙيون ڪيتريون ئي شاهديون مليون آهن ته هي ٻاهرين دنيا سان پڻ واپار ڪندا هئا . ڦيٿي جي ايجاد سندن وڏي ۾ وڏي دريافت آهي جنهن سندن زندگيءَ ۾ وڏي تبديلي آندي. ان کان علاوه هي لکڻ جي فن، زيورسازي، عمارت سازي ۽ ٻين ڪيترن ئي فن ۽ هنر کان واقف هئا. اهم ڳالهه جيڪا هتان جي رهواسين کي امن پسند ۽ وڌيڪ مهذب ٻڌائي ٿي سا اها آهي ته هتان ڪنهن به قسم جو ڪو جنگي هٿيار نه مليو آهي. جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي ته موهن جي دڙي جا ماڻهو ٻاهرين دنيا سان پڻ واپار ڪندا هئا ته هتان جا ٺهيل ٺڪر جا ٿانو ۽ مهرون ميسوپوٽيميا ،بحرين ۽ ٻين ملڪن مان مليا آهن،جنهن مان پتو پوي ٿو ته هتان جا ماڻهو وڏا محنتي ۽ واپاري هئا.هن مان معلوم ٿئي ٿو ته موهن جي دڙي جا ماڻهو ٻاهرين دنيا سان به لڳ لاڳاپي ۾ هئا ۽ اهي ميسوپوٽيما ۽ مصري تهذيب سان واپار ڪندا هئا. ايئن چئي سگهجي ٿو ته اها مٿا سٺا فقط واپار تائين محدود نه هوندي بلڪه موهن جي دڙي جي رهواسين ٻاهرين دنيا کان گهڻيون شيون ورتيون هونديون ۽ انهن کي به گهڻو ڪجهه ڏنو هوندو.يعني دنيا جي انهن قديم تهذيبن ضرور هڪٻئي تي پنهنجا اثر ڇڏيا هوندا.

موهن جي دڙي کان سواءِ انڊس سولائيزيشن سان ملندڙسوين قديم ماڳ مليا آهن جن ۾ هڙاپا، آمري، ڍولاويرا، گينريوالا، ڪالي ننگن، راکي ڳڙهي ۽ ٻيا ماڳ اچي وڃن ٿا. آثار قديم جي مشهور محقق اينڊريو رابنسن موجب "هيل تائين هن سڀيتا جا هڪ هزار کان مٿي ماڳ لڌا ويا آهن جيڪي اٽڪل اٺ لک اسڪوائر ڪلوميٽر ولارين ٿا ۽ انهن مان تمام ٿورڙن ماڳن کي کوٽيو يا کوجنا هيٺ آندو ويو آهي." 6

سنڌو سڀيتا دنيا جي چند خوشنصيب تهذيبن منجهان هڪ هئي پر افسوس جو هن وقت تائين هتان جي لکت جي پڙهائي نه ٿي سگهي آهي. دڙي جي کوٽائيءَ دوران جيڪي مهرون مليون آهن تن تي اکريل اکرن کي ڪو ئي به پڙهي ناهي سگهيو تنهن ڪري سنڌو سڀيتا جي هن اهم ماڳ بابت يا خود سڄي سنڌو سڀيتا بابت گهڻو ڪجهه معلوم نه ٿي سگهيو آهي. ها باقي هتان مليل آثارن ۽ ٻين شين کي ڏسي ڪري اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته هيءَ تهذيب دنيا جي تاريخ ۾ خاص اهميت رکي ٿي.ڪن ڳالهين ۾ هن سڀيتا سميري ۽ بابلي تهذيب کي به شهه ڏيئي ڇڏي آهي جيئن هتان جي عمارت سازي ۽ شهر جي منصوبا بندي آهي جنهن جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر ممتاز پٺو لکي ٿي ؛ "واديِ سنڌ جي قديم شهرن جي تعمير اعليٰ درجي ۽ منصوبي تحت ٿيل هئي .مصر ۽ بابل جي قديم شهرن جو هن سان مقابلو نه ٿو ڪري سگهجي." 7

ان جو مطلب ته مصر ۽ بابل جا شهر قديم طرز جا ٺهيل آهن جڏهن ته سنڌو سڀيتا جا شهر باقاعده رٿا بندي ۽ مهارت سان ٺاهيا ويا آهن. اڃان ته هن قديم سڀيتا جي تمام ٿورڙي حصي جي کوٽائي ڪرائي وئي آهي جيڪڏهن سنڌو سڀيتا جي انهن سڀني ماڳن جي مڪمل طور کوٽائي ڪرائي وڃي ته هوند اڃان ڪيترائي لڪل راز ظاهر ٿي پون.

موهن جو دڙو سنڌ جي قدامت جو بهترين اهڃاڻ آهي، جيتوڻيڪ هن جي آثارن مان مليل مهرون جن تي مختلف اکر لکيل آهن اڃان تائين پڙهجي نه سگهيون آهن ۽ هن وقت تائين هن شهر جي ماڻهن ،انهن جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن ۽ عقيدن توڙي وهمن بابت  اندازا ئي لڳايا ويا آهن جيڪي گهڻي ڀاڱي درست ٿي سگهن ٿا! پر ان باوجود اتان مليل قديم آثار جي شين مان سندن زندگيءَ سان لاڳاپيل گهڻين شين جي پروڙ پئجي سگهجي ٿي.مثال طور موهن جي دڙي جي کنڊرن مان مليل عاج جي زيورن مان اسان اهو بخوبي اندازو لڳائي سگهون ٿا ته ان دور جون عورتون زيور پائڻ ۾ پنهنجو مان سمجهنديون هيون. انهن زيورن مان اسان کي اها به خبر پوي ٿي ته ان دؤر ۾ اهڙا ڪيترائي ڪاريگر موجود هئا جيڪي سٺا زيور ٺاهي سگهندا هئا. اهڙي نموني ڪنگ پريسٽ جنهن کي پروهت به چون ٿا تنهن جي مورتيءَ تي جيڪي چٽ ٺهيل آهن تنهن جي لاءِ چون ٿا ته اها اجرڪ جي نشاني آهي. ان مان پتو پوي ٿو ته سنڌ ۾ ان وقت به اجرڪ سازيءَ جو ڪم زبردست نموني ٿيندو هو، اجرڪ وڏن رتبن وارن ماڻهن کي پارايو ويندو هو ۽ مرد اجرڪ پائڻ پسند ڪندا هئا ۽ ان ڳالهه سان هو پنهنجي عزت ۾ واڌارو سمجهندا هئا. بلڪل اهڙيءَ ريت دڙي مان مليل ناچڻيءَ جي مورتي جنهن تي سمبارا جو نالو رکيو ويو آهي، تنهن کي ڏسي اهو اندازو پڻ لڳائي سگهجي ٿو ته ان دور جا ماڻهو ناچ کي پسند ڪندا هئا ۽ يقيني طور تي جتي رقص ٿيندو هوندو اتي ضرور شعر شاعري يا راڳ رنگ به ٿيندو هوندو، ڇو ته ان ساڳئي ئي دور ۾ يا ان کان به اڳ اسان کي دنيا جي ٻين حصن ۾ شاعري ڪرڻ عام هوندي هئي. هاڻي اسان سمجهي سگهون ٿا سنڌ ۾ اهي شيون پراڻي زماني کان رائج آهن. سنڌ جي هن قديم تهذيب بابت راءِ ڏيندي ڊاڪٽر ممتاز پٺو لکي ٿي؛ ” ناچ ۽ ڳائڻ به تفريح ۾ شامل هوندو هو.جتي دهل وڄايو ويندو هو ۽ ماڻهو ان جي موسيقي تي نچندا هئا.دهل کان علاوه دف وڄائي ، ان تي به ماڻهو نچندا هئا. وادي سنڌ جا ماڻهو ناچ ڳاني جا شوقين هئا. ان کان علاوه پيشه ور ناچو به هئا پوءِ مرد هجن يا عورتون.“ 8

موهن جي دڙي مان مليل شين کي ڏسي اسان کي ان دؤر جي باري ۾ ڪافي شين ۽ حقيقتن جي ڄاڻ پوي ٿي. جيئن هڪ سڱي هرڻ جي مورتي ملي آهي جيڪو ان وقت واديِ سنڌ ۾ عام هو ۽ جڏهن ابن بطوطه به هتان گذريو هو تڏهن هن سنڌوءَ ڪناري ان جانور کي ڏٺو هو ۽ پنهنجي سفرنامي ۾ ان جو ذڪر پڻ ڪيو اٿس.حاصل مطلب ته هن ماڳ بابت جيتوڻيڪ اڃان ڪا حتمي راءِ ڪو نه جڙي آهي پر جيڪو ڪجهه هتان جي آثارن مان مليو آهي تنهن مان هتان جي ماڻهن  جي زندگيءَ بابت گهڻو ڪجهه معلوم ٿئي ٿو. هتان مليل نوادرات جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته هتان جا رهواسي جن کي سنڌ جا قديم رهواسي پڻ چئي سگهجي ٿو سي ڏاڍا محنتي ۽ جفا ڪش هئا. سندن انهن ئي خوبين جو ذڪر ڪندي آثار قديمه جو ماهر انالي نيوٽرٽ لکي ٿو: ”هنن ماڻهن سونهن سينگار جي فن ۾ پڻ پنهنجو ڳچ وقت ڏنو. اهي ڪيتريون ئي سونهن جون شيون جهڙوڪ چوڙا، ڳهه ڳٽا ۽ هار ٺاهيندا هئا.انهن سميت ٽامي سميت گهڻن ذاتن جو ڪم پڻ ڄاڻندا هئا.“9

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڳهه ڳٽا پائڻ،هار سينگار ڪرڻ ، ڪلهن تي اجرڪ رکڻ ان زماني ۾ شروع ٿيو يا وري عام ٿيو ۽ اهو سنڌ جي ثقافت جو هڪ اڻ ٽٽ حصو بڻجي ويو. ان دور جا ماڻهو وندر خاطر يا طبع آزمائي لاءِ  راند روند پڻ ڪندا هئا، جيتوڻيڪ اهڙي ڪا شاهدي ڪو نه ملي آهي جنهن مان معلوم ٿئي ته اهي ماڻهو ملهه يا ان جهڙي ٻي ڪا راند کيڏندا هئا پر اهو اندازو ضرور لڳائي سگهجي ٿو ته هڪٻئي سان طاقت آزمائي لاءِ انهن ملهه ضرور کيڏي هوندي جيڪا اڄوڪي ثقافت جو اهم جزو آهي. البت موهن جي دڙي مان اسان کي پٿر جون ٺهيل گوليون، شطرنج ۽ ڊارا وغيره مليا آهن، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو وقت ۽ ذهني آزمائش لاءِ راند پڻ کيڏندا هئا . ان مان هڪ خيال اهو به جڙي ٿو ته هو پنهنجي طاقت پيٽڻ لاءِ ملهه يا ڪوڏي ڪوڏي پڻ کيڏندا هوندا.

مطلب ته موهن جي دڙي جي آثارن مان اسان کي ان دور جي ماڻهن جي زندگي، رهڻي ڪهڻي ۽ ريتن رسمن  ۽ عقيدن ،زيورن توڙي واپار وڙي جي به چڱي پروڙ پوي ٿي. هن مان معلوم ٿئي ٿو ته قديم

سنڌ جا ماڻهو ڪهڙي نموني جي زندگي گذاريندا هئا. سندن پائڻ اوڍڻ ڪهڙو هو؟ هو پنهنجي گذران لاءِ ڪهڙا ڌنڌا ۽ ڪم ڪندا هئا؟ جيڪڏهن اسين غور سان ڏسون ته موهن جي دڙي جي مليل آثارن مان اسان کي اڄوڪي سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ جا ڪوڙ بنياد ملي سگهندا . اجان ته هن دڙي جي مڪمل کوٽائي نه ڪئي وئي آهي جيڪر هن دڙي کي پوريءَ طرح کوٽايو وڃي ته هتان جي اوائلي زندگي، سماج ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي بابت ڪوڙ شيون ملي سگهن ٿيون جيڪي سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت سان واسطو رکن ٿيون.

قديم سنڌ جو جڏهن ذڪر نڪري ٿو ته اتي موهن جي دڙي سان گڏ دراوڙن جو ذڪر اچي ٿو، جيڪي پڻ تهذيب ۽ تمدن جا اڏيندڙ هئا ۽ لڳي ايئن ٿو ته سنڌ جي موجوده ثقافت جي ارتقا سندن هٿن ۾ ٿي . ان حوالي سان ناليوارو محقق ۽ تاريخدان دادا سنڌي لکي ٿو:" دراوڙصنعتي، تجارتي ۽ زرعي لحاظ کان وڏي ترقيءَ جا مالڪ هئا. هو نهايت سڌريل هئا ،سون ۽ چانديءَ جا زيور ٺاهي پهريندا هئا ۽ هنن ٺامي جا سڪا به ٺاهيا هئا.تجارت جي مقصد سان سمنڊن ۾ جهازن ذريعي سفر ڪندا هئا.اهي لکڻ به ڄاڻيندا هئا. ڪڻڪ ،ڪپهه، جون ۽ چانورن جي پوک ڪندا هئا." 10

دراوڙ سنڌ جا مقامي باشندا هئا جن سنڌ ۾ ذراعت جي ڪم کي عروج تي پهچايو، جن زيور ۽ ڳهه ڳٺا ٺاهيا، جن ٺامي جا سڪا ٺاهيا ۽ لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ پڻ حصو ورتو . پر ڏٺو وڃي ته اهي سڀ ڪم موهن جي دڙي واري سڀيتا ۾ پڻ عام هئا.تنهن ڪري اهو چوڻ ۾ هرگز به وڌاءُ ڪونهي ته موهن جي دڙي جي سڀيتا کي قائم ڪرڻ وارا اهي دراوڙ ئي هئا.، نه ڪي ٻاهران آيل ماڻهو. تاريخ ٻڌائي ٿي ته ٻاهران آيل ماڻهن ته هر دؤر ۾ سرزمين سنڌ ۽ ان جي شهرن کي تباهه ۽ برباد ڪيو آهي جنهن جو پهريون مثال اسان کي سنڌ جي تاريخ ۾ آرين جو ملي ٿو جن دراوڙن کي هن ديس مان هڪالي ڪڍيو، جيڪي دراوڙ هتي رهجي ويا تن وري آرين سان مٽيون مائٽيون ڳنڍي ٻنهي نسلن کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو. آرين جي وقت ۾ به سنڌ جا طور طريقا ۽ لباس تقريبن ساڳيا ئي رهيا.هنن به دراوڙن وانگر پنهنجي سونهن وڌائڻ لاءِ هار سينگار ۽ زيورن کان ڪم ورتو.آرين بابت مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت جي سنڌ ۾ ڪير ،مکڻ جام هو ،ڍڳيون ڏينهن رات ۾ ٿي پيرا ڪير ڏينديون هيون ۽ عورتون ڪير ۽ مکڻ اٽي ۾ ملائي ماني پچائينديون هيون.آريا جيتوڻيڪ وحشي ۽ جنگ جو قبيلي مان هئا پر تنهن هوندي به راند روند ۽ ناچ گاني کي پسند ڪندا هئا. مشهور سنڌي مؤرخ رحيم داد مولائي شيدي ان بابت وڌيڪ لکي ٿيو ته" سازن جو رواج ته آڳاٽن سنڌين ۾ به هو ، مگر آرين واري تهذيب ۾ سازن جو اضافو ٿيو. اسان کي ٽن سازن جو پتو لڳي سگهي ٿو.1 دهل 2 سارنگي 3 بانسري.جنگ جي ميدان ۾ دشمنن کي مرغوب ڪرڻ لاءِ مرليون ۽ ناد وڄائيندا هئا.ڳائڻ جي ڪيترن هنڌن تعريف ڪيل آهي."11

هن مان معلوم ٿئي ٿو سرزمين سنڌ آرين جي زماني ۾ خوشحال هئي ۽ ان ۾ آبادي ، سرسبزي ۽ زرخيزي موجود هئي. يقيني طور ان سڄي خوشحالي جو سبب سنڌو ندي ئي هئي.آرين جو حملو سنڌ ڌرتيءَ جي مٿان پهريون ٻاهريون وار هو، جنهن کان پوءِ سنڌ جا رهاڪو جن کي دراوڙ چيو وڃي ٿو سي گهڻي قدر هتان جان بچائي ڀڄي هليا ويا.جيڪي پوئتي رهجي ويا سي آرين سان رشتو ڳنڍي اتي ئي رهجي ويا.هن دؤر کي رگ ويد وارو زمانو پڻ سڏجي ٿو.يعني هن زماني ۾ هندن جا ڌرمي ڪتاب پڻ لکيا ويا جن مان رگ ويد سندس پهريون مذهبي ڪتاب آهي ،جڏهن ته ٻين ڪتابن جا نالا سام ويد، يجر ويد ۽ اٿر ويد آهن.رگ ويد ۾ سنڌو دريا ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي بيحد ساراهه ڪئي وئي آهي .اهڙيءَ ريت هندن جي قديمي ڪتابن مهاڀارت ۽ رامائڻ ۾ پڻ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن بابت ٿورو ٿورو احوال ڏنل آهي.

آرين کان پوءِ سنڌ تي لڳ ڀڳ 515 ق.م ۾ ايران جي داراءِ اعظم حملو ڪري سنڌ کي فارس سان ڳنڍي ڇڏيو.سنڌ ان وقت به دنيا جي شاهوڪار خطن منجهان هڪ هئي.سنڌ ۾ ان اناج ۽ مال ملڪيت جي ڪابه ڪمي ڪا نه هئي.تنهن ڪري " دارائي اعظم کي سنڌ مان ساليانو ڏن 260 مڻ سون ملندو هو."12 جيڪو اڄوڪي دؤر جي حساب سان ڏٺو وڃي ته اربين ڊالرن جو ٿي سگهي ٿو.ان دؤر جي سنڌ ۾ مال ملڪيت ۽ سون چانديءَ جي ڪا به ڪمي ڪو نه هئي . سنڌ جي ان خوشحالي ۽ سرسبزيءَ بابت اسان کي ويدن ۾ به اهڙيون ڪوڙ شاهديون ملي سگهن ٿيون. سنڌ جي انهي خوشحاليءَ سبب داراءِ اعظم جي حملي کان لڳ ڀڳ ٻه سؤ سال پوءِ 325 ق. م ۾ يونان جي سڪندر اعظم ايراني سرحدن کان ٿيندو هن ڌرتيءَ تي حملو ڪيو ۽ هتان جي ماڻهن پنهنجي وطن جو بچاءُ ڪندي ڀرپور مزاحمت ڪئي . ان جنگ ۾

سڪندر اعظم تير لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو. سڪندر جي فوجن سنڌ ۾ وڏو قتلام ڪيو . ان حوالي سان معتبر تاريخدان ڊاڪٽر بلوچ جو چوڻ آهي ته”سڪندر جي سنڌ خلاف مهم جوئي جي خاص ڳالهه هيءَ آهي ته هي ملڪ ڪيس دشمن جي روپ ۾ نظر آيو، جتي ڪيس سخت مخالفت جو منهن ڏسڻو پيو.ملتان ۾ زخمي ٿيڻ جو بدلو يوناني فوجن جي ترارن سنڌو ماٿريءَ ۾ قتل عام جي صورت ۾ انتقام ورتو.“13

سڪندر جي موت کان پوءِ سنڌ ملڪ چندر گپتا کي ملي ويو. سندس وفات بعد حڪومت سندس ئي پٽ بندوسار جي هٿ ۾ رهي.جنهن وقت مديني ۾ نبي آخر زمان جي پيدائش ٿي تنهن وقت سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت هئي. جيڪا 499 ع کان شروع ٿي ۽ 631ع ۾ ختم ٿي. هن گهراڻي جو وڏو راءِ ديواجي هو، جنهن کان پوءِ ترتيب وار راءِ سهارس پهريون ،راءِ سهاسي پهريون ،راءِ سهارس ٻيو۽ راءِ سهاسي ٻيو حاڪم رهيا.هن کان پوءِ سنڌ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت هيٺ اچي وئي جنهن جو وڏو راجا چچ هو جيڪو راءِ سهاسي ٻئي جو وزير هو ۽ هن پنهنجي ئي بادشاهه خلاف سازش ڪري اقتدار پنهنجي قبضي ۾ آندو هو. برهمڻ گهراڻي 632ع کان 712ع تائين راڄ ڪيو. برهمڻ گهراڻي جي پڻ پنجن راجائن سنڌ تي راڄ ڪيو جن مان آخري راجا ڏاهر هو، جنهن جي عهد دوران سنڌ تي بغداد جي گورنر حجاج بن يوسف جي حڪم هيٺ محمد بن قاسم 712ع ۾ حملو ڪري فتح حاصل ڪئي.

محمد بن قاسم کي ٿي سال 715ع تائين سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو جنهن کان پوءِ وليد بن عبدالملڪ جي وفات ٿي ته محمد بن قاسم کي معزول ڪري سندس جاءِ تي يزيد بن ابي ڪشه کي سنڌ جو نائب مقرر ڪيو. لڳ ڀڳ 750ع تائين سنڌ بنو اميه خلافت جي هٿ هيٺ رهي. جنهن کان پوءِ 750ع ۾ بنو عباسي خليفي صفه هڪ لشڪر موڪلي سنڌ کي بنو اميه کان کسي اقتدار جون واڳون پاڻ وٽ رکي ڇڏيون.

سنڌ 1050ع ڌاران ڌارين قوتن مان جان آجي ڪرائي ۽ سنڌ جون واڳون سومرن سنڀاليون جيڪي سنڌ جا رهواسي هئا.پر هڪ راءِ اها به آهي ته سومرا قبيلو اصل ۾ سامرا قبيلو آهي جيڪو عربن مان آهي.سومرن 1050 کان 1351 تائين تائين سنڌ تي راڄ ڪيو.سنڌ هن دور ۾ به سک جو ساهه نه کنيو جو علاءُ الدين خلجي چنيسر جي چوڻ تي سنڌ تي ڪاهه ڪري آيو ۽ ڪيترائي ڏينهن جنگ هلندي رهي جنهن ۾ سنڌ جا ڪيترائي سپوت مارجي ويا. هن دؤر ۾ پاڳو پان نالي چارڻ دودي سومري جي قصي کي ڳائي وڄائي عام ڪيو. هن دؤر کي ان حوالي سان پڻ اهميت حاصل آهي ته هن زماني ۾ اسان کي سنڌي ادب يا سنڌي شاعريءَ جا نمونا ملن ٿا.جڏهن ته ديني تبليغ جي حوالي سان مذهبي شاعري پڻ ملي ٿي. هن دؤر جو هڪ ٻيو حوالو سسئي پنهون ، مومل راڻو، عمر مارئي ۽ ڪي ٻيا داستان آهي جيڪي هن زماني ۾ ٿي گذريا. هنن داستانن ۽ قصن جي اهميت تي مشهور محقق مولائي شيدائي لکي ٿو ” سومرن جي دؤر جا رومانوي قصن ۽ آکاڻين سان پريل آهي، جيڪڏهن اهي قصا نه هجن ها ته شايد سنڌ جو دور ماضي اسان جي نظر کان غائب رهجي وڃي ها.“ 14

سومرن جي 19 حاڪمن سنڌ تي راڄ ڪيو جنهن مان آخري حاڪم همير هو جنهن کان پوءِ حڪومت سندس هٿ مان هلي وئي. تاريخي احوالن مان معلوم ٿئي ٿو ته همير سومرو هڪ اهڙو حڪمران هو جنهن مان ماڻهو بيزار ٿي چڪا هئا ان ڪري سمن ڪڇ مان اچي ڪيس قتل ڪري حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ڪيون. بحرالحال سمن لڳ ڀڳ 170 سال سنڌ تي حڪومت ڪئي ۽ سمن مان 18 ڄڻا سنڌ جا حاڪم رهيا جن مان ڄام نظام الدين عرف ڄام نندي کي تمام وڏي حيثيت حاصل هئي. هن 900 هه ڌاران ساموئي ننگر پرسان ٺٽي نالي هڪ نئون شهر قائم ڪرايو جيڪو جلد هڪ تمام وڏو علمي ادبي مرڪز بڻجي ويو ايتري قدر جو هتان جي علم جي هاڪ ٻڌي ايران ، خراسيان ۽ بغداد جا ڪيترا ماڻهو هتي علم پرائڻ آيا. هن شهر کي ايشيا جو دارُالعُلُومِ (علمن جو شهر، اسڪول، مدرسو، علم جو گهر) پڻ سڏيو ويو. ڄام نندو جي حڪومت واري زماني ۾ سنڌ جي ماڻهن ڪجهه سک جو ساهه کنيو. ” هن جي ڏينهن ۾ رعيت سک ۽ آرام سان وقت گذاريو. سياحن ۽ واپارين کي هر طرح سان سهولتون مليل هيون.“ 15

سمن جو آخري حاڪم ڄام فيروز هو جيڪو 1519 ڌاري ئي سنڌ تان پنهنجي حڪمراني وڃائي ويٺو هو. ٺلٺيءَ جي ميدان تي جڏهن سما فوج جي سپهه سالار دريا خان وڙهندي وڙهندي جنگ ۾ جان ڏني ته ڄڻ سمن جي سلطنت جو خاتمو اچي ويو. اهڙيءَ ريت شاه بيگ ارغون جي فوج 1519ع ۾ ٺٽي

شهر ۾ مسلسل پنجن ڏينهن تائين رت وهائيندي رهي ۽ ڪوس ڪندي رهي.آخرڪار ڄام فيروز شاهه بيگ ارغون جي دربار ۾ حاضر ٿي پنهنجي شڪست قبول ڪئي.شاهه بيگ 1521ع ۾ وفات ڪئي. جنهن ڪان پوءِ سن 1523ع ۾سڄي سنڌ جون واڳون مرزا شاهه حسن ارغون جي هٿ ۾ آيون جنهن بکر ۽ سيوهڻ سوڌو سڄي سنڌ تي قبضو ڪري ورتو. 967هه ۾ مرزا شاهه حسن جي وفات ڪان پوءِ سنڌ ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي. بکر ڪان سيوهڻ واري حصي تي سلطان محمود حڪمراني ڪرڻ لڳو ته سيوهڻ ڪان لاهري بندر يعني سمنڊ تائين جيڪو علائقو هو تنهن تي مرزا عيسيٰ ترخان راڄ ڪرڻ لڳو. 982هه ۾ جڏهن سلطان محمود جي وفات ٿي تڏهن هندوستان تي مغلن جو راڄ هو جن موقعو ڏسي بکر کي مغليه سرڪار جو حصو بڻائي ورتو. اهڙيءَ طرح 1001 هه بمطابق 1592ع ۾ اڪبر جي فوج جي سپهه سالار عبدالرحيم خانان خانان لاڙ ۽ ٺٽي واري حصي کي به مغليه سرڪار سان ملائي ورتو. اهڙيءَ طرح سنڌ مغلن جي هٿ چڙهي وئي ۽ ڪيترا سال سنڌ جو وهنوار مغل نوابن جي ذريعي هلندو رهيو. مغل نوابن جي دؤر م سنڌ جي هارين سان سراسر ناانصافي ٿيڻ لڳي تنهن ڪري شاهه عنايت پنهنجي ساٿين سان گڏجي ''جو کيڙي سو کائي'' جو نعرو هڻي وقت جي حاڪمن کي چيڙائي وڌو. آخرڪار شاهه عنايت کي پنهنجي ساٿين ذريعي شهيد ڪيو ويو. جنهن ڪان پوءِ 1718ع ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي جو پٽ نورمحمد ڪلهوڙو سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ تي ويٺو، پر سنڌ ان دؤر ۾ به مڪمل طور آزاد نه رهي. هڪ طرف ڪلهوڙا مغلن جي رحم ڪرم تي رهيا ته ٻئي طرف ٻاهرين لٽيرن سنڌ کي سوڙهو ڪيو. '' سن 1739ع ۾ نادر شاهه دهليءَ کي ڦري سنڌو نديءَ جي الهندي ڪنارن وارا ملڪ پنهنجي قبضي هيٺ رکيا. ميان نورمحمد ساليانو ويهه ڪ رپيا ڍل ايراني فاتح کي ڏيڻ منظور ڪيا. تنهن ڪان پوءِ 1747ع ۾ احمد شاهه دراني ڍل وٺڻ لڳو.'' 16

ڪلهوڙن جي دؤر شاهه لطيف جي حوالي سان پڻ ياد رکيو ويندو آهي. ڪلهوڙن ڪان پوءِ سنڌ تي ٽالپرن جي حڪمراني قائم ٿي. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي سٺي حڪومت هلائي پر ان ڪان پوءِ ايندڙ حڪمران بهتر نظام نه هلائي سگهيا ۽ انهن ٽالپر سردارن خلاف رڻ ٻاري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ 1783ع ۾ مير فتح علي خان ٽالپر هالاڻيءَ واري جنگ ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ڏئي حڪومت پنهنجي هٿ ڪري ورتي. ٽالپرن ڪل 60 سال سنڌ مٿان راڄ ڪيو ،جن مان 6 امير حڪومت جي تخت تي ويٺا. سندن به چوياريون ٿيون، پهرين چوياري ۾ سنڌ کي ترقي نصيب ٿي، ٻي چوياري سنڌ لاءِ سٺي ثابت نه ٿي مير فتح علي 1802ع تائين حاڪم مقرر رهيو. هن سنڌ کي درست نموني هلائڻ لاءِ ٽن خاندانن ۾ ورهائي ڇڏيو. حيدرآباد جو تخت شهداداڻين لاءِ، ميرپور خاص مانڪاڻين لاءِ ۽ خيرپور سهراباڻين لاءِ. ٽالپرن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ انگريزن جي اچ وڃ گهڻي ٿي وئي. ٽالپر حڪمرانن انگريزن سان ڪوڙ ٺاهه به ڪيا پر آخرڪار 1843ع ۾ مياڻي ۽ دٻي جي ميدان ۾ ٽالپر فوج جي شڪست ٿي جنهن ڪان پوءِ سنڌ انگريزن جي راڄ جو حصو ٿي وئي.

سنڌ انگريز دؤر ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي. توڙي جو انگريز هتان جا رهاڪو نه هئا ۽ سنڌ جي حيثيت انهن جي راڄ ۾ به هڪ غلام علائقي جيتري ئي هئي پر اها حقيقت آهي ته سنڌ هن دؤر ۾ هر حوالي سان ترقي ڪئي.'' جڏهن انگريز سنڌ ۾ آيا ته سندن تجارتي مقصد هيا. هتان ڪچو مال ۽ سستي مزدوري حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ هنن کي مارڪيٽ جي ضرورت هئي جتي هو پنهنجي پيداوار کپائي نفعو ڪمائي سگهن.انهن مفادن جي پيش نظر هنن هتي ڪارخانا لڳايا ،روڊ رستا پليون ٺهرايون.علم ،هنر ۽ ادب جا ذريعا عام ڪيا. '' 17

انگريزن سنڌ جي زرخير زمينن مان بهتر آمدني حاصل ڪرڻ لاءِ بئراج ۽ نوان واهه تعمير ڪيا، پنهنجي فوجن ۽ عام ماڻهن کي هڪ هنڌ ڪان ٻئي هنڌ پهچائڻ لاءِ ريلوي رستو ٺهرايو. انگريز سرڪار جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ايڏا وڏا تعليمي ادارا نه ٺهرايا جيترا پنجاب ۾ ٺهرايائين پر ان باوجود سنڌ ۾ تعليم جي حوالي سان نوان اسڪول کليا . سنڌي ٻوليءَ جي نئين سر تشڪيل ڪري ان کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو. سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ عدالتي نظام ٺهيو. سنڌي ادب جي تمام گهڻي واڌ ويجهه ٿي ۽ انگريزي ادب جي معرفت سنڌي ادب ۽ ٻولي ۾ ادب جون نيون صنفون شامل ٿيون. مطلب ته سنڌ هن دؤر ۾ توڙي جو غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هئي ان جي باوجود هر ميدان ۾ ڪافي ترقي ڪئي. ٻي مهاڀاري جنگ ۾ انگلستان ۽ سندس اتحادين کي تمام وڏو نقصان پهتو تنهن ڪري انهن ملڪن جتي جتي

بيٺڪيتي راڄ قائم ڪيو هو اتان هو پوئتي موٽڻ لڳا. اهڙي طرح هندوستان ۾ به انگريزن خلاف سخت نفرت پيدا ٿي چڪي هئي تنهن ڪري انگريزن هتان وڃڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون. آگسٽ 1947ع ۾ گڏيل هندوستان کي مذهب جي بنياد تي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائي هو هتان هليا ويا، ان ورهاست تحت جتي مسلمان گهڻي تعداد ۾ هوندا ان علائقي کي مسلمان ملڪ پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويندو . اهڙيءَ طرح سنڌ کي پاڪستان ۾ شامل ڪيو ويو.

ڏنو وڃي ته سنڌوماٿريءَ جي تاريخ ۾ جن قديم شهرن جو ذڪر ملي ٿو تن ۾ موهن جي دڙي کي تمام وڏي حيثيت حاصل آهي پر ان کان سواءِ ٻيا به ڪي شهر آهن جيڪي ذڪر لائق آهن موهن جو دڙو ته هينئر کنڊرن يا آثارن جي حالت ۾ موجود آهن پر قديم سنڌ سان تعلق رکندڙ ڪي شهر اهڙا به آهن جيڪي اڄ به وسندڙ ۽ آباد آهن . انهن ئي شهرن مان هڪ شهر سيوهڻ جو پڻ آهي جيڪو سنڌ جي تاريخي شهر مان هڪ آهي. هن شهر سنڌ جي تاريخ جا ڪيترائي سٺا توڙي خراب دور ڏٺا آهن. هيءُ شهر تاريخ جي مختلف دورن ۾ اجڙندو به رهيو آهي ته وري اڏجندو ۽ وڌندو پڻ رهيو آهي.سيوهڻ سان گڏ اروڙ شهر پڻ سنڌ جي قديم دور جو اهم شهر آهي .هنن ٻنهي شهرن جو ذڪر ڪندي تاريخدان غلام محمد لاکو لکي ٿو: '' سنڌ جي تهذيب جي ابتدا ٿيندي ئي جيڪي شهر وسيا تن مان سيوهڻ ۽ اروڙ کي نمايان اهميت حاصل آهي.هي شهر ويدن توڙي مهاڀارت توڙي رامائڻ جي دور ۾ به وسيل ۽ آباد هئا'' 18

ان کان سواءِ آمري، جهڪر جو دڙو ،ديبل ،ڪاهوءَ جو دڙو ،سيوهڻ ،سمانگر ، برهمڻ آباد، بکر ۽ سوڏو سنڌ ۾ اهڙا ڪيئي ماڳ مڪان آهن جيڪي هن وقت دڙن يا کنڊرن جي حالت ۾ موجود آهن ۽ انهن ماڳن جي تاريخ اسان لاءِ تجسس جو سبب بڻيل آهي.

- سنڌي ثقافت جو پسمنظر ۽ جائزو:

سنڌو ماٿريءَ جي مختصر تاريخ تي روشني وجهڻ کان پوءِ هاڻي اسان سنڌي ثقافت ۽ ان جي پس منظر جو جائزو وٺنداسين.جنهن ذريعي اسان اهو سمجهي سگهنداسين ته ثقافت ڇا کي چئجي ٿو؟ اها ڪهڙي ريت جڙي ٿي؟ ۽ ثقافت قومن جي نمائندگي ڪيئن ڪري ٿي وغيره.

ثقافت عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ،جنهن جي لاءِ انگريزي ۾ culture جو لفظ ڪم ايندو آهي. درسي اردو لغت ۾ به ثقافت جي لاءِ culture جو لفظ ڪتب آڻي سمجهاڻي هن طرح بيان ڪئي وئي آهي:

''ثقافت (ث+قا+فت) اسم مونث

تهذيب – رهنے سهنے کے طریقے

(انگریزی ) کلچر culture

-

ثقافت میں عموما فنون لطیفہ ،علم و ادب اور طرز تمدن شامل سمجھے جاتے ھیں۔ '' 19

پر مٿي ڏنل وضاحت ثقافت جي اصطلاح کي سمجهڻ لاءِ ناڪافي آهي ، ڇو ته ثقافت هڪ وسيع معنيٰ ۾ ڪم ايندڙ اصطلاح آهي،تنهن ڪري اسان کي ان بابت ڪجهه وڌيڪ ڇاڻ ڪرڻي ٿي.آن لائين سنڌي وڪيپيڊيا مطابق:

''ثقافت (CULTURE)جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ يا انسان جي جسماني ۽ ذهني نشونما ۽ سڌارو . اصطلاح طور ثقافت مان مراد ''انسان جي ذاتي ۽ اجتماعي نشونما جا سمورا پهلو'' ورتي وڃي ٿي. ڪنهن معاشري جي رهاڪن جي عقيدن، علم، رهڻي ڪهڻي، ٻوليءَ ريتن رسمن، زندگيءَ جي وهنوار، ۽ حرڪت وغيره کي گڏي ثقافت ڪوٺيو وڃي ٿو.'' 20

اهڙيءَ طرح انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (آن لائين) انهن سڀني جزن کي واضح ڪيو آهي جن کي گڏائي ثقافت چيو وڃي ٿو.

''ڪنهن قوم جي ذهني، فڪري ۽ روحاني منظر نامي کي ثقافت چئبو آهي، جنهن ۾ مذهبي رسمون، تهذيبي قدر، تاريخي روايتون، معاشرتي رواج، مجلس جا آداب، توهم پرستي، روحاني عقيدا، غذائي عادتون، لباس، ٻولي، ادب، رهڻي ڪهڻي، عبادت جا طريقا، ڳائڻ وڄائڻ، ساز سرود، نچڻ ٽپڻ جا انداز، ٻارن جا رانديڪا، عورتن جا زيور، روزمره ۾ استعمال ٿيندڙ ٿانوَ، سيبي ٽوپي جا نمونا، ذهني جسماني تفريح، ڪيل تماشا، عرس، ميلا، عيدون ۽ مذهبي ڏينهن شامل ٿين ٿا.''21

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته ثقافت ڪنهن به قوم جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي،رسمن ريتن، سڻن قدرن ، اٿڻ ويهڻ توڙي ملڻ جلڻ جي طور طريقن، وهمن وسوسن، ٻولي، لباس، ڳائڻ وڄائڻ جي سازن، راڳن، عورتن جي زيورن، ميلن ملاکڙن ۽ عيدن تهوارن جي ڏينهن کي ملهائڻ جو ئي نالو آهي. ان مان اهو به مطلب وٺي سگهجي ٿو ته ڪنهن به ملڪ ۾ رهندڙ قوم جي زندگيءَ جي اجتماعي وهنوار کي ئي ثقافت چيو ويندو آهي.يعني انهيءَ قوم جي ماڻهن جو ملڻ جلڻ ڪهڙي نموني جو آهي. انهن جي مرڻي پرڻي جون ريتون رسمون ڪهڙيون آهن، انهن جا لباس لٽا ڪپڙا ڪهڙي رنگ ڍنگ جا آهن ۽ انهن جا وهم وسوسا، ٻولي ۽ روايتي گيت وغيره ڪهڙا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جو مشهور محقق ڊاڪٽر الانا به گهڻي پاڱي ثقافت جي سمجهاڻي ساڳئي ئي نموني ۽ تمام ٿورڙن لفظن ۾ پيش ڪئي آهي .جنهن ذريعي اسان ثقافت کي وڌيڪ سولائيءَ سان سمجهي سگهون ٿا.

”ثقافت جي دائري ۾ ماڻهن جي زندگي،کاڌو خوراڪ، رهڻي ڪهڻي ۽ لباس، ٻولي، ريتون رسمون، زراعت ۽ ان جا وسيلا اچي وڃن ٿا. مقامي ٻوليون به ثقافت جي دائري ۾ داخل آهن.“ 22

مجموعي طور تي ايئن چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن به قوم جي زندگيءَ جي سڄي وهنوار جي طريقي کي ثقافت چيو ويندو آهي. جنهن ۾ ڄمڻ کان وٺي مرڻ تائين جا سڀ طور طريقا، ريتون رسمون، ته ڏڻ، ويس وڳا، ويس وڳن جي پرت وغيره، کائڻ پيئڻ، ساز سرود، گيت گانا،خوشي غميءَ جا طريقا، اچڻ وڃڻ ۽ ملڻ جلڻ جو انداز، ڳائڻ وڄائڻ، ٻولي، وهم وسوسا ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه اچي وڃي ٿو. جيئن ته اڳ ۾ ئي اهو بيان ڪيو ويو آهي ته ثقافت معنيٰ ڪنهن به قوم جي زندگيءَ جي سڄي وهنوار جو طريقو، تنهن ڪري گهڻي پاڱي هر قوم جي زندگي گذارڻ جو طور طريقو پنهنجو هوندو آهي. بلڪه ثقافتي طرز ئي هڪ قوم کي ٻئي قوم کان جدا ڪندي آهي. ان جو مثال اسان ان طرح وٺي سگهون ٿا ته اجرڪ ٽوپي اسان جي ثقافت جو اهم اهڃاڻ آهي ۽ جيڪو سنڌين جو شان پڻ آهي، هاڻي جيڪڏهن ڪو سنڌي پنهنجي ثقافتي ويس ۾ پل جان ٻه سو ماڻهن جي وچ ۾ بيٺو هجي پر اسان کيس پري کان ئي سڃاڻي وٺنداسين ته اهو سنڌي آهي. اهڙي طرح عرب جيڪي لباس پائين تن کي ٿوب يا ٿؤب چون ٿا . هو مٿي تي جيڪو ڪپڙو پائين تنهن کي وري ڪفيئا چون . هاڻي جيڪڏهن هڪ سؤ غير عربن ۾ ڪو هڪ چٽو به پنهنجي لباس پائي بيٺل هوندو ته ماڻهو ان کي پري کان سڃاڻي وٺندو. يعني اهو لباس ئي آهي جيڪو هڪ قوم کي ٻي قوم کان جدا ۽ منفرد بيهاري ٿي . اهو لباس وري ثقافت جو اهم جز آهي. اهڙيءَ طرح ثقافت جا ٻيا به ڪيترائي اهم حصا آهن جن جي ذريعي اهي ٻي قوم جي ماڻهن کان مختلف نظر اچي سگهن ٿا. انهن ٻين طريقن ۾ ٻولي، ملڻ جلڻ جو ڍنگ ۽ ٻيون شيون اچي وڃن ٿيون . ان ڪري هر قوم جي ثقافت به الڳ هوندي آهي. پر ڪٿي ڪٿي ٻن مختلف قومن جي وچ ۾ تاريخي لڳ لاڳاپن يعني آمد ورفت هجڻ ڪري يا وري هڪٻئي جي ويجهو رهڻ ڪري ثقافت سان لاڳاپيل ڪيتريون ئي شيون هڪجهڙيون هونديون آهن.ثقافت ڪنهن ڏينهن ،هڪ مهيني يا هڪ سال جو معاملو نه آهي ، پر ان کي جڙڻ ۾ ڪيئي صديون لڳي وينديون آهن. ثقافت ڪنهن هڪ نسل جو جڙاءُ نه آهي پر ان جي پويان ڪيترن ئي نسلن جي زندگي آهي. اها پل ته ڪنهن هڪ قبيلي کان شروع ٿيندي هجي پر هوريان هوريان اها ان ملڪ ۾ رهندڙ سڀني قبيلن جي ميراث ۽ ملڪيت ٿي ويندي آهي.

سنڌي ثقافت جو بنياد ڪو راتو رات نه پيو آهي، بلڪه اها هتان جي ماڻهن جي صدين جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن ۽ طور طريقن جو مجموعو آهي جيڪو نسل در نسل هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تان منتقل ٿيندو پيو اچي. سنڌي ثقافت دنيا جي قديم ثقافتن منجهان هڪ آهي جنهن جي قدامتن جا ڪجهه آثار اسان کي موهن جي دڙي مان پڻ مليا آهن. مثال طور موهن جي دڙي مان ڪنگ پريسٽ جي مجسمي تي جيڪي ٿلڙين جا نشان آهن تن جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي نشان اصل ۾ اجرڪ جا آهن.يعني مورتي ٺاهيندڙ فنڪار جنهن وقت اها مورتي ٺاهي ته ان تي اهي ڇٽ اجرڪ جي ڇٽن کي تصور ۾ آڻي ٺاهيا. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته اجرڪ ان وقت به ماڻهن جي لباس جو اهم حصو هو.موهن جي دڙي جا ماڻهو ڳائڻ وڄائڻ ۽ ناچ رقص سان پڻ دلچسپي رکندڙ هئا جيڪا ڳالهه اڄ تائين اسان جي ثقافت جو اڻٽوٽ حصو آهي . ان حوالي سان ڊاڪٽر ممتاز پٺو لکي ٿي. ؛ ”هي ماڻهو ڳائڻ وڄائڻ ۽ مذاق زريعي ماڻهن ۾ مزاح پيا پيدا ڪندا هئا.شاديءَ يا غميءَ ۾ مختلف سرگرميون يا ڪم ڪار ڪندا هئا. اهڙا سڀ ڪم جيڪي اجتماعي

طور ڪي ويندا هئا ۽ هڪٻئي کي آسرو ڏيڻ ۽ تعلق وڌائڻ لاءِ هئا. سنڌ جي وادي جي ثقافت جي دائري ۾ اچن ٿا.“ 23

ڊاڪٽر صاحبه جي مٿين ڳالهه مان هڪ نقطو اهو به نروار ٿئي ٿو ته جيڪي عنصر ملي ثقافت ٺاهين ٿا تن مان گهڻا اهڙا آهن جيڪي ماڻهن کي هڪٻئي سان ملائين ٿا ۽ ماڻهن جو هڪٻئي سان ميل جول ۽ واسطو وڌائين ٿا . انهن جا اسين هتي فقط به مثال ڏيون ٿا ، جيئن راڳ رنگ آهي جنهن ذريعي گهڻن ماڻهن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو ويندو هو ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري پڻ آهي . ٻيو مثال آهي شادي غمي يا مرڻي پرڻي جون ريتون رسمون جن ۾ پڻ پري پري جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ هڪٻئي جي ڏک سک ۾ ڀائيوار ٿيندا آهن . اهڙيءَ ريت ڏٺو وڃي ته صرف اسان کي ٻين قومن کان الڳ يا علحده ڪو نه ٿي ڪري ، اها صرف اسان جي زندگيءَ جي طور طريقن جي نمائندگي ڪو نه ٿي ڪري پر اها اسان کي هڪٻئي سان ملائي پڻ ٿي، اها هڪ ملڪ جي مختلف ماڻهن کي مختلف بهانن سان هڪ جاءِ تي گڏ پڻ ڪري ٿي. ٻئي طرف ڏٺو وڃي ته ثقافت جي واڌ ويجهه به ماڻهن سان ئي آهي، جيڪڏهن ماڻهن جو ميل جول يا ويجهڙائي ختم ٿي وڃي ته هوند ثقافت به پنهنجو اثر وڃائي ويهي.

- سنڌي ثقافت جا اهم جزا

سنڌي ثقافت جو دائرو تمام وسيع آهي. اها فقط ڪنهن لباس ،ملڻ جلڻ جي طور طريقن يا مرڻي پرڻي تي ٿيندڙ ريتن رسمن جو ئي نالو نه آهي پر ثقافت جو دامن تمام گهڻو وسيع آهي، جنهن ۾ ڪيترين ئي شيون اچي وڃن ٿيون. سنڌي ثقافت ۾ لباس هڪ تمام اهم حيثيت رکي ٿو. ثقافت جو هيءُ جز اسان جي پري کان ئي سڃاڻپ ڪرائيندو آهي. قميص شلوار ۽ اجرڪ ٽوپي پهريل ماڻهو پري کان ئي ڏسبو ته پڪ ٿيندي ته اهو سنڌي آهي. اهڙي طرح ٻولي پڻ اسان جي اهم سڃاڻپ آهي جنهن ذريعي ماڻهوءَ کي سڃاڻي سگهجي ٿو ته اهو سنڌي آهي يا غير سنڌي؟ ان کان پوءِ ملڻ جا طور طريقا آهن جيڪي اسان جي ثقافتي زندگيءَ جا مضبوط بنياد آهن. اهڙيءَ طرح مهمان نوازيءَ جي رسم پڻ اسان سنڌي ماڻهن جي ثقافت جو حصو آهي. مهمان ايندو ته دل باغ باغ ٿي ويندي ۽ کٽ تي رلهي وڇائي يا پٽ تي تڏو رکي مهمان جو آڌرڀاءُ ڪبو ۽ پوءِ ان کان حال احوال وٺبو ،ڪيس ماني ٽڪي کارائبي. ويندي وقت پنهنجي وت آهر آيل مهمان کي ڪجهه نه ڪجهه تحفي يا سوکڙي طور به ڏبو. غور سان ڏٺو وڃي ته ثقافت کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، هڪ مادي ۽ ٻيو غير مادي. مادي مان مراد آهي اهي شيون جيڪي پنهنجو وجود رکنديون هجن جيئن لباس، (اجرڪ ٽوپي، پٽڪو ،شلوار قميص وغيره) ڳائڻ وڄائڻ جا ساز (يڪتارو،سرندو،بين وغيره) ،زرعي استعمال ۾ ڪم ايندڙ شيون (ڇڄ ،ڪهاڙي، ڏاٽو وغيره) ۽ اهڙا ٻيا به ڪيئي مثال ڏئي سگهجن ٿا جن تي اڳتي هلي تفصيل سان لکبو. ثقافت جو ٻيو حصو غير مادي آهي جيئن ريتون رسمون، رهڻي ڪهڻي، اخلاقي قدر، ملڻ جلڻ جو انداز، گيت، وغيره. انهن سڀني شين کي اسان غير مادي ان لاءِ چئون ٿا ته اسان انهن کي نه ڇهي سگهون ٿا ، نه ڏسي سگهون ٿا جيئن اسان ثقافت جي مادي جزن ٽوپي اجرڪ کي ڏسي ۽ ڇهي سگهون ٿا. هاڻي اچو ته سنڌي ثقافت جي اهم جزن تي تفصيلي روشني وجهون.

<u>**(الف) مذهبي عقيدا:**</u> سنڌي ثقافت جي اهم جزن ۾ نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا پڻ شامل آهن، جن جي ذڪر کان سواءِ سنڌي ثقافت کي پوريءَ طرح سمجهي نه ٿو سگهجي. تاريخي اعتبار کان ڏٺو وڃي ته سنڌ ڌرتي ڪيترن ئي مذهبن جي ڌرتي رهي آهي. دنيا جي اڪيچار مذهبن مان هتي خاص طور چئن مذهبن جو وڌيڪ اثر رهيو آهي جن ۾ ٻڌ ڌرم، جين ازم، هندو ازم ۽ اسلام شامل آهن. سنڌ جي تهذيب جو اهم ماڳ موهن جو دڙو آهي جيڪو وري انهن سڀني مذهبن کان گهڻو اڳ وسيل شهر هو . ماهرن جي راءِ مطابق ”دلچسپيءَ جي ڳالهه اها آهي ته اڳوڻي مصر جي سڀيتا جي ابتڙ سنڌو سڀيتا ۾ ڪنهن عبادت جي جاءِ جو ثبوت ناهي ملي سگهيو.“ 24

ها البت ڪن ماهرن جي راءِ مطابق اهي ماڻهو جل ديوتا جي عبادت ضرور ڪندا هئا يعني اهي پاڻيءَ کي ديوتا سمجهي ان جي پوڄا ڪندا هئا. جيتوڻيڪ اها ڳالهه اڃان تصديق ٿيل نه آهي ۽ فقط هڪ مفروضو آهي جنهن کي ثابت ڪرڻ جي ضرورت آهي پر ان باوجود پراڻي سنڌي سماج ۾ اهڙي ڪنهن امڪان کي رد ڪري نه ٿو سگهجي. شاهه لطيف جي شاعري پڙهي ڪري اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي

ويجهي تاريخ ۾ عورتون سمنڊ ڪي پيٽا ڏينديون هيون ته جيئن سندن من جون مرادون پوريون ٿي سگهن . شاهه لطيف جو سر سامونڊي ان جي شاهدي ڏئي ٿو. اهڙيءَ طرح چئي سگهجي ٿو ته اها به ان دور جو هڪ مذهبي عقيدو هو. بهرالحال اها سنڌ جي پراڻي دور جي ڳالهه آهي، هن وقت سنڌ جي وڏي آباديءَ جو مذهب اسلام آهي جيڪو هڪ عالمگير دين آهي ۽ دنيا جي ٻين ڪيترن مذهبن وانگر هن ۾ پڻ موت کان پوءِ واري زندگيءَ تي يقين آهي ۽ اهو عقيدو آهي ته ماڻهو اگر هن دنيا ۾ نيڪيون ڪندو ته ان جو سلو ڪيس آخرت ۾ ضرور ملندو. اهڙي طرح انسان آخرت ۾ اجر ملڻ لاءِ هن دنيا ۾ نيڪيون ڪري ٿو. سنڌيءَ ۾ مشهور چوڻي پڻ آهي ته "ڏهه دنيا ستر آخرت" واري ڳالهه ماڻهن جي عقيدي ۾ شامل آهي تنهن ڪري اهي هن دنيا ۾ مسڪينن ،غريبن جي مدد ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح انهن ۾ همدرديءَ وارو جذبو پيدا ٿئي ٿو. " وطن جي حب ايمان جو جزو آهي" اها حديث پاڪ آهي جنهن ۾ عقيدو رکي ماڻهو پنهنجي وطن سان محبت جو جذبو رکن ٿا . اهڙيءَ طرح حب الوطنيءَ جهڙو انساني قدر پيدا ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح ڏٺو وڃي ته انساني ثقافت کي ناهڻ ۾ مذهبي عقيدن جو تمام وڏو هٿ آيو.

مذهبي ڏهاڙا جيئن عيد براد، هولي وغيره انساني ثقافت جا اٽوٽ حصا آهي. ڏٺو وڃي ته ثقافت جا ٻيا اهم جزا جيئن ماڻهن کي هڪٻئي سان ملائين ٿا ۽ هڪٻئي جي ويجهو آڻين ٿا، مذهبي ڏهاڙا پڻ اهو ئي ڪم ڪن ٿا، پوءِ اها عيد هجي يا هولي يا اجان ڪي ٻيا ڏينهن. اهي سڀ ڏهاڙا مذهبي عبادت سوڌو ڀائپي برادري ۽ ميٺ محبت جو درس ڏين ٿا.عيدن برادن جي موقعن تي اوري پري جا ماڻهو نماز پڙهڻ کان پوءِ هڪ ٻئي کي ڳلي لائي مبارڪون ڏين ٿا ۽ هڪٻئي ڏانهن سنا سنا طعام موڪلين ٿا جنهن سان هڪٻئي ۾ ڀائپيءَ جو رشتو مضبوط ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح هوليءَ ۾ پڻ ماڻهو هڪٻئي تي رنگ هارين ٿا، پاڻ ۾ خوشيون ورهائين ٿا جنهن سان سندن دلين ۾ هڪٻئي لاءِ پيار ۽ احترام وڌي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح مرڻي پرڻي جون ريتون رسمون جيڪي مذهب سان لاڳو آهن يا جيئن مذهب ۾ ڏسيو ويو آهي اهي پڻ اسان جي اهم ريتن رسمن ۽ طور طريقن ۾ شامل آهن.حاصل مطلب ته مذهب توڙي مذهبي عقيدا اسان جي ثقافت جوڙڻ ۾ معاونت ڪن ٿا ۽ انهن سان انساني همدردي، ڀائپي، حب الوطني جهڙا ڪيترا اعليٰ اخلاقي قدر ۽ زندگي گذارڻ جا طور طريقا پيدا ٿين ٿا. ان حوالي سان ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر مطابق؛ "انسان جي ثقافت جوڙڻ ۾ مذهب تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. پرڻي جون رسمون يا مرڻي جا ساٿ سوڻ ، فن مورت سازي يا فن تعميرات اهي سڀ مذهب جي مرهون منت آهن." 25

حاصل مطلب مذهبي عقيدا اسان جي سنڌي سماج جي ثقافت جي معاونت ڪن ٿا.

**<u>(ب) وهم وسوسا، درگاهون، فن تعمير، گهر، طعام ۽ خيرات:</u>** ماهرن جي راءِ مطابق سماج پاڻ ڪا به شيءِ نه آهي بلڪه سماج ماڻهن جي جٿي، گروهه يا ٽولي کي چئجي جيڪو منظم هجي يا ڪنهن صورت ۾ پلي چڙوچڙ به هجي.اهڙيءَ طرح ثقافت به ڪا جدا شيءِ ڪونهي ۽ نه ئي وري اها ڪا الڳ حيثيت رکي ٿي بلڪه ثقافت ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، انهن جي ريتن رسمن، لباس،راڳ رنگ، ۽ وهمن وسوسن سوڌو مختلف شين کي گڏائي چيو وڃي ٿو جن ۾ تعميرات جو فن، درگاهون، گهر، طعام ۽ خيرات پڻ اچي وڃن ٿا. ڏٺو وڃي ته هر سماج جون پنهنجون ضرورتون آهن ۽ اهو نه ٿو ٿي سگهي ته سموري دنيا جي ماڻهن جو سماج هڪجهڙو هجي يا سندن رهڻي ڪهڻي هڪجهڙي هجي. انساني تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته قديم دور کان انسان مختلف وهمن وسوسن جو شڪار رهيا آهن ۽ هينئر به رهندا پيا اچن. سنڌي سماج ۾ پڻ وهم وسوسن جو گهڻو اثر رهيو آهي. سنڌ جي تاريخ جا ورق ورائڻ سان معلوم ٿيندو ته "سنڌ ۾ هندو خواهه مسلمانن ۾ وهم ۽ وسوسا به ساڳيا هوندا هئا." 26

اهو سلسلو اجان تائين هلندو پيو اچي. سنڌي سماج ۾ انهن وهمن وسوسن جو هڪ وڏو تعداد موجود آهي جيڪو مختلف شين سان لاڳو آهي. مثال طور وڻ انسان جو پراڻي دور کان ساٿي رهيو آهي جنهن مان هن گهر ٺاهيا آهن، جنهن مان هن پنهنجي بچاءَ جا وسيلا هٿ ڪيا آهن، تنهن جي لاءِ سنڌي ماڻهن ۾ مختلف وهم وسوسا ويٺل آهن. جيئن " ٽاڪ منجهند جو ڪنهن اڪيلي وڻ هيٺان نه لنگهجي" يا وري " فلاڻو وڻ ڳورو آهي ان جي ويجهو نه ويندا ڪريو" وغيره. حقيقت ۾ اهي ڳالهيون فقط وهمن ۽ وسوسن ۾ شمار ٿين ٿيون ۽ عقلي طور انهن ڳالهين ۾ ڪا به سچائي نه هوندي آهي. اهڙيءَ طرح اسين پکين جي حوالي سان پڻ مختلف وهمن جو شڪار آهيون جيئن چبري کي بدبخت پکي تصور ڪرڻ ، ڪانءَ جي ٻولڻ کي ڪنهن مهمان جي اچڻ جي نشاني سمجهڻ . اهي وهم وسوسا وڻن ۽ پکين سان گڏ مختلف جانورن لاءِ پڻ

آهن جيئن ڪاري ٻلي رستي ايندي اڳيان لنگهي وئي ته ان کي برو سمجهيو ويندو. اهڙيءَ ريت اهي وهم ۽ وسوسا انسانن سان به لاڳو ڪيا ويا آهن ۽ خاص طور تي صنفي معاملي ۾ به وهم وسوسا گهڻا آهن جيئن ” ڌيءُ جو ڄمڻ نپاڳ ۽ پٽ جو ڄمڻ سڀاڳ ليکيو ويندو آهي. “ 27

اهڙي نموني سنڌي سماج ۾ اهڙا ڪيترائي وهم وسوسا آهن جن جو تعلق هتان جي ماڻهن ۽ سماج سان آهي. ٻي طرف ان جو ثقافت سان پڻ واسطو آهي چو ته هر سماج جا وهم وسوسا الڳ الڳ هوندا آهن ۽ اهي ڪنهن خاص سماج جي ثقافت جي نمائندگي ڪندا آهن.

ساڳئي طرح هر هڪ سماج ۾ عمارت سازي يا فن تعمير به پنهنجي پنهنجي نموني جي هوندي آهي. سنڌي ان معاملي ۾ دنيا جي انهن قومن منجهان هڪ آهن جن کي قديم زماني کان فن تعميرات يا عمارت سازيءَ ۾ دسترس حاصل رهي آهي. ان حوالي سان ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. سنڌ ۾ عمارت سازيءَ جو فن ايتري ته عروج تي پهتل هو جو عرب سياح جڏهن سنڌ آيا ته اهي هن فن بابت سنڌين جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ بلڪل به رهي نه سگهيا. جيئن عرب سياح المسعودي سنڌ بابت اشارو ڪندي لکي ٿو.

”هت زر ۽ جواهر سان مرصع ( سينگاريل ) محل ٺاهيا ويا.“

عرب دور يا ان کان اڳ ٺهيل عمارتون هاڻي محفوظ نه رهيون آهن پر تاريخي ڪتابن ۾ انهن جو تذڪرو ضرور ملي ٿو. اهڙي طرح سمن جي دور کي فن تعميرات جي حوالي سان گهڻو ياد رکيو ويندو آهي.

”سنڌ ۾ سمن جو دور اڏاوتي هنر جي حوالي سان هڪ ڏاڍو شاندار دور هو. مڪلي ۽ ٺٽي ۾ گهڻيون ٽٽيون اڏاوتون ان دور جون ئي يادگار آهن.“ 28.

ان حوالي سان مڪلي ۾ ڄام نظام الدين جو مقبرو يا چوکنديءَ قبرستان سنڌ جي فن تعمير جي گواهي ڏين ٿا. سنڌي ماڻهن جا گهر پڻ پنهنجو خاص ثقافتي ۽ سماجي پسمنظر رکن ٿا ۽ اهي ٿوري گهڻي فرق کان سواءِ تقريبن ساڳئي ئي سٽاءَ جا ٺهيل هوندا آهن . ان جو مثال ٻهراڙين ۾ ڏسي سگهجي ٿو. وڏي ۽ ڪشادي ميدان تي ٺهيل گهر جنهن جي اڳيان ورانڊو ۽ دالان. سنڌي ماڻهو خاص طور تي گهر جو منهن ڏکڻ ڏي ئي ڪن چو ته ڏکڻ جي طرف کان ايندڙ هير سان کين بيحد پيار آهي. اهڙي نموني سنڌ جي جنهن به علائقي ۾ وڃبو اتي موجود گهر لڳ ڀڳ هڪ جهڙا ئي هوندا ۽ ساڳي ئي سٽاءَ سان ٺهيل هوندا. ٿر ۾ وڃبو ته اتي ٺهيل چؤنرا به تقريبن ساڳيا ئي ملندا. حاصل مطلب ته سنڌي ماڻهن جا گهر به هڪ خاص ثقافتي ڍنگ سان ٺهيل آهن ۽ انهن ۾ گهڻي پاڳي هڪجهڙائي آهي. اها هڪجهڙائي هڪ الڳ ثقافتي سماج جي ڪري ئي آهي.عام طور تي سنڌي ماڻهن جا گهر ڪشاده ۽ هوادار هوندا آهن. سائين جي ايم سيد چواڻي ” جيڪڏهن رهڻ لاءِ هوادار، ڪشاده ،خوبصورت ۽ جديد ضرورتن وارو گهر نه آهي ته زندگيءَ جو لطف گهٽجيو وڃي.“ 29

تنهن ڪري سنڌي ماڻهو ان حقيقت کان چڱيءَ طرح واقف آهن ، سواءِ وڏن شهرن جي توهان کي سنڌ ۾ اڪثر ڪشاده ۽ هوادار گهر ملندا جنهن جي آڳنڌ (اڱڻ، صحن) تي پنج ڏهه کٽون رکڻ جي پڻ سهولت هجي سنڌي ماڻهو انهيءَ ڳالهه کي ترجيح ڏيندا آهن. پر تنهن هوندي به وقت ۽ دور ۾ تبديلي سبب سماج ۽ ثقافت ۾ پڻ تبديلي آئي آهي. رهڻ جا طريقا بدلجي ويا آهن. تنهنڪري سنڌي معاشري ۾ به ننڍا ننڍا گهر تعمير ٿيڻ لڳا آهن. خاص ڪري پلاٽنگ جي ڪري سماج ۽ رهڻي ڪهڻي تي وڏو اثر پيو آهي.

درگاهون پڻ سنڌ جي ثقافت کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم مددگار رهيون آهن.ثقافت جي ٻين اهم جزن وانگر درگاهن پڻ مختلف علائقن، مختلف ذاتين ۽ مذهبن جي ماڻهن کي هڪٻئي جي ويجهو آندو آهي ۽ انهن ۾ هڪ قسم جي اجتماعيت واري سوچ پيدا ڪئي آهي. فقط ايترو ئي نه پر انهن درگاهن تان ماڻهن کي رواداري، انسانيت ۽ عالم امن جهڙا نه وسرڻ جهڙا درس مليا آهن جنهن سان سماج کي نيون راهون مليون آهن. اهي درگاهون ئي آهن جن ڪيئي صدين کان ماڻهن جي ڏکن کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهي درگاهون ئي آهن جن هتي رهندڙ مختلف مذهبن جي ماڻهن کي پائيچاري سان رهڻ جو درس ڏنو آهي. نه ته انسانن کي ذات پات، رنگ نسل ۽ مذهب جي بنياد تي ايترو ته ورهايو ويو آهي جو هوند صوفين جي فڪر تي هلندڙ درگاهون نه هجن ته جيڪر وڏا فساد پيدا ٿي پون . بقول ڊاڪٽر سيد عبدالله:

" ان حالات میں میل جول کے سب سے بڑے مقام صوفیوں کی خانقاہیں تھیں جہاں انسان کو انسان سے ملانے کی کوششیں ہوئیں ۔اس ملاپ کا سب سے بڑا وسیلا دکھ تھا۔ اس سے دردمندی کا ایک مشرب ابھرا جس میں صوفی حضرات کے نزدیک بلا امتیاز مذھب و ملت سے انسان برابر تھے۔ " 30
صوفي بزرگن جي انهن درگاهن توڙي خانقاهن وٽان عام ماڻهوءَ کي سدائين اخلاقي ۽ انساني قدرن جو سبق مليو آهي جنهن هر مذهب توڙي ذات جي ماڻهن تي هاڪاري اثر ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو صدين کان وٺي اسان جي سنڌ ۾ هندو مسلمان ميٺ محبت ۽ پائيپيءَ سان گڏ رهندا آيا آهن. اهو سڀ ڪجهه اسان جي بزرگن ، صوفين ۽ درگاهن تي ملندڙ درس جو نتيجو آهي جو صدين کان به الڳ مذهب هئڻ باوجود هندو مسلمان هڪٻئي جي خوشي توڙي غم ۾ شريڪ رهيا آهن. تاريخ شاهد آهي ته عيد هجي توڙي محرم جو ماتم سنڌ جا هندو مسلمانن سان اهڙن موقعن تي گڏ گڏ هوندا هئا، اهڙيءَ طرح مسلمان وري هولي توڙي ٻين تهوارن ۾ هندن سان گڏ هوندا هئا بلڪه ڪٿي ڪٿي اهي منظر اڄ به ڏسي سگهجن ٿا.ٻئي طرف درگاهن تي ٿيندڙ راڳ رنگ پڻ اسان جي ثقافت جو اهم جز آهي، جنهن جي ذريعي فنڪار عام ماڻهن جي دلين ۾ رواداري، انسانيت ۽ وحدانيت جهڙا سبق سمائي ۽ هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيندا آهن.

سنڌي ماڻهو گهڻين ڳالهين ۾ دنيا جي ٻين قومن کان نرالا آهن ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون ٻي دنيا کان گهڻي قدر مختلف ئي آهن . هونئن به هر قوم جون ريتون رسمون الڳ الڳ هونديون آهن، پوءِ اڳتي هلي مذهبي هڪ جهڙائي يا ڪنهن ٻئي سبب ڪري ڪجهه قومن جي رهڻي ڪهڻي ۾ برابري اچي ويندي آهي. پر اها برابري يا هڪ جهڙائي به سؤ سيڪڙو نه ٿي ٿي سگهي. سنڌ جي ماڻهن جي انهن ريتن رسمن مان خيرات به هڪ آهي جيڪا سندن ڪلچر جو اهم حصو آهي. غريب هجي توڙي شاهوڪار، هاري هجي توڙي زميندار، واپاري هجي توڙي دڪاندار، سنڌ جو ماڻهو سال جي مختلف موقعن تي ننڍيون يا وڏيون خيراتون ضرور ڪندو رهندو آهي. هو خيرات کي پنهنجي رزق جي واڌاري جو سبب سمجهندو آهي ۽ هو وڏي ڪشادي دل سان خيراتون ڪري مسڪينن، معذورن، بي پهچ فقيرن، اوڙي پاڙي وارن توڙي مٽ مائٽن کي کاڌو کارائي خوش ٿيندو آهي. اهي خيراتون به مختلف مهل ۽ موقعن جي مناسبت سان ٿينديون آهن. مثال طور هڪ هاريءَ جو فصل جڏهن سٺو لهندو آهي يا پيداوار پلي ٿيندي اٿس، اپت مان چڱو ناڻو ڪمائيندو ته هو پنهنجي فصل جي بچت مان يا وَسَ ۽ وِتُ آهَرَ خيرات ڪندو آهي. هونئن فصل جي لاب وقت به فقيرن کي هو خيرات ڏيندو آهي. اهڙي نموني سان جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪو مٽ مائٽ بيمار ٿيندو آهي ته هو ان جي صدقي ۾ خيرات ڪندو آهي ته جيئن اگهو جلد سگهو ٿي وڃي. وري جيڪڏهن ڪو ماڻهو فوت ٿي وڃي ته ان جي فوتگي وقت يا ڪجهه ڏينهن ان مرحيات جي ثواب لاءِ خيرات ڪن ۽ اوڙي پاڙي وارن کي به کاڌو کارائين ته فقيرن ۽ مٽن مائٽن کي به خيرات جي ماني کارائين. سنڌ جي ڪلچر جي هيءَ ڳالهه ٻين سڀني ڳالهين کان ان ڪري به نرالي آهي ته هن ۾ ذات پات، رنگ نسل جو ڪو به ڀيد ڀاءُ نه ڪيو ويندو آهي ۽ هر ايندڙ ماڻهوءَ کي خيرات جي ماني کارائي ويندي آهي. اهي سڀ ڳالهيون سنڌي ثقافت جو اهم پهلو رهيون آهن جن سان سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي سماج جي الڳ سڃاڻپ ۽ حيثيت ٿيندي آهي. هنن پهلوئن مان رواداريءَ جو سبق ملي ٿو.

- سنڌين جي رهڻي ڪهڻي جو طريقو:

**(الف) شادي ۽ غمي جا رسم رواج:** سنڌي ماڻهن جي شادي توڙي غميءَ جا رسم رواج به دنيا جي گهڻين قومن کان نرالا ۽ منفرد آهن. جيتوڻيڪ انهن رسمن ۾ ڪجهه اهڙيون رسمون پڻ آهن جيڪي مذهب سان تعلق رکن ٿيون پر انهن مذهبي رسمن کان سواءِ گهڻيون رسمون اهڙيون آهن جن جو هندوازم توڙي اسلام سان ڪو به واسطو ناهي ۽ اهي رسمون سنڌ جي قديم ثقافت سان تعلق رکن ٿيون." شاديءَ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار کي لائنون ڏيڻ ، لائن کان اڳ ۾ ڳانو ٻڌڻ ،ميندي لائڻ ، ڍڪڻ پيڻ، ۽ انهيءَ سموري ٽڪساٽ ۾ لاڏا ۽ ڳيچ ڳائڻ سنڌي ثقافت جو ورثو اهي. "32

سنڌي ماڻهن وٽ شادي زندگيءَ جي ٻين سڀني خوشين وارن ڏهاڙن کان وڌيڪ اهميت رکڻ وارو ڏينهن آهي جنهن جي لاءِ هو سالن کان وٺي تياريون ڪندا آهن. هن ڏهاڙي اچڻ لاءِ هو سالن جا سال انتظار پڻ ڪندا آهن. سنڌي ماڻهن لاءِ شادي هڪ خوشبختيءَ جو اهڃاڻ هوندي آهي جنهن ۾ اوڙي پاڙي جا مٽ

مائٽ، مرد عورتون ،ننڍا وڏا هڪ هنڌ تي گڏ ٿيندا آهن. شاديءَ کان اڳ عورت کي باقاعده ونواهه ۾ ويهاريو ويندو،جنهن جي هلڪي تقريب ٿيندي. ونواهه معنيٰ اڌ وهاڻءُ، ان ۾ عورتن جي خوشي ڏسڻ وٽان هوندي آهي. ونواهه جون ريتون رسمون پنهنجون آهن، ان جا پنهنجا ڳيچ يا سهرا آهن.ونواهه ۾ به شاديءَ وانگر باقاعده ڇڄ وڃي ڪنواريتن جي گهر وڃبو آهي. ونواهه ۾ ويهڻ کان پوءِ ڪيترين راتيون گهوٽ جي گهر ۾ سهرا ٿيندا آهن، اوڙي پاڙي جون عورتون گهر جو ڪم ڇڏائي گهوٽ جي گهر ايندون ۽ رات جو گڏجي سهرا ڳائينديون آهن.

گهوٽ جي مائٽن کي گهوٽيتا ۽ ڪنوار واري ڌر کي ڪنواريتا چيو ويندو آهي. ڪنوار ونواهه ۾ ويٺي ۽ شاديءَ جا ڏينهن پڪا ٿيا ته گهوٽيتا شاديءَ جي انتظام ۾ لڳي ويندا. ڪي اوري پري مٽن مائٽن ، دوسن يارن کي ڪاج جي دعوت ڏيندا ته ڪي ڪاج جي لاءِ سودو سلف گيهه چانور گڏائڻ ۾ لڳي ويندا ۽ ساڳئي وقت ڪنهن سٺي راڌي (چانور رڌڻ وارو) جي پڻ ڳولا ۾ لڳي ويندا.اڄان شاديءَ ۾ ڪيئي ڏينهن پيا هوندا، هفتو يا ڏهه ڏينهن هوندا جو گهوٽيتن توڙي ڪنواريتن جون نياڻيون نماڻيون جيڪي اوري يا پري ڏنل هونديون سي سڏ ملڻ بعد اچي پنهنجي پنهنجي مائٽن وٽ پهچي وينديون. اهڙي نموني شادي انهن لاءِ هڪ قسم جو ميلو آهي جتي اهي پنهنجي مائٽن سان ملن ٿيون.” گهوٽيتا پهريائين پنهنجائيءَ واريون ڪنواريون نياڻيون ٽڪڻ ڪاڻ وٺي اچي پاڻ وٽ رهائيندا. جي ڪم ڪار ۾ هٿوباري به پيون ڪرائينديون ۽ اڪ ٽيٽ سان سڄي ڪاڄ جو انتظام رکڻ به پيون سگهنديون.مرد ماٺهو منهه يا چنو ٺاهڻ شروع ڪندا، جيئن چاچي سولا اچي رهن.“ 31

شاديءَ جا ڏينهن ٻڌا ۽ ڪنوار ونواهه ۾ ويٺي ته ڪنوار جو گهر جي ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ بند ڪيو ويندو ۽ ساڳئي طرح شادي جا ڏينهن ويجهو اچڻ تي گهوٽ کي هيڏانهن هوڏانهن اڪيلو ڪو نه ڇڏين. شاديءَ جا سڏ اوڙي پاڙي مٽ مائٽن کي ٻڌائيندا ته انهن مائٽن کي پائر وٺي پرچائڻ ويندا جيڪي ڪنهن ننڍي وڏي ڳالهه تي ڪاوڙيل هوندا. ان لحاظ شادي مرادي رسي ويلن کي پرچائڻ جو به هڪ سهڻو طريقو آهي.شاديءَ کان هڪ ڏهاڙو اڳ گهوٽ کي پيرون هٿن پيرن تي ميندي لڳائين . ان مينديءَ جي رسم جا سهرا الڳ ٿين.شاديءَ ڏينهن تي وري پائپي برادريءَ جا انوکا مثال ڏسڻ ۾ ايندا. گهوٽيتن جي ڪاج جي ڪم ۾ ڪنواريتا مرد توڙي مهمان ٿي آيل اوڙي پاڙي جا مٿير مرد سپ مصروف ٿي ويندا. ڪي چانورن جون ديگيون پچرائڻ ۾ مددگار ٿيندا ته ڪي باهه ٻارڻ ۾ ساٿ ڏيندا. پاڙي يا ويڙهي جو جيڪو چڱو مڙس هوندو ماني (پت) ورهائڻ جو ڪم ان جي مٿان رکندا.هوڏانهن وري شاديءَ کان اڳ ڪنوار جي ماءُ اوڙي پاڙي جي عورتن کي ڪنوار کي مليل ڏاج ڏيکاري سرهائيءَ جو اظهار پئي ڪندي. ڇڄ نڪرندي ته ننڍا وڏا جهومندا، جهمريون هڻندا اڳتي وڌندا هلندا. چاچين ۾ سرهائي ڏسڻ وٽان هوندي ، پوڙها پوڙهيون ،ننڍا وڏا اصل خوشيءَ ۾ ماپندا ئي ڪو نه. عورتن جي خوشي صفا عروج تي پهتل هوندي. گهوٽ ماءُ جو پير ته زمين تي پوندو ئي نه. گهوٽيتا ڳائي وڄائي ڪنواريتن جي در تي پهچندا ته ڪنواريتا چانور يا ڪي ٻيون شيءِ گهوٽيتن جي آجيان ڪندا.ڪڏهن ڪڏهن گهوٽيتن مرد توڙي عورتن کي مذاق منجهان ڪنواريتا ميندي ڳٽي تي به هڻي ويندا يا وري ڦٽاڪا چوڙي خوشيءَ جو اظهار ڪندا.اهڙيءَ طرح گهوٽ کي آٽي ماڻهن وچ ۾ ويهاريندا، هوڏانهن ڪنوار ان سمي ساهيڙين جي جهرمٽ ۾ ويٺل هوندي. ان تي يا ٻين ڪنوارين ڇوڪرين تي پرڏيل عورتن طرفان پوڳ چرچا پيا ٿيندا. ان کان پوءِ آڌيءَ رات ڌاران يا وري رات جي پوئين پهر ڪنوار ۽ گهوٽ جو نڪاح وڌو ويندو، نڪاح پوڻ تائين ڪنواريتا مرد گهوٽيتن سان ۽ گهوٽيتيون عورتون ڪنواريتن عورتن سان پيون ڪچهريون ڪنديون. نڪاح پوڻ کان پوءِ گهوٽ کي ڪنوار جي ڪمري ۾ وٺي ويندا ۽ کير پيئڻ ، آئيني ڏسڻ ۽ ٽڪر هٿڻ جي رسم ٿيندي. ان دوران ڏانوڻ ڏائڻ جي رسم ۽ ڪجهه ٻيون رسمون ٿينديون جيڪي ڪٿي ٿينديون آهن ته ڪٿي نه ٿينديون آهن. ان کان پوءِ ٻنهي کي اڪيلو ڇڏي ڏنو ويندو.

صبح صادق ٿيندو ته ڪنوار جي ماءُ ڪجهه ٻين عورتن کي وٺي در کڙڪائيندي، جن ۾ گهوٽ جي ماءُ يا پيڻ پڻ هوندي ۽ وڃي گهوٽ توڙي ڪنوار کي غسل ڪرائيندا.ان کان پوءِ نيرن ڪري ڇڄ واپسيءَ جي تياري ڪندي . هڪ طرف گهوٽ جي ماءُ ۽ پيءُ پيا ٻهڪندا ته ٻئي طرف ڪنوار جي ماءُ توڙي پيءُ پيا ڳچ ڳاريندا ۽ روئندا. سنڌ اندر شاديءَ جي هر هڪ رسم ۾ گهڻي ڀاڱي الڳ الڳ سهرا ۽ ڳيچ آهن. جڏهن چاچي ڪنوار کي وٺي روانا ٿيندا ته سهرو ان ئي مناسبت سان ٿيندو .

جيئن:
ٿورو ڇڇ ته جهليو ڙي جهليو ڙي ماءُ موڪلائي.
ماءُ موڪلائي بابل سينو لائي.

ان کان پوءِ ڇاڇي پنهنجي پنهنجي سهولت ۽ پهچ موجب گهوٽ ڪنوار کي ڪنهن سواريءَ ۾ ويهاري پٺيان سهرا چوندا ايندا ۽ سڄي واٽ اها ڪيٽ ڪندا ايندا. ڪنوار ساهري گهر پهچندي ته منهن ڏسڻ جي رسم شروع ٿيندي. اول سس يا سهرو ڪنوار جو منهن پئسا ڏئي ڏسندو ،ان کان پوءِ گهوٽ جون ڀينريون يا ڀائر. اهڙي نموني اوڙي پاڙي جون عورتون منهن ڏسڻ جا پئسا ڏيندي ڪنوار جو منهن ڏسنديون وينديون ۽ ان جي ٿوري گهڻي تعريف به ڪنديون هلنديون.

ڪنوار جي ساهري گهر پهچڻ کان پوءِ به ڪيتريون ئي رسمون ٿينديون جن جو ذڪر هتي طوالت جي لحاظ کان نه ٿو ڪجي. شاديءَ کان پوءِ وري اهم رسم آهي ستاوڙي جي ،جنهن ۾ ٽن ڏينهن کان پوءِ گهوٽ ڪنوار کي پنهنجي پيڪاٽي گهر گهمائڻ وٺي ويندو آهي.

سنڌي سماج ۾ شاديءَ جي موقعي تي ڪيتريون ئي وڻندڙ ۽ نراليون رسمون ادا ڪيون وينديون آهن جيڪي ثقافت جو جز آهن . اهڙيءَ طرح مرڻي يا غميءَ جي وقت پڻ سنڌ ۾ ڪيتريون ئي رسمون آهن، تن جو سڌو سنئون واسطو اسان جي ثقافت سان آهي. ڪٿي ڪا غمي ٿيندي ته پري پري جا مائٽ مري ويل ماڻهوءَ جو منهن ڏسڻ ۽ ان جي وارثن سان ڏک ونڊڻ پهچي ويندا.ويجها رشتيدار پنهنجو سڄو ڪٽنب وٺي پهچندا. مٿن مائٽن کان سواءِ اوڙي پاڙي جا ماڻهو، دوست وغيره اچي ڏک ونڊيندا.پهريان ٽي ڏينهن ته فوتگي ٿيڻ واري گهر ۾ چلهه به ٻرڻ نه ڇڏيندا ۽ انهن ڏي اوڙي پاڙي مان ماني پئي ايندي. اوڙي پاڙي جا چار جوان ۽ مٽ مائٽ گڏجي قبر کوٽي سامي ٺاهيندا ۽ ان عيوض ڪو به اجورو نه وٺندا. شهر ۾ وڃي ماڻهو پنهنجي رسمن کان منهن موڙي ٿا ڇڏين يا وري اتي مختلف ثقافتن جا ماڻهو اچي رهن ٿا ان ڪري اتي اهي روايتون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون. نتيجي طور ماڻهوءَ کي قبر کوٽائڻ واري ڪم جا به جهجها پئسا ڀرڻا پون ٿا. پر سنڌ جي ڳوٺن ۾ اڃان به اهي ساڳيون ئي ريتون روايتون موجود آهن . شاديءَ وانگر موتي فوتي به پري توڙي ويجهڙائيءَ جي مائٽن مٽن کي ملائڻ جو هڪ وسيلو آهي. يعني اگر ڪٿي ڪا فوتگي ٿئي ته پري پري جا مٽ مائٽ دوست ڏک سور ونڊڻ ايندا. صرف ايترو ئي نه پر اهي هر ڪم ڪار ۾ به ڀرپور هٿ ونڊائيندا جيئن:” گهر جا مڙس ماڻهو ۽ ڪي پاڙي وارا همراهه اوطاق اوتاري يا پڊر تي تڏو وڇائي پڊر وڃهي ويهندا ته راڄ وارا ۽ مائٽ همدردي ۽ ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ اتي اچي ڪٺا ٿين.ڪي جوڙي پوتي (ڪفن ) وٺڻ ويندا.... جي قبر کوٽڻ وارو مقرر نه ٿيل هوندو ته منجهائن ئي ٻه ٽي همراهه قبر کوٽڻ ويندا. هڪڙو غسل يعني تڙ ڏياريندڙ ملن ڏانهن ويندو.منجهائن ڪو غسل ڏيڻ جو تختو يا ڦرهو ڪٽي ايندو.ڪو غسل جو پاڻي ڪوسي ڪرڻ لاءِ ڪٺان ديگ آڻيندو.“33

ائين ڪنهن ملان کي هٿ ڪري ميت کي غسل ڏياريندا ۽ ان کي ڪفن پهرائي، عطر عنبير هڻي گهر جي اڱڻ تي رکي ڇڏيندا، جنهن جي پاسي ۾ زائفائون پيون پار ڪينديون. فوتي ننڍو هجي، وڏو يا ڪٽي پوڙهو، مرد هجي يا عورت ، پر سندس مٿان ڪو نه ڪو پيو روئندو رڙندو ۽ پار ڪيندو. اوڙي پاڙي جون عورتون به اينديون وينديون ۽ هيٺ وڇايل تڏي تي ويهنديون وينديون. اهي به ميت کي ڏسي روئنديون . ان جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر سوڍر لکي ٿو.” غم ورهائڻ به انساني ثقافت جو اهم جز آهي. جڏهن ڪو پاڙي ۾ مرندو آهي ته سڀئي پاڙي واريون عورتون ، مري ويل جي وارثن سان ڏک ۾ شريڪ ٿينديون آهن.“ 34

سنڌيءَ ۾ ”پٽر پرائو سور پنهنجا“ وارو پهاڪو به ان ئي پسمنظر ۾ ٺهيل آهي. يعني پرائي تڏي تي ايندڙ هر ماڻهوءَ کي پنهنجا سور ياد پوندا آهن.ڪن جاين تي جيڪڏهن ڪو نوجوان شاديءَ کان اڳ ئي فوت ٿي ويندو آهي ته سندس هٿن تي ميندي پڻ هنئي ويندي آهي.

اهڙيءَ ريت جڏهن اوڙي پاڙي جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا ته جنازو کليل ميدان يا ڪنهن ٻي جاءِ تي پڙهايو ويندو. جنازي پڙهن کان اڳ فوتيءَ جا وارث پريل ميڙ ۾ اعلان ڪندا ته جيڪر هن ڏي ڪو قرض وغيره رهيل آهي ته ان جو قرض هو پري ڏيندا. اهڙي صورت ۾ گهڻي ڀاڱي جن جو قرض هوندو به آهي سي ميت کي قرض معاف ڪري ڇڏيندا آهن. فوتيءَ جون جن سان رنج رساما هوندا آهي اهي به

ڪيس ان وقت بخشي ڇڏيندا آهن. جنازي نماز پڙهڻ کان پوءِ اوڙي پاڙي جي مٽن مائٽن ۽ دوستن کي آخري ديدار ڪرائين.

جنازي کي قبرستان کڻي وڃڻ مهل ڪٽ جنهن تي ميت پيل هوندي تنهن کي واري ڦيري سان ڪلهو ڏيندا هلن ۽ اهڙي نموني ميت کي قبرستان پهچائين جتي اڳ ۾ ئي سامي تياري هوندي.گهڻو ڪري ان فوتيءَ کي پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ آڻي دفن ڪن جتي اڳ ئي سندس ابا ڏاڏا دفن ٿيل هوندا آهن. ”ڪوشش ڪري اتي قبر کوٽائيندا آهن جتي ميت جا ٻيا مائٽ به پوريل هجن ،چو ته چوندا آهن ته ” جيئن مائٽن جا هڏا هڏن پيڙا ٿين.“ 35

اهڙي نموني لاش کي دفنائڻ کان پوءِ سڀ ماڻهو تڏي تي واپس ورندا ۽ اتي وچي مري ويل جي وارثن سان دعا گهري ڏک جو اظهار پيا ڪندا. دعا پوري ٿيندي ته ويٺل سڀ ماڻهن کي ماني کارائي ويندي جنهن جو بندوبست ڪڏهن فوت ٿي ويل جا وارث ڪندا آهن ته ڪڏهن فوتيءَ جا ويجها عزيز. فوتگيءَ جي ٽئين ڏينهن تي خيرات جي ماني ڪري تڏو کڻندا جنهن کي ٽيجهو به چيو ويندو آهي پر فوتيءَ جي وارثن سان ڪيترائي ڏينهن دعا پئي هلندي آهي. اوڙي پري جا ماڻهو جن کي دير سان خبر پوندي سي هفتي هفتي ٻن ٻن هفتن کان پوءِ به اچي دعا گهرندا. اهڙي نموني فوتيءَ جا وارث مئي پڇاڻا به ان سان ناتو رکندا ايندا ۽ اهي اول اول هڪ نه ٻئي ڏينهن قبر تي ويندا اتي دعا گهرندا ۽ صفائي سٿرائي ڪندا. ڪجهه ئي ڏينهن ۾ وصيعت آهر قبر کي ليپو ڪرائيندا يا پڪي ڪرائيندا. اهڙي نموني گهڻو وقت گذري ويندو تڏهن به عيد براد تي قبر تي وڃي گل چٽي دعا گهرندا ۽ ڏيئا ٻاريندا.اهڙيءَ طرح ” ڪي ماڻهو رمضان شريف جي مهيني ۾ قرآن شريف سڄو پڙهي يا پڙهائي ختمو بخشارائين.مائٽن جي نالي ڪپڙا خيرات ڏين. ڪي مائٽن جي روحن لاءِ هڪ ويلو يا ٻه ويلا خيرات جي ماني خدا ڪارڻ ڪري ڏين.“ 36

**(ب) ملڻ جا طور طريقا (پليڪار،خوش خير عافيت، گڏجڻ ،ڪچهري)**

سنڌي ماڻهن جي عام رواجي زندگيءَ جو مطالعو ڪبو ته سندس زندگيءَ جي هر رخ ،هر پاسي مان سنڌي ثقافت جي جهلڪ پئي نظر ايندي. ماڻهن جي ملڻ جلڻ جا طور طريقا پڻ ثقافت جي دائري هيٺ اچن ٿا. ڊاڪٽر ٻوهئي مطابق؛ ”پلي ڪار، آدرڀاءُ يا موڪلاڻي ڪلچر جي انهيءَ مواد سان تعلق رکڻ وارو هڪ فعل آهي ،جنهن جو تعلق هڪ ئي سماج ۾ رهندڙ فردن جي باهمي لاڳاپن (inter relationship) سان آهي.“ 37

سنڌي ماڻهوءَ جي ميل جول جي طريقي کي ڏسبو ته ان مان ميٺ محبت ۽ پيائپي پئي جهلڪيون ڏيندي. اهي ڪنهن اوپري ماڻهوءَ سان به ملندا ته ان جي ملڻ ۾ عاجزي، نياز نوڙت ۽ انڪساري پري کان ئي ظاهر هوندي.جيڪڏهن ڪوئي اوطاق يا گهر ۾ ڪهي ايندو ته ان جي اٿي بيهي ۽ ڀاڪر پائي پليڪار ڪرڻ ۾ پنهنجي توڙي ٻئي جي ڀلائي سمجهندا.هٿ ملائڻ ۽ ڀاڪر پائڻ سان گڏ اسلامي طريقي موجب ” اسلام عليڪم “ به چوندا ۽ دل سان آدرڀاءُ ڪندا. آيل مهمان کي رلهي وهاڻي وڇايل کٽ تي ويهاريندا، سندس خوش خير عافيت پڇندا،سندس ٻارن ٻچن، ڪڙم ڪهول، ايتريقدر جو سندس مال رزق بابت به پڇا ڪندا. ساڳي وقت مهمان کي پنهنجا حال احوال به ٻڌائيندا. اهڙيءَ طرح آيل جو پوريءَ طرح آدر ڀاءُ ڪندا، گهر ۾ جيڪو ڪجهه هوندو سو آڻي سندس اڳيان رکندا.

ان حوالي سان ڏسبو ته سنڌي ماڻهن جو گڏجڻ پڻ ثقافتي طور طريقن جو حصو آهي،جنهن ۾ گهڻي ڀاڳي هڪجهڙائي آهي، جنهن ۾ گهڻي ڀاڳي نياز نوڙت آهي. اهڙيءَ طرح ڪچهري جنهن کي ڪن علائقن ۾ مارڪو پڻ سڏيو وڃي ٿو ،تنهن سان سندن دلچسپي ڏسڻ وٽان هوندي آهي. ڪچهرين جا سندن پنهنجا آداب هوندا آهن، جن ۾ بهرالحال وڏن کي گهڻو احترام حاصل هوندو آهي. اوڙي پاڙي جا ننڍا وڏا اچي اوطاق تي گڏ ٿيندا ۽ پوءِ شروع ٿيندي انهن جي ڪچهري جنهن ۾ زماني جي لاهين چاڙهين جا تجربا به بيان ڪبا ته هڪٻئي جا ڏک سور به اوربا. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪوئي ٻاهريون مهمان اچي ويو ته پوءِ محفل جو رنگ ئي اور ٿي ويندو. آيل مهمان جو آدرڀاءُ ڪري ڪائنس ملڪ جهان جون خبرون وٺبيون، ڪيس پنهنجا حال احوال پيا ٻڌائبا. اهڙي قسم جون ڪچهريون سنڌي ثقافت جو اڻٽوٽ حصو آهن جن ۾ شعر شاعري، ڏور بيت، ڳجهارتون ۽ هنر ٻڌائي ويٺلن جي دل وندرائي ويندي آهي. ڊاڪٽر الانا ان حوالي سان لکي ٿو ته :”انهن جي ڪچهرين ۾ ملڪ جي سياسي ،سماجي ۽ ٻين خبرن چارن کان سواءِ ،

ڪڙمين ڪاسبين جي خبرن ، مال وجهي،ڏڪار سڪار، چورن چڪارن،ميڙن ملاکڙن ۽ شڪار جي باري ۾ به ڪچهريون ٿين.ڪي وري پنهنجي وندر جي لاءِ چرچي پوگ جي به چٽاپيٽي ڪرائين. "38

جيڪڏهن سيارو هوندو ته باهه جو مچ ٻاري ڪچهري قائم ڪبي ، هر ڪو پيو باهه جي تو تي لڳ به ڪوسا ڪندو ته ڪچهريءَ جو مزو پڻ وٺندو.ڪچهريون ماڻهن جي ميل ميلاپ، لوڪ ڏاهپ جا سبق سکڻ، زماني جي واءُ سواءَ لهڻ ۽ هڪٻئي سان ڏک سور ونڊڻ جو بهترين ذريعو آهن. تنهن ڪري ثقافت سان لاڳاپيل اهم جزن ۾ ان کي خاص اهميت حاصل آهي. ياد رهي ته دنيا جي گهڻن ملڪن ۾ هڪٻئي سان ايئن گڏ ويهي هڪٻئي جا ڏک سور ٻڌڻ ، صلاح مشورو ڪرڻ جو ڪو تصور ئي ڪونهي.

**(ت) رواداري ، ڀائپي، ميلا ملاکڙا ۽ عيدون:** سنڌي ماڻهن جي ثقافتي ورثي ۾ فقط ريتون رسمون، کاڌو لباس شامل نه آهي بلڪه ان ۾ انساني رويا ۽ سماج ۾ هلڻ چلڻ جا مثبت طريقا پڻ شامل آهن ، جن ۾ رواداري ۽ ڀائپي پڻ هڪ آهن.رواداري مان مراد آهي ته سماج ۾ ڪيترن ئي مذهبن توڙي فرقن جا ماڻهو رهن ٿا تنهن ڪري جن ماڻهن يا فرقن جا عقيدا اسان جي سامهون غلط آهن تن جي عقيدن ۽ عملن کي برداشت ڪيو وڃي ۽ انهن کي پنهنجي پنهنجي طريقي سان عبادت توڙي ان سان لاڳاپيل ٻيا عمل پوريءَ طرح ڪرڻ جي اجازت هجي. تنهن ڪري هر مذهب يا فرقي جي طور طريقن کي برداشت ڪيو وڃي .ڏٺو وڃي ته سنڌ هڪ اهڙو خطو رهيو آهي جتي صدين کان وٺي هندو مسلمان، سک عيسائي ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو بنا ڪنهن مذهبي تعصب جي گڏ رهندا آيا آهن . انهن ڪڏهن به ڪنهن ٻئي جي مذهبي طور طريقن ۽ عبادتن تي ارهائيءَ جو اظهار ڪو نه ڪيو آهي." رواداري ۽ بي تعصبي سنڌين جو مکيه اصول رهيو آهي. " 39

سنڌي ماڻهن جي رواداريءَ جا ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا ، ان جو وڏي مثال اهو آهي ته سنڌ جي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ هندن جي هولي يا ٻين تهوارن تي مسلمان ان ۾ شريڪ ٿي هڪٻئي تي رنگ هاريندا آهن ۽ خوشيون ملهائيندا آهن. اهڙي نموني محرم جي مهيني ۾ يا ٻين ڏڻن تي هندو مسلمانن سان گڏجي ڏک سک ملهائيندا آهن. سنڌ جي سرزمين تي مسلمان جيتوڻيڪ گهڻائيءَ ۾ رهن ٿا پر ڪڏهن به انهن ڪنهن هندوءَ جي مندر يا ان ۾ ٿيندڙ عبادتن تي اعتراض ناهي واريو. اهو رواداريءَ جو وڏو مثال آهي. اهڙيءَ طرح مسلمان به وري ڪيترن ئي فرقن ۾ ورهايل آهن ، پر انهن ۾ به رواداري ڏسڻ وٽان هوندي آهي. شادين تي ،مرڻن پرڻن تي، دڪانُ تي، اوطاقن توڙي اوتارن تي اهي هڪٻئي سان بلڪل ٻٽ هوندا، گڏ کائيندا پيئندا ۽ ڪنهن کي اها لکا پوڻ به نه ڏيندا ته ڪو فلاڻو سني آهي يا شيعو.تنهن ڪري سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ رواداري جهڙو اتم جذبو موجود آهي ۽ اهو اخلاقي قدر سندن زندگيءَ ۾ ايتري ته پراڻي دور کان موجود آهي جو هاڻي اهو اسان جي ثقافت جو جزو بڻجي ويو آهي. اهڙيءَ طرح ڀائپي برداري به سنڌ جي ثقافت جو اهم جزو آهي.ڀائپي برداريءَ جو مقصد آهي ته ماڻهو پنهنجي اوڙي پاڙي وارن سان بلڪل ڀائرن جهڙو سلوڪ رکندا آهن. سندن اها ڀائپي مثالي هوندي آهي يعني ڪو ماڻهو نه سندن پاڙي جو هوندو ،نه شهر جو ، نه ذات ۽ فرقي جو ته به ان سان ڀائرن جهڙو سلوڪ پيا رکندا ايندا. ڪيس ڀائرن وانگر ڀائيندا ۽ ڀائرن وانگر ئي ڪيس پنهنجي گهر ۾ اچڻ وڃڻ ڏيندا.جيڪڏهن ڪو اهڙو ماڻهو ڏکئي مهل ۾ ڦاٿو ته ڪيئن به ڪري ڪيس مصيبت مان آزاد ڪرائيندا.

اهڙيءَ طرح ميلا ملاکڙا ۽ عيدن برادن جا موقعا پڻ سنڌي سماج ۽ ثقافت سان تعلق رکندڙ اهڙا ميڙاڪا آهن جتي مختلف عمرين، طبقن ۽ ذاتين جا ماڻهو هڪ هنڌ گڏ ٿين ٿا. ذات پات، رنگ نسل ، عمر ۽ طبقن جي بنياد تي اهي هڪٻئي کان الڳ ٿلڳ ماڻهو جڏهن ميلن ملاکڙن يا عيدن برادن ۾ هڪ ئي جاءِ تي گڏ ٿين ٿا ته سندن وچ ۾ هڪ قسم جو تعلق جڙي ٿو. انهن جي اهڙي قسم جي ميل ملاقات سان انهن جي وچ ۾ واسطو وڌي ٿو. اهي هڪٻئي جي ويجهو اچن ٿا. هڪٻئي جي حال کان واقف ٿين ٿا. هڪٻئي جي مسئلن کان باخبر ٿين ٿا. ميلو هجي چاهي عيد براد ، سنڌي ماڻهو ننڍن ننڍن ٻارن سوڌو نوان ڪپڙا پهري ٺهي سنبري اچي عيدگاهه ، مسجد يا وري ميلي جي پنڊال ۾ اچي پهچندا ۽ سندن مک تي موجود مرڪ ڏسڻ وٽان هوندي.ٻار هجي توڙي ٻڍو پر ميلي يا عيد کان منهن موڙي نه سگهندو ۽ حال آهر ٻنهي ميڙاڪن ۾ حصو وٺندو.

ميلا ملاکڙا سنڌ جي ثقافت جو حصو آهن جيڪي قديم زماني کان هلندا پيا اچن. ميلي ۽ ملاکڙي جو پاڻ ۾ گهرو ڳانڍاپو پڻ اهي يعني اگر ڪٿي ميلو هجي ۽ اتي ملاکڙو نه هجي اهو ناممڪن آهي.ڪٿي

به اگر شهر ۾ ميلو لڳندو ته ميلي جي شروعات کان ڪيترائي ڏينهن اڳ آسي پاسي جي ڳوٺڻ ۾ اعلان پيا ٿيندا.ايئن ماڻهن کي ميلي ملاکڙي جي اڳواٽ ئي خبر پئجي ويندي . ” سنڌ جي ميلن ۾ رواج آهي ته ٻنپهرن کان ڪجهه سج لڙيو ته ملاکڙي واري ميدان تي دهلاري ايندا ملاکڙو وڃائڻ،پوءِ دهل ۽ شرنايون ٻڌي پري پري کان ماڻهو اچي گڏ ٿيندا ۽ ويندا پنهنجون جايون وٺندا ويهندا.“40

حاصل مطلب ته عيد براد ۽ ميلا ملاکڙا پڻ سنڌ جي ثقافت جو اهم جزو آهن جنهن جي ذريعي مختلف عمرين، طبقن ۽ ذاتين جا ماڻهو هڪٻئي سان ملن ٿا ۽ ڪين هڪٻئي کان واقفيت جو موقعو پڻ ملي ٿو.

- سنڌي ثقافت سان لاڳاپيل اهم شيون:

سنڌي ثقافت جي مختلف پاسن تي روشني وجهندي ناليواري محقق ڊاڪٽر الانا ثقافت کي ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. هڪ مادي ثقافت ، ٻيو غير مادي ثقافت .ان حوالي سان هو لکي ٿو ”مادي ثقافت ۾ جيڪي جزا اچي وڃن ٿا اهي آهن لباس،سينگار ۽ سجاوٽ جا سامان،کاڌو خوراڪ ، طرز زندگي، رهڻي ڪهڻي ، رانديون ۽ وندرون، تفريحون ۽ لطيف فن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته :مادي ثقافت ۾ اجتماعي زندگيءَ جون تمام خارجي ڳالهيون اچي وڃن ٿيون.غير مادي ثقافت ۾ مذهب ، قانون،زبان ۽ اخلاقيات کي شامل ڪيو ويو آهي“ 41

ثقافت جي مادي حصي ۾ کاڌ خوراڪ ۽ لباس پڻ شامل آهن. جيڪو هر قوم وٽ تقريبن جدا جدا هوندو آهي.هر قوم جي پنهنجا ڪي خاص لباس هوندا آهن جن کي پائي هو ٻين قومن جي وچ ۾ بيهي پنهنجي سڃاڻپ ۽ انفراديت ظاهر ڪري سگهندا آهن. ائين کاڌو يا طعام پڻ ثقافت ۽ ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ جو اهم جزو آهي جنهن کان سواءِ ماڻهو زنده رهي نه ٿو سگهي. ڏٺو وڃي ته لباس ، ريتن رسمن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ وانگر هر خطي، ملڪ يا قوم جو طعام پنهنجو پنهنجو هوندو آهي. هيءُ پڻ ثقافت جو اهم حصو اهي ۽ ثقافت جي ٻين جزن وانگر هيءُ به ڪنهن ڪنهن قوم يا گهڻن قومن ۾ هڪ جهڙو ٿي سگهي ٿو. سائين جي ايم سيد پنهنجي ڪتاب ” سنڌي ڪلچر “ ۾ سنڌي ماڻهن جي کاڌي بابت لکي ٿو:” سنئو، صحت بخش، زود هضم ۽ عمدو طعام تهذيب جو مکيه جزو آهي. سنڌ جي عام ماڻهن جو کاڌو چانور، کير، مکڻ ، ڏڌ، جور، ٻاجهري ۽ ڪڻڪ جي ماني ، مڇي ، گوشت وغيره آهن.“ 42

اهي سڀ کاڌا دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ رائج هوندا ،پر هڪ ئي وقت ڪنهن هڪ ملڪ ۾ مشڪل سان رائج هجن جيئن سنڌ ۾ آهن. سنڌي ماڻهن ۾ ڏڌ مکڻ کير عام جام آهي. سنڌ جي ويجهي ماضي ۾ ڏسجي ٿو ته هي ڳوٺاڻو سنڌي ماڻهو نيرن ڏڌ ، مکڻ ، کير يا ماکي سان ڪندو هو، جيڪو صحت جي حوالي سان هڪ بهترين غذا آهي. اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ هڪ ئي وقت جوئر، جون، ٻاجهر، چانورن توڙي ڪڻڪ جي ماني رائج آهي .شايد ئي دنيا جي ڪنهن ملڪ ايئن ٿيندو هجي.

لباس کي پڻ ثقافت ۾ شمار ڪيو ويندو آهي . هر قوم جو لباس الڳ الڳ نموني جو هوندو آهي، جنهن سان سندس سڃاڻپ ٿيندي آهي. ان حوالي سان ڏٺو وڃي ته سنڌين جو لباس شلوار قميص، گوڏ يعني پوتڙو ۽ اجرڪ ٽوپي آهي. اڄوڪي دور ۾ جيتوڻيڪ ڪافي ماڻهو پينٽ شرٽ وغيره پائين ٿا پر اهو لباس اسان جي ثقافت جو حصو ناهي. چو ته ثقافت ۾ ان شيءِ کي شمار ڪيو ويندو آهي جيڪا ڪنهن قوم ۾ ڪيترين ئي صدين کان رواج ۾ هجي ۽ ان قوم جي گهڻائي ان جو استعمال ڪندي هجي.بحرالحال سنڌي ماڻهن جو لباس دنيا جي گهڻن قومن جي لباس کان نرالو آهي ۽ ”سنڌي لباس وارو پلي کهڙي به ملڪ ۾ هجي ،پر ڃاڻو ماڻهو اهو لکي وجهندو ته اهو سنڌي آهي. “ 43

اهڙي نموني سان ڏٺو وڃي ته سنڌ ۾ عام ساز ۽ رانديون به دنيا جي ٻين قومن کان نراليون ئي آهن. سنڌ ۾ چنگ، نڙ، يڪتارو،چپر،واڄو ، بين،الغوزو، دلو ۽ ٻيا ڪيترائي ساز آهن جيڪي راڳ رنگ ۾ ڪم اچن ٿا. اهي سڀ اهڙا ساز آهن جيڪي دنيا ۾ تمام گهٽ ڪم آندا ويندا آهن. اهي سڀ ساز قديم دور کان سنڌ ۾ رائج آهن. هونئن ته سنڌ ۾ ڍولڪ، دهل، بانسري ،باجو ۽ ٻيا به ڪيترائي وڃت جا سامان آهن پر اهي دنيا جي تقريبن سڀني ملڪن ۾ عام آهن تنهن ڪري انهن کي سنڌ جو ساز نه ٿو چئي سگهجي. سنڌ جا ساز اهي آهن جيڪي سنڌ کان سواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ استعمال نه ٿا ٿين يا وري ٻين ملڪن ۾ تمام گهٽ ڪتب اچن ٿا.ساڳئي طرح سنڌ کي رانديون به پنهنجون ئي آهن جيڪي دنيا جهان جي راندين کان جدا آهن . مثال طور ڪوڏي ڪوڏي (هيءَ ڪٻڏي راند کان قاعدي قانون ۾ گهڻي مختلف آهي جيڪا هندستان ۽

ڪجهه ٻين ملڪن ۾ ڪيڏي ويندي آهي) نونڙ ،ڪوڏين راند، لڪ لڪوٽي،ليٽ ڪبوتر،چلهر ، ونجهوٽي وغيره ،جيڪي خالص سنڌ جون رانديون آهن ۽ سنڌ جي ثقافت جو بيحد انمول حصو آهن.
ان ڪان سواءِ سنوڻ ساٽ، شڪار، علاج ، وچٽون ۽ ٻيون ان جهڙيون ڪيئي شيون آهن جيڪي سنڌ جي ثقافت جو حصو آهن ۽ٻ قديم زماني ڪان سنڌ ۾ رائج آهن.

حوالا:


1. آڏواڻي، ڀيرومل ،مهرچند.''قديم سنڌ''ڄامشورو: سنڌ ادبي بورڊ. 2018ع. ص 71

2. حوالو ساڳيو ص 74

3.سومرو،محمد بخش (سنڌيڪار)''قومن جي عالمي تاريخ''ڪراچي:سنڌيڪا اڪيڊمي.2003ع.ص.38

4. Will Durant.The story of civilization''partone.op;cit:foot note . p 395

5.سومرو، محمد بخش (سنڌيڪار)''قومن جي عالمي تاريخ'' ڪراچي:سنڌيڪا اڪيڊمي.2003ع.39

6. سميجو، اجرڪ ڪاشف. '' سنڌي سڀيتا جو نئون سج'' ڪراچي: مهراڻ پبلشرز.2021ع.ص 14

7.پٺو، ممتاز، ڊاڪٽر. ''ايشيا جي تهذيبن جو جائزو'' . حيدرآباد: رومي پبلشرز. 2021ع. ص 76

8. حوالو ساڳيو ص 79

9. سميجو، اجرڪ ڪاشف. ''سنڌي سڀيتا جو نئون سج'' ڪراچي: مهراڻ پبلشرز.2021ع .ص.49

10. سنڌي، دادا. ''خوشحال سنڌ'' سنڌ سلامت ڪتاب گهر (پي ڊي ايف) 2008ع. ص 18

11.شيدائي،رحميداد خان مولائي.''تاريخ تمدن سنڌ'' ڄامشورو:انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.1995ع. ص 73

12. آڏواڻي ، ڀيرومل ،مهرچند.''قديم سنڌ''حيدرآباد: سنڌ ادبي بورڊ. ڇاپو ٻيو 1957ع . ص 106

13.بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر''سنڌ جي تاريخ'' حيدرآباد: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ريسرچ فائونڊيشن. 2017ع. ص .48

14. .شيدائي، رحميداد خان مولائي ''جنت السنڌ'' ڄامشورو: سنڌ ادبي بورڊ. 1993ع (ڇاپو ٽيون) ص 316

15.حوالو ساڳيو. ص 358
16. شيدائي، رحميداد خان مولائي. ”تاريخ تمدن سنڌ“ ڄامشورو : انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.1995ع. ص 538
17. ميمڻ، عبدالغفور ” سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر“حيدرآباد سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.2017ع. ص 118
18. لاکو، غلام محمد. ”سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو“ ڪراچي: مارئي سماجي سنگت.1997ع . ص 40
19.ملک،فتح محمد،پروفیسر"درسی اردو لغت"اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان-2004- ص 446
20. /https://sd.wikipedia.org/wikiثقافت Date 27-12-2021
21 . Dated 27-12-2021 ثقافت www.encyclopediasindhiana.org/article.php?Dflt=
22.الانا،غلام علي،ڊاڪٽر.”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.2012ع. ص 10
23. پٺو،ممتاز، ڊاڪٽر” ايشيا جي تهذيبن جو جائزو“. حيدرآباد: رومي پبلشرز. 2021ع. ص 74
24. سميجو،اجرڪ ڪاشف.”سنڌي سپيتا جو نئون سج“ ڪراچي: مهراڻ پبلشرز. 2021ع.ص 40
25. سوڍر. شاهنواز، ڊاڪٽر. ” سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف“ڀٽ شاهه حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.. 1991ع.، ص 58
26.ڏوڏيجا،لوڪرام”منهنجو وطن منهنجا ماڻهو“حيدرآباد:نيوفيلڊس پبليڪيشن،1993ع،ص.310
27. طاهرزادو، ولي محمد.(سهيڙيندڙ) ” سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ،2007ع، ص 225
28. . dated 7-01-2022 سنگ تراشي/https://sd.wikipedia.org/wiki
29. سيد، جي ، ايم” سنڌي ڪلچر“ سن: جي ايم سيد اڪيڊمي،2001ع. ص 47
30- سيد،عبداللہ ، ڈاکٹر "کلچر کا مسئلہ" لاهور: سنگ ميل پبليکيشنز، 2001ع- ص 58
31. سوڍر، شاهنواز، ڊاڪٽر ”سنڌي رهڻي ڪهڻي ۽ شاهه لطيف رح “ بشموله ڪلاچي جرنل. سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي . سيپٽمبر 1999ع ص 11
32. طاهرزادو، ولي محمد.(سهيڙيندڙ) ” سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ،2007ع، ص 116
33. حوالو ساڳيو. ص 283
34. سوڍر. شاهنواز، ڊاڪٽر. ”سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف“ڀٽ شاهه حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.. 1991ع.، ص 295
35. . طاهرزادو، ولي محمد.(سهيڙيندڙ) ”سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ،2007ع، ص 289
36. حوالو ساڳيو. ص 299
37. ٻوهيو. الهداد ” سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.1978ع. ص 187
38. .الانا،غلام علي،ڊاڪٽر.”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.2012ع. ص 197.
39. سيد، جي ، ايم” سنڌي ڪلچر“ سن: جي ايم سيد اڪيڊمي،2001ع. ص 39

40. نقوي، منظور، سيد ” سنڌ جي مدنيت“ حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ. سال 1978ع. ص 131
41. .الانا،غلام علي،ڊاڪٽر.”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.2012ع. ص 11
42. سيد، جي ، ايم” سنڌي ڪلچر“ سن: جي ايم سيد اڪيڊمي،2001ع. ص 46
43. نقوي، منظور، سيد” سنڌ جي مدنيت“حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ. سال 1978ع. ص 43.7

باب ٽيون : سنڌي ٻولي، ثقافت، ادب ۽ فن لطيف

- سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻولي

شروعات جيڪڏهن ان سوال سان ڪئي وڃي ته ثقافت اڳ ۾ قائم ٿي يا ان کان اڳ ٻوليون وجود ۾ آيون ته يقيني طور تي اسان مان گهڻن ماڻهن جو جواب اهو ئي هوندو ته ٻولي ثقافت کان گهڻو اڳ مروج ٿي هوندي . ڇو ته ثقافت جو تعلق گهڻي ڀاڱي تمدن ۽ تهذيب سان آهي، انسان جڏهن تمدن ۽ تهذيب طرف وک وڌائي هوندي يقيني طور تڏهن ئي سندس ثقافت جو بنياد پيو هوندو. جڏهن ته ٻوليءَ جي شروعات ان دور ۾ ٿي هوندي جڏهن انسان اڃان تمدن ۽ تهذيب جهڙن گڻن کان اڻ واقف هو، جڏهن هو غارن ۾ رهندو هو، هن اڃان باهه ڳولي نه لڌي هئي ۽ زراعت تي گذران بدران سندس گذر سفر جانورن جي گوشت ۽ ڪيڙن مڪوڙن تي ٿيندو هو تڏهن ڪيس هڪٻئي سان حال احوال ڪرڻ لاءِ اول آوازن ۽ پوءِ ٻوليءَ جي ضرورت پئي هوندي.

پر ايئن آهي ڪو نه،ماهرن جي راءِ مطابق ثقافت توڙي ٻولي ٻنهي جو واسطو تهذيب ۽ تمدن سان آهي تنهن ڪري اهي ٻئي شيون گڏ گڏ وجود ۾ آيون آهن. ان خيال مطابق انسان جڏهن تهذيب کان اوجهل هو تڏهن نه ئي ڪيس ثقافت سموهڻ جو خيال آيو ۽ نه ئي هن ڪا ٻولي پئي ڳالهائي. پوءِ جڏهن هن تهذيب ڏانهن سفر ڪرڻ شروع ڪيو ته ثقافت جنهن ۾ رهڻي ڪهڻي ريتون رسمون اچي وڃن ٿيون ۽ ٻوليءَ جي ارتقا جو مرحلو شروع ٿيو. تنهن ڪري ئي سنڌي ٻوليءَ جو ناليوارو ليکڪ ۽ محقق سراج لکي ٿو ته” ٻوليون مختلف تمدنن، تهذيبن ۽ سيپيتائن جو ماڻ آهن.“ 1

ان جو مطلب اهو ٿو نڪري ته ٻوليءَ جو تهذيب، تمدن ۽ ثقافت سان گهرو ڳانڍاپو آهي. جيڪڏهن ٻولي نه هجي ته انساني معاشرو يا سماج به جڙي نه سگهي يا جيڪڏهن جڙي به وڃي ته اهو نامڪمل ۽ گونگو سماج سڏيو ويندو. جيئن ٻوليءَ جو ماهر علي نواز جتوئي لکي ٿو ته ”ٻوليءَ بنا انساني سماج جو تصور ناممڪن آهي. جيڪڏهن ڪنهن انساني سوسائٽيءَ کي هڪ بدن ڪري تصور ڪريون ته ٻولي ڄڻ ان جو تنتي سرشتو آهي.“ 2

ٻولي انسان جي اهم ضرورت آهي، جيڪڏهن ڪنهن گونگي ماڻهوءَ کي ڏسجي ته اها پروڙ پوندي ته هو پنهنجي اندر جو اظهار ڪرڻ وقت يا پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ لاءِ ڪيتري نه تڪليف مان گذري ٿو. بلڪل اهڙي ئي ريت جيڪڏهن ماڻهوءَ وٽ ٻوليون نه هجن ها ته انساني سماج کي مجموعي طور پنهنجي ڳالهه ڪرڻ لاءِ ايتري ئي اذيت مان گذرڻو پوي ها. تنهن ڪري ٻوليءَ جي اهميت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي. اها ٻولي ئي آهي جيڪا ڪنهن به قوم ۽ ثقافت جي نمائندگي ڪرڻ جو حق ادا ڪري سگهندي آهي. ان ڏس ۾ ريتون رسمون، ويس وڳا ۽ رهڻي ڪهڻي پڻ ڪنهن قوم جي ثقافت کي ظاهر ڪنديون آهن. پر ٻوليءَ جو درجو انهن شين کان مٿانهون آهي.”انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڪنهن علائقي ۾ رهائش پذير ماڻهن جو حسب نسب، خوراڪ پوشاڪ،رهڻي ڪهڻي خواهه تهذيب ۽ ثقافت ڪين ٻين علائقن جي رهواسين جي ڀيٽ ۾ جداگانه سڃاڻپ عطا ڪن ٿا، پر سندن انفراديت جو اهڃاڻ وري به ٻولي ئي ٿئي ٿي.“ 3

ٻوليءَ کي ثقافت جي ٻين جزن کان ان ڪري به مٿانهون درجو حاصل آهي ته ثقافت جا ٻيا جزا جيئن ريتون رسمون ، ميلا ملاکڙا، عيد برادون ، ڏياري، هولي،راڳ رنگ، رانديون وغيره سيئي ڪڏهن ڪڏهن جو ڪم آهن يعني انهن جو انعقاد سدائين نه ٿيندو آهي. پر ٻولي ثقافت جو اهڙو جزو آهي جيڪو ڏينهن رات پيو جاري رهندو آهي. ننڍو هجي چاهي وڏو ان کي پنهنجي اندر جو اظهار ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ

جو سهارو وٺڻو پوندو، شهري هجي توڙي ڳوٺاڻو، مرد هجي توڙي عورت، هندو هجي توڙي مسلمان، اهي سڀ ريت رسم، ميلي ملاکڙي يا راڳ رنگ ۾ وڃڻ کان پاڻ کي روڪي ته سگهن ٿا پر ڪنهن به صورت ۾ اهي ڳالهائڻ کان پاڻ کي روڪي نه ٿا سگهن ڇو ته زبان سندن مجبوري آهي. ساڳي طرح ٻولي اهو آئينو آهي جنهن ۾ ڪنهن به قوم جي ثقافت جو عڪس ڏسي سگهبو آهي. ”جيئن ڪا به زبان هڪ قومي ثقافت جو اهم جزو آهي، بلڪه بڻ بنياد آهي، تيئن انهيءَ ثقافت جو آئينو پڻ آهي. سندس لفظن جو ذخيرو ۽ انهن جي استعمال جو طور طريقو ٻڌائيندا آهن ته سندس ڳالهائيندڙ جي قومي ثقافت ڇا آهي؟ منجهن ڪهڙا علوم ۽ فنون رائج آهن. سندن ريتون رسمون ۽ قائدا قانون ڪهڙا آهن؟“ 4

ان ڳالهه ۾ ڪو به وڌاءُ نه آهي ته ٻوليءَ جو ثقافت سان گهرو سٻنڌ آهي، اها ثقافت جي بڻ جيتري اهميت رکي ٿي. زبان ۾ ايتري قوت آهي جو اها ثقافت جي سڀني جزن کي اڪيلي سر نروار ڪري سگهي ٿي. علم لسانيات جا ماهر ان ڳالهه تي متفق آهن ته ڪنهن به ثقافت جي محفوظ ٿيڻ سان اتان جي ٻوليءَ کي تقويت ملي ٿي ۽ ٻوليءَ جي سگهاري ٿيڻ سان وري ثقافت کي فائدو رسي ٿو. تنهن ڪري انهيءَ ٻنهي شين کي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري نه ٿو سگهجي، جيڪڏهن ثقافت ماس آهي ته ٻولي ننهن، جيڪڏهن ثقافت آسمان آهي ته ٻولي چنڊ ستارا مطلب ته ٻوليءَ ۽ ثقافت ٻئي هڪ ٻي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. ثقافت جي سڃاڻپ ٻوليءَ سان ٿيندي آهي، ۽ اهڙيءَ طرح ٻولي به ثقافت کان سواءِ ڪجهه به ناهي. مثال طور سهرا، ڳيچ، ميلا، ملاکڙا، ريتون، رسمون، همدردي، ڀلائي اهي سڀ ثقافت جا اهم جز ۽ حصّا آهن. پر انهن سڀني لاءِ وري ٻوليءَ جو هئڻ به لازمي امر آهي. انهن سڀني شين جو اظهار ته ٻوليءَ وسيلي ئي ٿيندو. انهيءَ حوالي سان ڊاڪٽر احسان دانش لکي ٿو ته ” جهڙي طرح ڪنهن قوم جي اجتمائي زندگي ٻوليءَ کي تشڪيل ڏئي ٿي ساڳي طرح اها ڳالهه به اجري ڏينهن وانگر چٽي آهي ته ٻولي ئي انسان جي گڏيل سمجهه ۽ شعور کي وڌائڻ جو باعث بڻجي ٿي، ۽ انهيءَ وسيلي ئي قومن جي ڪلچر جو تعين ۽ سماجي ارتقا ممڪن ٿئي ٿي.“ 5

انهيءَ ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته دنيا جي هر ٻوليءَ جو پنهنجي سماج ۽ پنهنجي ثقافت سان گهرو لاڳاپو هوندو آهي بلڪل اهڙي ئي نموني سنڌي ٻوليءَ جو پڻ سنڌ جي سماج ۽ ثقافت سان گهاٽو تعلق آهي. ڏٺو وڃي ته ڪنهن ٻوليءَ جي بقا جو دارومدار اتان جي سماج جي سلامتي ۽ ثقافت جي واڌ ويجهه تي ٻيڌل هوندو آهي ڇو ته سماج اها جاءِ آهي جتي ٻولي پيدا ٿئي ٿي ۽ ثقافت وري اهو مقام آهي جتي ٻوليءَ جي طاقت ۾ بي پناهه واڌارو ڪري ٿي. ڏٺو وڃي ته سماج ثقافت ۽ ٻولي اهي عنصر هڪ ٻئي جو اهم حصو ۽ جز هوندا .ڪو به سماج ثقافت کان سواءِ اڌورو ۽ اڻپور آهي. سماج مختلف شين جو مجموعو آهي، خالي سماج ڪا به اهميت ۽ حيثيت نٿو رکي. اهڙيءَ طرح وري ثقافت به سماج سان ئي جُڙيل رهي ٿي. ثقافت ۾ ريتون، رسمون، وڏن توڙي ننڍن جا طور طريقا شامل آهن، اهي به سماج ۾ ئي رهن ٿا. اهڙي طرح سان ٻوليءَ به آهي. ثقافتي شين جو اظهار لازمي ٻوليءَ وسيلي ئي ٿيندو. جيئن ڪنهن به معاشري جون ريتون، رسمون ۽ وراج لازمي ٻولي وسيلي استعمال ۾ اچي سگهين ٿيون. انهيءَ بابت ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته ”جيڪي ڳالهيون انسان کي سماج جو هڪ جزو بڻائين ٿيون، اهي سڀ ٻوليءَ ۾ موجود آهن. مثال عمل، علميت، تجربو، ارادو، مقصد، اعتقاد، ميل ميلاپ، اظهار، پيار جو جذبو، روح جي تاريخ، تهذيب، خيال، نظريا، سوچ جا طريقا ۽ روزمره جي زندگيءَ جا اصلي اصول سڀ، ٻوليءَ جي وصف ۾ شامل آهن. اهي ئي اُهي ڳالهيون آهن، جن جي بنياد تي ڪو سماج ٺهيو آهي، ۽ اهي ئي ڳالهيون آهن جن جي بنياد تي ڪو سماج ٺهيو آهي“ 6

هن مان صاف واضح ٿي ٿو ته ڪنهن به سماج جي ٻولي ان سماج جي اصل روح آهي. ان ٻوليءَ سان معاشرو قائم رهي سگهي ٿو. سماج جي سڀئي ڏيتي، ليتي، هلت چلت، واهپو وغيره ٻوليءَ سان ئي منسلڪ آهي. تنهن ڪري سماج ۾ ٻوليءَ جي تمام گهڻي اهميت هوندي آهي. اصل ۾ ٻولي ڪنهن به سماج جو روح هوندي آهي، جنهن کان سواءِ حياتيءَ جو تصور ڪرڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. جيڪڏهن ٻوليءَ سماج جو روح آهي ته ثقافت سماج جو جسم آهي. روح ۽ جسم ملي ڪري ڪنهن به سماج کي جنم ڏين ٿا. انهيءَ مان اهو ثابت ٿيو ته سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻولي ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم جزو آهن. ڪنهن به هڪ جي نه هئڻ سان سماج جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. ”سماج ۽ ٻوليءَ جو سٻنڌ نه رڳو قائم آهي، پر اهو اٽوٽ آهي ۽ ٻيئي هڪ ٻئي جا لازم ۽ ملزوم حصا آهن. اهڙيءَ ريت ٻولي جو اڀياس، سماج جو

اپياس آهي، ۽ سماج جو اپياس ٻوليءَ جو اپياس آهي، يا ٻيئي هڪ ٻئي کي سمجهڻ جا وسيلا آهن، ۽ گڏجي انسان جي سچي تاريخ ٺاهين ٿا. ٻوليءَ جو واسطو سماج ۽ ڪلچر سان اجا به وڌيڪ آهي.“ 7

ثقافت لفظ وسيع معنيٰ ۽ مفهوم رکندڙ لفظ آهي. انهيءَ ڪري ثقافت جا ڪيترائي پهلو ٿي سگهن ٿا. عام طور تي معاشري جي رهڻي ڪهڻي، حياتي گذارڻ جا سڀ طور طريقا، انهيءَ ۾ ٻوليءَ پڻ شامل ٿي ويندي آهي. اهي سڀ ثقافت سان واسطو رکندڙ آهن. يعني معاشري ۾ لباس ڪهڙي قسم جو استعمال ٿيندو آهي اهو به ثقافت ۾ شامل ٿيندو. سماج ۽ معاشري ۾ ماڻهو کاڌ خوراڪ ڪهڙي قسم جي واپرائيندا آهن. يعني عيد باراد يا شادي مرادي تي ڪهڙي قسم جو طعام ٿي ٿو اهو به ثقافت ۾ شامل ٿيندو آهي. انهن موقعن تي ڪهڙيون رسمون رواج ادا ٿيندا آهن.سماج اندر ڪهڙي قسم جا رسم ۽ رواج آهن اهي به ثقافت جو ئي حصّو آهن. اهي سڀ جا عنصر وري ٻوليءَ سان واسطو رکندڙ هوندا آهن. مثال طور کاڌ خوراڪ ۾کير، مکڻ، لسي يا پلاءَ نالا ته ضرور استعمال ڪيا ويندا. مختلف موقعن تي تقريبون ٿينديون جنهن ۾ ميلا، عيدون، هولي، وغيره انهن سڀني جا به ضرور نالا آهن ،اُهي به ٻوليءَ ۾ ضرور استعمال ٿيندا. مختلف قسم جا لباس آهن انهن سڀنيءَ جا پنهنجا پنهنجا نالا آهن اهي به ٻوليءَ جي نالن سان واسطو رکندڙ هوندا. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻوليءَ جو پاڻ گهرو رشتو آهي.

اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڪم سرانجام ڏئي رهيا هوندا آهيون. جنهن ۾ اسان کي ڪا به خبر ناهي هوندي ته اسان ثقافت يا ٻوليءَ جو اهم حصو ادا ڪري رهيا هوندا آهن. زندگيءَ جي روز مره ڪاروهنوار ۾ لباس، زبان، خوراڪ، ملڻ جلڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ،فن ،گيت،ڳيچ، سهرا، عمارت سازي،زراعت جا طريقا،بيمارين کان بچاءَ جا طريقا سڀ اچي وڃن ٿا جنهن کي اسان زندگي جو طريقو چوندا آهن. اهي پهلو به ثقافت ۽ زبان سان گهرو واسطو رکندڙ هوندا جنهن کي اسان ثقافت جو شعوري ۽ لاشعوري حصّو چوندا آهن. شعوري توڙي لاشعور طور عمل ڪري رهيا هوندا آهيون اهي به ثقافت جو ۽ ٻوليءَ جو حصو آهن. ”هاڻي ظاهري سرشتي جي شعوري ۽ لاشعوري عنصرن تي ويچار ڪرڻ گهرجي. لاشعوري صورت ۾ جيڪا اڻ گهڙيل هجي، جنهن ۾ زندگيءَ جو ڪاروهنوار به اچي وڃي ٿو، لباس آهي، زبان آهي، خوراڪ آهي،رهڻي ڪهڻيءَ جا طور طريقا، رسم رواج و رواج، پاڻ ۾ ملڻ جُلڻ جا طريقا شامل آهن. مطلب ته زندگيءَ جي سموري اٿڻي ويهڻي، جنهن کي انگريزي ۾ وي آف لائف (Way of life) چيو وڃي ٿو، سي اچي وڃن ٿا. زندگيءَ جو روزانو ڪاروهنوار ڪنهن به معاشري جي ڪلچر جو اڻ گهڙيل خاڪو شڪل آهي، چو ته جڏهن ڪو به ماڻهو خاص قسم جو لباس پائي ٿو يا خاص قسم جو کاڌو واپرائي ٿو، ان وقت سندس وهم گمان به نه هوندو آهي ته هو ڪنهن ڪلچر جو لاشعوري حصّو آهي. اهوئي سندس روزمره جو وهنوار آهي، ۽ بس ظاهري پهلو سرشتي جي هڪ گهڙيل ۽ شعوري شڪل هجي ٿي.“ 8

ڪنهن به قوم جي زبان جو مطالعو سندس تاريخ ۽ تهذيب جو مطالعي مثل هوندو آهي. زبان جي مدد سان اسان معاشري اندر سندن قدرن جي چڱي طرح سان پرک ڪري سگهنداسون. جيڪڏهن انهن جي ٻوليءَ يا زبان ئي سمجهه ۾ نه ايندي ته ڪجهه به سمجهي نه سگهنداسين. تنهن ڪري لازمي آهي ڪنهن به قوم جي ثقافت جي مطالعي لاءِ ان قوم جي ٻوليءَ جو مطالعو به ضرور ڪجي. ان بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته” ڪنهن به ملڪ يا قوم جي زبان جو مطالعو گويا ان ملڪ يا قوم جوئي جائزو يا مطالعو هوندو آهي. جنهن ملڪ يا قوم ۾ اها زبان مروج ۽ مستعمل هوندي آهي. زبان جي تخيلات، نظريات ۽ قوت احساس جو هڪ رڪاڊ آهي، جو انسان ۽ انسان جي روح لاءِ هڪ تاريخ جي مانند آهي. مطلب ته عمل، تجربي، ارادي، مقصد، اعتقاد، اعتماد، ميل ميلاپ، اظهار، پيار جي جذبي، روح لاءِ سڪون، تهذيب ۽ تمدن، تخيل، نظريي، سوچ جي طريقي ۽ روزمره جي زندگيءَ جي اصل اصول وغيره سڀ زبان جي وصف عمل جي دائري ۾ داخل آهن. پر اهي سڀ اهي بنيادي ڳالهيون ۽ نقطا آهن، جن جي آڌار تي ڪو معاشرو قائم هوندو آهي. انهيءَ ڪري ايئن چيو ويندو آهي ته زبان ۽ معاشري جو هڪٻئي سان چولي ۽ دامن جهڙو رشتو آهي. هيءُ هڪ اهڙو اٽوٽ رشتو آهي جو هميشه لاءِ جاري رهڻ وارو آهي. يعني زبان ۽ معاشرو هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن.“ 9

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي قديم ۽ شاهوڪار ٻولين ۾ شمار ٿيندي آهي. تنهن ڪري سندس علم ۽ ادب پڻ وسيع موجود آهي. سنڌي زبان ۾ هڪ سماجي قوت ۽ طاقت موجود آهي. هن ۾ علم،ادب ۽ لغت

جو وسيع پندار آهي. خيال ۽ تخيل جي گهرائي پڻ اٿس. هي ٻولي ڌرتيءَ جي پاڙن ۾ گهري ڪتل آهي تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو ته سماج ۽ معاشري جي ڪنهن به پهلوءَ کان خالي ناهي رهي. تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جو پاڻ ۾ گهرو روح جو رشتو رهيو آهي. مٿين سچي بحث کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته سنڌي سماج ، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي ٻولي جو رشتو لازوال آهي. ثقافت هوندي ته ٻولي هوندي، ۽ ثقافت ۽ ٻوليءَ جي هئڻ سان ئي سنڌي سماج جو جياپو آهي. جيئن جيئن سماج ترقي ڪندو ويندو ته ثقافت ترقي ڪندي، ثقافت ترقي ڪندي ويندي ته ٻوليءَ ۾ پڻ نوان لفظ، نوان محاورا، نوان پهاڪا رائج ٿيندا ويندا. ايئن ٻنهي جي ترقي لازمي ٿيندي ويندي.

- ثقافت، فن لطيف ۽ ادب

انسان اشرف المخلوقات هئڻ جي ناتي زندگيءَ کي بهتر کان بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي. انساني ذهن حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ هميشه پاڻ پتوڙيندو رهندو آهي. سماج کي بهتر بنائڻ ۽ بهتر ڪرڻ انسان جي فطرت ۾ شامل رهيو آهي. انساني سماج ۾ سونهن، پيار، محبت سڀئي اهم پهلو رهيا آهن. سونهن سان پيار ڪرڻ انسان جي فطرت ۾ شامل آهي. چوندا آهن ته ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي تنهن ڪري انسان کي پيار ۽ محبت جي به ضرورت ضرور پئي. پيار ۽ محبت جو ئي جذبو آهي، جنهن اسان کي هڪ ٻئي جي ويجهو آندو. ايئن ماڻهن ۾ هڪ ٻئي جي ڪم اچڻ جو جذبو پيدا ٿيو. اهڙيءَ طرح سان انسان اندر گڏجي رهڻ جو جذبو پيدا ٿيو. مختلف گروهه ۽ جٿا پيدا ٿيا. جتي گڏجي رهڻ سان انسان کي فائدو ٿيو اتي مختلف مسئلن به منهن ڪڍيو، جيئن ڪي انسان عمر ۾ وڏا ننڍا هئا اتي ننڍ وڏائي جو مسئلو پيدا. جتي خوراڪ جي گهٽتائي هئي اتي خوراڪ جي ورهاست جو مسئلو پيدا ٿيو. انسان اندر جبلتي ضرورتون به آهن انهن ۾ پيار محبت اهم آهن. ان ڪري شروعاتي سماج ۾ محبت جو اهم مسئلو پيدا ٿيو. جنهن سان سماج جو اهم عنصر يعني شادي جي رسم وجود ۾ آئي . اهڙي طرح انسان محبت جو مسئلو وڏي عقل ۽ سمجهه سان حل ڪيو.

انسان جي تجربن جو اهم بنياد انسان جا پنهنجا مشاهدا ئي هئا جيڪي انسان کي پل پل تي رهنمائي ڪري رهئا هيا. اهي مشاهدا وقت سان گڏ پڪا پختا ٿيندا ويا. چو ته انسان کي پنهنجن ضرورتن ئي سمجهڻ تي مجبور ڪيو هو. انهن ضرورتن جي ڪري ئي انسان شين جي لهه وچڙ ۾ آيو. شروعاتي دور جا انسان فرد جي حيثيت سان جيئڻ لڳا هئا . پر فرد جي حيثيت ۾ اڪيلو جيئڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پيو . انسان کي مختلف شين ديڇارڻ شروع ڪيو جنهن ۾ جانور، حيوانات، هوا، طوفان ، موت، رات جي اوندهه ۽ جاندارن جا حملا وغيره اهم آهن . خوف ۽ ضرورتن انسان کي هڪ ٻئي جي ويجهو آندو. انسان پاڻ ۾ گڏجي رهڻ لڳا. گڏجي رهڻ سان ڪيترائي مسئلا حل ٿيا ۽ ائين آهستي آهستي سماج وجود ۾ آيو. سماج جي جوڙ جڪ انسان جي ضرورتن مطابق ئي ٿي آهي. جيئن جيئن سماج وجود ۾ آيو ته تهذيب، تمدن ۽ ثقافت به وجود ۾ آئي. چو ته ثقافت به انساني سماج سان گڏو گڏ ترقي ڪئي آهي.

انساني زندگي ٻين جاندارن کان بلڪل الڳ آهي. انساني احساسن ۽ گهرين يادگيرين ڪيس انفرادي ۽ اجتماعي ضرورتن جي ڦير ۾ وڌو ۽ ائين سماج جنم ورتو. گڏ رهڻ ۽ گڏجي زندگي گهارڻ جي انساني خواهش نفسياتي ۽ جسماني ضرورتن جي پيداوار آهي. ويجهو اچڻ ۽ باهمي خيال انسان کي وک وک تي مجبور ڪيو. ويجهو اچڻ سان هڪ به انسان گڏجي رهيو. ائين خاندان وجود ۾ آيو، گروهه ۽ خاندان وجود آيا، پاڙا وجود ۾ آيا، شهر تعمير ٿيا. پوءِ آهستي آهستي سماج وجود آيو. جنهن سماج وجود ۾ آيو ته سماج کي سجهڻ ۽ تعمير ڪرڻ جا مختلف فن پڻ پيدا ٿيا. جنهن انساني معاشري کي هلڻ لاءِ مدد ڪئي. انهيءَ علم ۾ عمارت سازي، ڪپڙو، خوراڪ، سونهن ۽ سينگار جا مختلف قسم شامل ٿي ويا. انهيءَ سينيءَ جي اچڻ سان ثقافت جي واڌ ويجهه پڻ ٿيندي رهي.

انساني سماج گل مثل آهي. جيئن گل جا پَنَ پَنَ ملي گل کي جوڙين ٿا،۽ وري ساڳيءَ طرح گلَ ملي ڪري باغيچو جوڙين ٿا. اهڙيءَ طرح سماج جا مختلف عنصر ملي سماجي جوڙجڪ ڪن ٿا ۽ سماج

ڪي سوارين سينگارين ٿا. هونءَ ته انساني سماج ڪي جوڙڻ ۽ ترقي وٺائڻ لاءِ ڪيترين ئي قوتون اثرانداز ٿين ٿيون. جنهن سان سماج وجود ۾ اچي ٿو. انهن ۾ انساني ڪوششون ۽ ڪاوشون به شامل آهن ته فطرت جا اصول به شامل آهن. سماجي رشتا، ناتا فطرت ۽ قدرت جون مليل نعمتون پڻ شامل آهن. جيئن مِٽ مائٽ، عزيز دوست ۽ ٻيا لاڳاپيل ناتا وغيره. اهي فطرت جا ئي سڀ جوڙيل اصول ۽ ناتا رشتا آهن. مطلب ته ماءُ، پيءُ، ڀيڻ ۽ ڀاءُ قدرتي ۽ فطرتي طور ملن ٿا. انهن رشتن جي گڏجي رهڻ سان سماج وجود ۾ اچي ٿو. انهن رشتن ڪي وڌيڪ پختو ڪرڻ لاءِ مختلف سماجي رسمون، ريتون جڙن ٿيون. اهي پڻ اهم سماجي عنصر آهن . مطلب ته سماج جا اهم نمائندا آهن.

جڏهن اسان انساني زندگيءَ تي نظر وجهنداسين ته ان ۾ اسان کي مختلف شيون نظر ۾ ايندي‌ون. اهي شيون مختلف فن ۽ فڪر سان تعمير ٿيل آهن. انهن ۾ ڪجھ شيون ته ضرور جون آهن. ته وري ڪجھ سونهن ۽ سينگار لاءِ آهن. انهن جو گهرو واسطو ادب سان رهيو آهي. انسان ذات جو جن شين سان دليءَ واسطو رهيو آهي انهن ۾ سندس ثقافت ۽ فنون لطيفه اهم آهن. فنون لطيفه اهو فن آهي، جنهن وسيلي انسان پنهنجي جذبات، ڪيفيات جا نقش چٽي سهڻي پرائي ۾ سامهون آڻي بيهاري ٿو. جنهن سان ضرورت سان گڏ روح کي به راحت اچو وڃي.

فنون لطيفه جو تاريخ سان پڻ گهرو واسطو رهيو آهي. جڏهن مصور جي محرابن تي نظر وجهون ٿا ته اهي سونهن سان به ڀرپور آهن. اهڙي طرح موهن جي دڙي مان مليل مورتيون، فن تعمير، سونهن سينگار لاءِ مختلف قسم جا زيور، رقص ۽ ناچ جو سامان، ۽ ناچڻي جي مورتي اهو ٿي ٻڌائي ته قديم دؤر کان وٺي اسان فنون لطيفه سان محبت ڪندو آيو آهي. سنڌ اندر آمريءَ جو دڙو پڻ سونهن ۽ سوڀيا جو امين رهيو آهي. آمري جي دڙي مان مليل شين مان اندازو لڳايو ويو آهي ته هي دڙو موهن جي دڙي کان به قديم آهي.

آمريءَ جي دڙي مان ڪيترين ئي شيون هٿ آيون، جن مان تقريبن هڪ سو ٺڪر جا ٿانوَ، انهن کان سواءِ ٻيون به ڪيترين شيون هٿ آيون جن مان مٽي جا ٺهيل رانديڪا، مختلف جانورن جون مورتيون ۽ مهرون وغيره اهميت جون حامل آهن. ٺڪر جي ٿانون تي گلڪاري پڻ ٿيل آهي. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هتي جا رهاڪو ادب، مصري، موسيقي ۽ ناچ گاني جا شوقين هئا. يعني ان وقت ۾ به فنون لطيفه جا شوقين ماڻهو هئا. موهن جي دڙي بابت ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو ته"مهين جي دڙي مان ملندڙ ناچڻيءَ جي مورتي آهي. هنن وٽ توڙي جو شاهي محلاتون سلطاني شان ۽ شوڪت وارو نمائشي ڪلچر ڪو نه ٿو ملي، جيڪو اڪثر آڳاٽين تهذيبن ۾ نظر اچي ٿو، پر ان جي برعڪس هو آرٽ ۽ ٻوليءَ ڏانهن وڌيڪ سنجيده رويو رکندڙ هئا. هنن جا صاف سٿرا، هوادار پڪا گهر، ڪشاديون گهٽيون، پاڻي جي نيڪال جو نظام، واپار، علم ۽ ٻوليءَ ڏانهن جذباتي ۽ انسيت وارو لاڙو سندن مهذب، خوشحال ۽ خوبصورت زندگي گذارڻ جو ثبوت پيش ڪن ٿا. 10

فنون لطيفه جو انساني زندگيءَ سان گهرو واسطو رهيو آهي، هر هڪ اهو فن جيڪو انسان جي احساسن، جذبن ۽ ڪيفيت جي گهري مها ساگر مان نڪري نروار ٿيو هجي ان کي فن لطيف يا فنونه لطيفه چئبو آهي. ڪنهن به لطيف فن کي انسان کان جدا نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته انسان جي اندر ۾ اهي سڀ جذبا سمايل هوندا آهن. جيئن رقص، ساز، موسيقي، مصوري، ادب، شعر، فن تعمير،لباس، سٺو لفظ ۽ ٻول اهي سڀ فن لطيف جو حصو هوندا آهن. انهن ۾ جيڪڏهن سونهن ۽ خوبصورتيءَ وارو پهلو اچي ويندو آهي ته ان کي فنون لطيفه يا فن لطيف چئبو آهي. ان بابت مختيار احمد ملاح لکي ٿو ته"فنون لطيفه اهي هوندا آهن، جن وسيلي انساني جذبات ۽ ڪيفيتن جا نقش چٽي، اهڙي دلڪش، دلسوز ۽ روح افزا انداز ۾ پيش ڪجن، جو ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ جو روح ۽ دماغ جذبن ۽ امنگن سان آراسته ٿي، گهراين ۽ اونهاين ۾ رچي وڃي. ڪنهن به لطيف فن کي انسان جي دل، روح ۽ جذبات کان جدا ڪري نه سگهبو. انهيءَ لحاظ سان رقص يا ناچ، ساز ۽ موسيقي، مصوري، ادب ۽ شعر کي فنون لطيفه ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته انهن سان ڪلي جذبات جو اظهار ڪيو وڃي ٿو. لطيف فن تخليقي فن سڏبا آهن." 11

موهن جي دڙي کان پوءِ جيڪڏهن مڪليءَ جي مقام تي نظر وجهنداسين ته اتي به قديم تهذيب ۽ ثقافت جا چٽا اهڃاڻ ضرور ملندا. هتي به فنون لطيفه جي عجيب ڏيک ملن ٿا. جن سان سنڌي ماڻهن جي فنون لطيفه ۾ دلچسپي معلوم ٿئي ٿي. مڪلي جي مقام ۾ لکين انسان دفن ٿيل آهن. جن مان سوا لک جي لڳ

پڳ بزرگ هستيون آرامي آهن. هتي جي مقبرن تي عاليشان اُڪر جو ڪم ٿيل آهي. مڪلي جي قبرستان ۾ پٿر تي عاليشان ڪم ٿيل آهي. هتي چام ننڌو جو مقبرو به آهي. سندس مقبري جي ديوارن تي عاليشان ڪم ٿيل آهي. جيڪو پنهنجي عظمت جو اهڃاڻ پاڻ ٻڌائي رهيو آهي. هتي اهڙا مقبرا پڻ آهن جي تمام گهڻا اوچا نهيل آهن. بهرحال هي به سنڌ جو عظيم ماضي ٻڌائڻ جي لائق لاءِ هتي به فن لطيف جا عظيم مثال موجود آهن.

لطيف فن سان انساني مزاج جي معلومات پڻ ملي ٿي. جيئن موهن جي دڙي مان مليل ناچڻي جي مورتي مان معلوم ٿي ٿو ته هتان جا ماڻهو قديم دؤر کان وٺي رقص، موسيقي ۽ عمارت سازي جا شوقين رهيا آهن. حيدرعلي لغاري لطيف فن بابت لکي ٿو ته”لطيف فن کي انسان جي دل، روح ۽ جذبات کان جدا ڪري نه سگهبو. انهيءَ لحاظ سان رقص، ساز و موسيقي، مصور، ادب ۽ شعر و شاعري کي فنون لطيفه ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو، چاڪاڻ ته انهن سان دلي جذبات جو اظهار ڪيو وڃي ٿو ۽ ٻين ۾ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. رقص ڇا آهي؟ انسان جي جذبي جو سندس جسم جي عضون ۾ تحرڪ، چرپر ۽ هلچل رستي اظهار. اگر مختصر طور چئجي ته رقص جي مراد آهي خيالات ۽ جذبات جو جسم ذريعي اظهار، ته اهو صحيح چئبو. 12

فنون لطيفه هڪ اهڙو فن ۽ علم آهي، جنهن وسيلي انساني معاشري جي ضرورت سان گڏ جمالياتي قدرن، انسان جي شعور حُسن ۽ حسِ جمال کي اُجاگر ڪري ٿو. هن علم وسيلي سماج ۾ خوصبورتي، نااهه ٿوهه ڪري سگهجي ٿي. تنهن ڪري هي علم هاڻي ڪنهن به معاشري لاءِ لازمي جز جيان ٿي پيو آهي. فنون لطيفه ۾ ڪي هنر اهڙا هوندا آهن، جنهن جو واسطو سونهن سان گڏ ضرورت پوري ڪرڻ به ٿيندو آهي. جيئن گهر، مسجد، مندر وغيره اُهي سڀ ضرورت جون شيون آهن ته ان سان گڏو گڏ جيڪڏهن سونهن جو معمار آهن ته جمالي ضرورت پڻ آهن. جيئن ٺٽي ۾ شاهه جهان مسجد، مڪليءَ جو مقام، رني ڪوٽ، عمر ڪوٽ، حيدرآباد ۾ پڪو قلعو ۽ ڪچو قلعو وغيره. اهي سڀ جايون پهرين ضرورت کي سامهون رکي تعمير ڪيون ويون. پر سونهن ۽ ڪاريگر جي ڪاريگريءَ سبب هاڻي فنون لطيفه جو اعليٰ مثال ٿي پيا آهن. انهيءَ بابت ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو ته ”مثلاً : لوهار، ٻڪڻ ۽ رازي جو ڪم، جيڪو پنهنجي فني بيهڪ ۽ ڏيک ويک ۾ حسين به آهي، ته آفادي حوالي سان ڪارج وارو ۽ انسان لاءِ سهولتون ۽ سک پيدا ڪندڙ به. ان نسبت سان ڪجھ فن جزوي طور افادي ۽ جزوي طور غير افادي هوندا آهن. هڪ رازو جيڪو مسجد مندر يا گرجا گهر ٺاهي ٿو ته اهو يقيني طور انهن جو خاڪو افادي جوڙيندو، پر انهن جي تعمير ۽ حسين ۽ غير افادي پهلو به شامل هوندو آهي. ان ڪري ئي اهي عمارتون عبادت گاهن سان گڏوگڏ حُسن ۽ جاذبيت جو شاهڪار لڳنديون آهن. هن فن کي هنر ۽ ڪاريگري به چيو ويندو آهي“ 13

فنون لطيفه انساني اندر کي سڪون، دل کي چين، اکين راحت ۽ سڪون ڏيڻ سان گڏ ثقافت سان پڻ اهم لاڳاپو رکي ٿو. سنڌي اجرڪ، ٽوپي، لباس انهن جو واسطو ضرورت سان هوندي آهي، جمالياتي ۽ ثقافتي پڻ رهيو آهي. هڪ شخص پنهنجي ضرورت جي ڪري سٺا ڪپڙا، مٿي تي سنڌي ٽوپي، يا پٽڪو ٻڌي ٿو ته پنهنجي ضرورت سان گڏ ثقافتي پهلوءَ کي به نروار ڪري ٿو. بلڪل اهڙيءَ طرح سان هو فنون لطيفه جون سڀ گهرجون پڻ پوريون ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح سان فنون لطيفه جو ادبي پهلوءَ پڻ آهي. اسان سڀني ڪهاڻيون، شاعري يا قصو ضرور پڙهيو هوندو. پر جيڪڏهن ڪو ماهر قصا گو پنهنجي انداز سان سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر مارئي، يا ليلا جو داستان ٻڌائيندو ته ان جو اثر ۽ سحر پنهنجو هوندو آهي. فنون لطيفه جي ادبي پهلوءَ بابت حيدر علي لغاري لکي ٿو ته

”محاڪات، فصاحت ۽ بلاغت، سلاست ۽ رواني، تمثيل و تشبيهه جو استعمال، تجنيس وصنعت ۽ استعارن ۽ اصطلاحن جو بر محل استعمال. لفظن جي اهڙي صحيح استمعال جي ڪري بعض آدمي رڳو لفظن جي پر لطف اچارن ۽ ان جي دلڪش آوازن جي ساز ۾ ئي گم ٿي ويندو آهي. مگر انهن جي سهڻي اڏاوت ۾ سمايل اعليٰ ۽ ارفع مفهوم ۽ مقصد جي بلندي کان بي بهره ٻڌجي ويندو آهي. تنهن ڪري لطيف جي هن ڪاريگريءَ کي چڱيءَ پر پرکڻ لاءِ ان جي هر ادا هر خوبي ۽ سڀني خصوصيتن تي ڌيان ڏرڻ ضروري آهي. محاڪات مان مراد حڪايت ذريعي تصوير چٽڻ جي آهي، جنهن جي رستي اديب ۽ شاعر

نقش نگاري، سيرت نگاري ۽ فطرت نگاريءَ جا حسين ۽ دلڪش منظر ۽ نقش چٽي پڙهندڙ جي ذهن ۾ هڪ جئيري جاڳندي تصوير پيدا ڪرڻ جو ڪرشمو ڏيکاري.“ 14

جيڪڏهن ڪو فنڪار پنهنجي فن جي ذريعي سان تصوير ٺاهي ٿو. ڪو موسيقار پنهنجي موسيقي ذريعي ماڻهن جي دليلن تي راڄ ڪري ٿو. مجسما ساز پٿر جي مورتي ٺاهي ٿو ته اديب وري پنهنجي لفظن جي ذريعي سهڻا منظر پيش ڪري پڙهندڙن کي دلي ۽ روحاني سڪون ڏئي ٿو اهو ئي ادب جو لطيف پهلو آهي. فنون لطيفه جو ثقافتي پهلو پڻ اهم رهيو آهي، جنهن جي وسيلي تهذيب ۽ ثقافت جا رنگ نکري نروار ٿين ٿا. جيڪڏهن فنون لطيفه جو ثقافتي پهلو خارج ڪري ڇڏجي ته پورو علم ئي بي مزو ٿي پوي. فنون لطيفه جي ثقافتي پهلوءَ تي ڊاڪٽر فياض لطيف لکي ٿو ته ”لطيف فن هڪ طرف اکين کي تراوت من کي تسڪين ۽ ذهن کي فڪري، تجرباتي تازگي ۽ توانائي عطا ڪن ٿا، ته ٻي طرف اهي اسان جي تهذيب ۽ ثقافت جو اڻٽ حصو آهن. انهن کان سواءِ اسان جو جيون ٻُسو ۽ اڻ پورو آهي. اسان پنهنجي عام روزاني زندگيءَ ۾ اک ورائي ڏسنداسين، ته ان ۾ هر پل لطيف فنن جو عمل ۽ احساس نظر ايندو. پنهنجي ذات جي موچاري ڏيک ويک، لٽي ڪپڙي پهرڻ، رويي، ڳالهه ٻولهه جي شائسته انداز ۾ اٿڻ ويهڻ جي سهڻي سليقي کان وٺي گهر جي سجاوٽ ۽ آس پاس جي ماحول کي حسين بنائڻ جي عمل تائين، انسان هميشه بهتر کان بهتر جي ڪوشش ۽ جستجو ۾ رهيو آهي، ۽ اها جستجو ۽ ڪوشش ئي سندس تخليقي عمل ۽ فنون لطيفه ڏانهن رغبت جو سبب آهي. 15

مٿئين بحث مان ظاهر ٿيو ته ڪنهن به فن جو ڪو خاص هڪڙو پهلو ناهي هوندو. تنهن ڪري ڏٺو وڃي ته فنون لطيفه ۾ ڪيترائي فن شامل آهن. فن لطيف جي ذريعي انساني سماج ۾ خوبصورتي پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ ماڻهن جي اندر زندگيءَ سان پيار ڪرڻ به سيکاريو ويندو آهي. هن فن جي وسيلي اهو بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ته دنيا کي جمالياتي نظر سان به ڏٺو وڃي ته جيئڻ زندگي ۾ آساني پيدا ٿي سگهي. هن دنيا اندر انسان صرف پريشاني، ڏک، تڪليف لاءَ ناهي آيو پر دنيا ۾ حسين نظارا، دلڪش منظر، خوبصورت قصا، ڪهاڻيون، ڏسڻ وٽان ۽ دل کي راحت ڏيندڙ عمارتون پڻ آهن، جنهن وسيلي انسان پاڻ کي خوش رکي سگهي ٿو. اهو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جنهن فنڪار پنهنجي فنڪاري ۽ ڪاريگري وسيلي ٻين کي محسوس ڪرائي سگهي. تخليڪار شين کي پنهنجي فن ۽ فڪر وسيلي رنگ روپ ڏئي روح راحت ڏيندڙ بنائي سگهي ٿو. تنهن ڪري فنون لطيفه وسيلي دنيا کي حسين کان حسين بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، جنهن جا ڪيترائي رنگ روپ آهن. جنهن ۾ علم موسيقي، سنگتراشي، رقص، ناچ، مصوري، شاعري، ادب سڀ شامل آهن.

حوالا :

1. سراج.سنڌي ٻولي، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو،2017ع، ص 39
2. جتوئي، علي نواز. ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ حيدرآباد: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1983ع. ص 10
3. شيخ، محمد فاضل،پروفيسر.” ماٺيلي اوٻاوڙي جي ٻولي“حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو. 1992ع ، ص 9
4. جتوئي، علي نواز. ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ حيدرآباد: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1983ع. ص 11
5. دانش احسان. ”قليچ تحقيقي جرنل“ مضمون ”ٻولي، سماج ۽ ڪلچر: هڪ تحقيقي مطالعو“ مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو. جلد ٻيو: شمارو ٻيو سال 2016: ص 6.
6. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر.”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي، ڇاپو ٻيو:2011ع،ص 56.55
7. حوالو ساڳيو. ص 56
8. شيخ امان الله،سنڌيڪار: ”فيض احمد فيض ۽ پاڪستاني ثقافت“ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع،ص26،27
9. الانا غلام علي ڊاڪٽر(مقالو) ”انسان،زبان ۽ ثقافت“ سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون جلد II مرتب:خان محمد جروار: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد،2007ع ص،145
10. لطيف فياض ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو،2018ع ، ص 52
11. ملاح مختيار احمد،ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت،: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، ڇاپو پهريون،: مارچ 2015ع، ص 265
12. هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر(مرتب) ادب،زندگي ۽ سماج ( مقالوادب ۽ فنون لطيفه) مهراڻ اڪيڊمي 2006 ، ص37
13. لطيف فياض ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو،2018ع ، ص 46
14. هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر(مرتب) ادب،زندگي ۽ سماج ( مقالوادب ۽ فنون لطيفه) مهراڻ اڪيڊمي 2006 ، ص37
15. لطيف فياض ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو،2018ع ، ص 46

## باب چوٿون : سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي ثقافت ۽ سماج جو مختصر تاريخي جائزو

- قديم سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج ۽ ثقافت جو مختصر تاريخي پسمنظر

لفظ ”ادب“ پنهنجي اندر وسيع معنيٰ ۽ مفهوم رکي ٿو.انساني احساسن جي علم کي ادب چئبو آهي. ادب سچ کي محسوس ڪرائڻ جو نالو آهي، ادب ۾ جمالياتي خوشي پڻ هوندي آهي.ادب اندر اهم سماجي مسئلا، معاشي مسئلا، تاريخي، تمدني ۽ تهذيبي مسئلا وغيره شامل آهن. ادب ۾ اهو محسوس ڪرايو

ويندو آهي ته هن دنيا ۾ انسان جي اچڻ جو مقصد ڇا آهي. ادب جو اهم ڪارج اسان ڪي سماجي قدرن ۽ فڪر تي غور ڪرڻ آهي. ادب وسيلي ڏک، سک، ڪل ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪبو آهي. مطلب ته انساني احساسن ۽ جذبن جي علم کي ادب چئبو آهي.

”ادب، انسان جي زندگيءَ جو بهترين عڪاس آهي ۽ انساني زندگيءَ جو لفظن جي روپ ۾ هڪ دلفريب اظهار به آهي. ادب ۾ين لفظن ۾ انساني زندگيءَ ۽ ان سان وابسته جانورن، ٻوٽن، سج، روشني مطلب ته هر شيءَ جي ڪهاڻي به آهي.“1

ادب کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، هڪ نثر ٻيو نظم.نثري ادب ۾ ڪيترين ئي صنفون آهن. جيئن ناول، ڊرامو، مضمون، آتم ڪٿا، جيون ڪهاڻيءَ وغيره . انهن سڀني ۾ مختصر ڪهاڻيءَ کي اهم حيثيت حاصل آهي. ڏٺو وڃي ته ڪهاڻي انسان سان گڏ جنم ورتو آهي ۽ سدائين انسان سان گڏ گڏ رهندي آئي آهي. ڪهاڻي انسان سان پاڇي جيان سدائين گڏ رهي آهي، انسان جڏهن سوچڻ شروع ڪيو ته اهو به ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ ڇو ته جڏهن انسان اجان ايتري ترقي نه ڪئي هئي. جڏهن انسان غارن ۾ رهندو هو. ان وقت شڪار،ڪندي ڪو جانور چير ڦاڙ ڪندو هو ته اها به ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ ٻين کي ٻڌائي خبردار ڪندا هئا. شڪار ڪندي جڏهن ماڻهو واپس ورندا هئا ان ۾ بهادري جا قصا ۽ داستان ٻين کي ٻڌائي دل وندرائيندا هئا. خوفناڪ جانور جڏهن انسان کي نقصان رسائيندو هو يا وري ڪو خوبصورت پکي ڏسي انسان خوش ٿيندا هئا، اهي به قصا ۽ داستان ڪري ٻڌائيندا هئا. ايئن داستان ۽ قصا ٺهيا ۽ ڪهاڻيءَ جنم ورتو. مطلب ته خوف، خوشي، ڪل نفرت، ۽ نيڪي بدي شيطاني طاقت وغيره ڪهاڻيءَ جا شروعاتي اهڃاڻ آهن. شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته:

”'ادب'محض 'لفظن'جو فن آهي، جو تڏهن وجود ۾ آيو، جڏهن انسان شعور ۽ جذبات جي گڏيل سڏيل تاثر جو ٽٽل ڦٽل لفظي اظهار ڪرڻ سکيو. شاعريءَ ۽ افسانو قديم ترين ادبي صورتون ۽ انساني ورثو سمجهيا وڃن ٿا.“2

ڏٺو وڃي ته ادب قديم ترين عِلمَ ليکيو وڃي ٿو، جڏهن کان انسان لفظ سکيا تڏهن کان ئي ادب وجود ۾ آيو، جنهن کي لوڪ ادب سڏيو وڃي ٿو. لفظن وسيلي اندر جي اظهار کي ادب چئبو آهي، ڏک ، سک ، ڪل ، خوشي، محبت، نفرت ، هزارين تَمَنائُون، خَواهَشُون ، ڪامنائون، اڪيرون، قرب ۽ دل جي چِڪ وغيره اهي سڀ ادب جو ورثو ۽ موضوع رهيا آهن. مطلب ته انهن سڀني جو اظهار صرف ادب ۾ ئي ممڪن ٿي سگهيو ٿي.اوائلي دؤر جي انسان کي کائڻ پيئڻ ،ننڊ ڪرڻ ،شڪار ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪا به تفريح ۽ وندر ميسر ڪو نه هئي ان ڪري اهڙي زندگيءَ ۾ هتان هتان جي ڳالهين ۽ قصن يا داستانن جو پيدا ٿيڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪو نه هئي.

”قديم انسان کي گذرِمعاش لاءِ گهٽي ڊڪ ڊوڙ ڪرڻي پوندي هئي شڪار تان واپس اڏي تي پهچڻ کان پوءِ هن مهم جوئي ۽ هڻ هٽان جو ذڪر پنهنجي زندگيءَ جي ساٿي سان فخر ۽ غرور مان ڪيو هجي ايئن به هوندو ته فرصت جي وقت همدرديءَ طور هن اهڙو اظهار پاڻ جهڙن هم جنسن سان ڪيو هجي، بس اتان ئي افساني جي شروعات ٿئي ٿي ! حقيقت ۾ ٻوليءَ ۽ قصه گوئيءَ ۾ رڳو هڪ وک جو فاصلو آهي. “ 3

”تھکے ہارے انسان کو اپنے سارے دن کی تھکن دور کرنے کے لئے فطرتا کسی ایسے مشغلے کی جستجو ہوتی تھی جو اس کے فطری احساس برتری کو بھی تسکین دے سکے اور اس پر عارضی طور فراموشی بھی طاری کرسکے کہ اس ماحول میں حقائق کی سنختیان اور تلخیان اسے نہ ستائیں -“ 4

انسان تي جيڪو ڪجهه وهي واپري ٿو ۽ جيڪو محسوس ڪري ٿو ان ڪري ٻين تائين پهچائڻ انسان جو مشغلو رهيو آهي، ڇو ته انسان هڪ سوچيندڙ مخلوق آهي.تنهنڪري فطرت طرفان جيڪو انسان کي مليو ان تي هن گهري سوچ رکي آهي. شروعاتي دور ۾ ڳالهه ڪندي جذبات جي رغبت، وَهڪ ۽ ولولي ۾ اچي ڪو فعل ڪيو يا اشارا ته ضرور ڪيا هوندا . اهي شروعاتي اشارا ۽ جذبات قديم افسانا ۽ قصا ٿي پيا ۽ پوءِ انهن تي آهستي آهستي ڊرامائي انداز غالب اچڻ لڳو.مختيار احمد ملاح مطابق:

”انسان جڏهن تهذيبن جو سفر ڪيو، تڏهن انساني زندگيءَ ۾ ننڍن ننڍن حادثن، خوشين، غمن، ناڪامين، لاهن چاڙهن، رشتن، ناتن ، پيار محبت نفرت سان ڀرپور ڪهاڻيون جڙيون. ڪهاڻيءَ به ڊگهو سفر طئي ڪيو آهي، ۽ غفائن مان نڪري عمارتن تائين پهتي ۽ سينه به سينه هلندي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جي روپ ۾ وڌندي رهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪهاڻيءَ جون شروعاتي صورتون يعني قصا، داستان ۽ آکاڻيون زباني طرح

ٻڌائڻ جي فن تي مشتمل هيون. خود ڪهاڻي لاءِ جيڪي نالا ڏنا ويا آهن انهن مان ڳالهائڻ جو مطلب نڪري ٿو. ‘‘ 5

ادب ۾ افساني ۽ ڪهاڻيءَ جي شروعات لوڪ ڪهاڻي، داستان ۽ قصه گوئي کان ٿي آهي. داستان، حڪايت جو تمام گهڻو وسيع دائرو موثر روايت صدين تائين ڦهليل آهي. اسان مٿي اهو چئي آيا آهيون ته ڪهاڻي ڪنهن هڪ صدي يا ٻن صدين جي ڳالهه ناهي بلڪه اها ته انسان جي تاريخ وانگر پراڻي آهي ۽ انسان سان گڏ گڏ ترقي ڪندي رهي آهي.

انسان پنهنجي گهري يادگيرين، آزمودن ۽ تجربن جو احوال ٻئي شخص سان ڪرڻ چاهيندو آهي. يا وري انهن ۾ سندس امنگن ۽ وسوسن جو اظهار پڻ ڪرڻ چاهي ٿو. انسان هڪ سماجي جاندار هئڻ انساني جدوجهد، جرئت ،عقل، ڏاهپ ذريعي جيڪو ڪري ٿو ۽ ان جي نيتجي حاصل ٿيندڙ ڪاميابي پڻ ٻين سان ونڊڻ چاهي ٿو. شروعاتي دور ۾ به انسان پنهنجي بهادري ۽ ڏاهپ جا قصا ٻين کي ٻڌايا هوندا جيڪي پوءِ ڪهاڻيون،افسانا ۽ داستان ٿي پيا. ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو ته

’’ڪهاڻيون آڳاٽي دور ۾ اسريون ۽ ڪافي آڳاٽي وقت کان رائج ٿيون. اول جن شخصن تي جيڪي ٿي گذريو سو انهن پنهنجي ساٿين سان بيان ڪيو. پوءِ سورمن جا ڪارناما وڏن نندن کي ٻڌايا ۽ انهن پنهنجي اولاد کي سڻايا، جيئن وقت وچان پوندو ويو. تيئن حقيقتن تي حڪايتن جو رنگ چڙهندو ويو، تان جو حقيقي ڪشالا ۽ ڪارناما،قصا ۽ ڪهاڻيون بڻجي ويا.‘‘ 6

بهرحال چئي سگهجي ٿو ته اهڙي ڪا به ٻولي ناهي جنهن ۾ ٿورو يا گهڻو علم ادب موجود نه هجي. ان ادب ۾ پنهنجا فڪر ۽ پنهنجا قدر هوندا . افسانوي ادب جي شروعات لوڪ داستان، قصن، ۽ لوڪ ڪهاڻين سان ٿي آهي. پر فني لحاظ کان گهڻو مختلف ضرور آهن. ڪهاڻيءَ جون پاڙون لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ کتل آهن .

سنڌ جي سر زمين زرعي رهي آهي. سنڌي ماڻهو شروع کان ئي قصن ۽ ڪهاڻين جا شوقين رهيا آهن. جنهن جو ثبوت قديم داستان ۽ قصا آهن . انهن داستانن ۽ قصن جو پيرو کڻنداسين ته اهي پري پري تائين پکڙيل نظر ايندا . عرب دور کان پهرين سنڌ ۾ علم ادب موجود هو. اهڙيءَ ريت سنڌ جي تاريخي پسمنظر تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته مختلف دورن ۾ ڪهاڻي ارتقائي ڏاڪا چڙهندي اڳتي رڙهي رهي آهي. مختيار احمد ملاح لکي ٿوته

’’عربن جي دور کان اڳ ئي سنڌ ۾ علم و ادب ۽ لکت جو جهان موجود هو. عرب مؤرخن جي سفرنامن ۽ تاريخي ڪتابن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ادب نثر توڙي شاعريءَ ۾ سرجيو ويندو هو. ان حساب سان چئي سگهجي ٿو ته ڪهاڻيون به لوڪ داستان، قصن ۽ حڪايتن جي روپ ۾ موجود هونديون. ‘‘. 7

عربن جي اچڻ سان سنڌ ۽ سنڌي سماج ۾ ڪيتريون ئي تبديليون رونما ٿيون، اسلام جو پکڙجڻ هڪ فطري عمل هو. ڇو ته عرب پاڻ به مسلمان هئا، هزارن سالن کان ٻڌمت، هندو مذهب ، ۽ برهمڻ سماج جا اثر نهايت تيزي سان ختم ٿيا. ان جاءِ تي اسلام آيو. ان سان هڪ نئون ڪلچر آيو. ريتن،رسمن، رواجن ۾ تبديلي آئي . مطلب ته پوري سنڌي سماج تي گهرا اثر ٿيا .جنهن جو اثر ادب تي پڻ ٿيو.عربن جي دور ۾ خاص طور تي سنڌي نالا تبديل ٿيا. اسلامي اثر هيٺ نالا استعمال ٿيا .سنڌي ٻوليءَ جو دائرو وسيع ٿيو. صورتخطي ۽ لغات ۾ واڌارو ٿيو .عرب عالمن سنڌي ٻوليءَ ۾ دلچسپي ورتي،نون موضوعن ۽ ڪتاب ترجمو ٿيا .جڙين ٻوٽين ، وڻن، ٿڻن جا نالا به تبديل ٿيا ۽ ڪن مشهور عالمن سنڌ بابت ڪتاب پڻ لکيا .بهرحال چئي سگهجي ٿو ته سنڌ اندر، سنڌي ٻوليءَ ۽ لغت ۾ ڪافي تبديليون ٿيون.پر باقاعده سنڌي ادب شروعات سومرن جي دور کان ٿي .

**سومرن جو دور 1050— 1350ع:** سومرا جيئن ته پاڻ سنڌي هئا،ان ڪري اوائلي سنڌي ادب کي به وڏي اهميت ملي . هن دؤر ۾ پٽ، ٻان ۽ چارڻ وغيره هوندا هئا. جيڪي سخي مردن جا ڪارمانا قصن ۽ داستانن جي صورت ۾ ڳائيندا هئا. مطلب ته سومرن جي دور ۾ به لوڪ ادب کي اهم هٿي ملي. ان باري ۾ ڊاڪٽر احسان دانش لکي ٿو ته ’’هن ئي دور ۾ سنڌ اندر اهم رومانوي داستانن جهڙوڪ سسئي پنهون، عمر مارئي،مومل راڻو، سهڻي ميهار، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ ليلا چنيسر جنم ورتو جن کي اڳتي هلي شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ ڳائي امر بڻائي ڇڏيو. انهن رومانوي داستانن توڙي ٻين لوڪ روايتن جهڙوڪ لوڪ گيت ۽ لوڪ رقص جي موجودگي مان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت سنڌي سماج اعتدال

پسنديَ جو مظهر هيو. سومرا دور رڳو ورمانوي داستانن ۽ لوڪ ريتن کي جنم ته ڏنو پر دودي سومري جهڙا بهادر ڪردار به پيدا ڪيا، جنهن پنهنجي آدرشي ڪردار سبب سنڌي سماج تي گهرو اثر ڇڏيو.“8

سومرن جي دور معاشي خوشحالي، ادبي ثقافتي اوسر ٿي. سنڌي ادب تاريخي ۽ نيم تاريخي داستان اسريا. سنڌي حڪمران هئا، ان ڪري سنڌي ماحول پڻ مليو. ان ڪري اندروني مسئلن ڏانهن پڻ ڌيان ڏنو ويو.سنڌ جا اڪثر رومانوي داستان به هن ئي دور ۾ نمودار ٿيا. پڻن، پانن، فقيرن، چارڻَ کي اهميت ملي. تنهن ڪري فڪري ۽ شعوري تور هي دور سنڌي ادب ۾ اهم هو .

سومرن جي دور ۾ عشقيه داستان، جنگنامه شروع ٿيا. هن دؤر جي عشقيه داستانن کي پوءِ به ڳايو ويو .

سومرن جي دور ۾ قصن، لوڪ ڪهاڻين جي اوسر ٿي جنهن مان سنڌي ٻوليءَ جي بياني صلاحيت معلوم ڪري سگهجي ٿي .سومرن جو دور سنڌي ٻوليءَ لاءِ تعمير ۽ توسيع وارو دور هو .هن دؤر ۾ رزميه شاعري جي شروعات ٿي، هن دؤر ۾ ڀٽ، پان ۽ چارڻ ٿيا جنهن رزميه شاعري کي اوج ڏنو .هن دؤر ۾ لوڪ ادب جي مشهور صنف ڳيچ کي پڻ ترقي ملي .

**سمن جو دور 1350 — 1520ع :** سمن جي دور کي سنڌي ادب ۾ اهم سمجهيو وڃي ٿو، سمن جي دور ۾ سنڌي سماج ۽ سنڌي ادب کي ترقي ۽ ادبي سڌاري وارو دور به سمجهيو وڃي ٿو. هن دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ جون لساني خوبيون وڌيون. قصن ۽ داستانن کي فني ۽ فڪري لحاظ سان فن جي درجي تي پهچايو ويو. سمن جي دور ۾ عوامي داستان مشهور ٿيا. سمن جي دور جون لوڪ ڪهاڻيون گهڻو ڪري حاڪمن سان گهرو واسطو رکن ٿيون. سما دور ۾ اهم لوڪ ڪهاڻيون ”نوري ڄام تماچي“، ”ڄام لاکو ۽ مهر راڻي“، ”ڄام لاکو ۽ اوڍڻ“ ، ”ڄام اڍو ۽ هوٿل پري“ وغيره مشهور آهن. هن ئي دور ۾ ماموئي فقير به مشهور ٿيا. ان بابت ڊاڪٽر احسان دانش لکي ٿو ته

”ان حوالي سان سٽن ماموئي فقيرن جا ست بيت پڻ اهم آهن، جيڪي حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ جا پهريان، مزاحمتي، انقلابي ۽ پيشنگوئين وارا بيت آهن. اهي بيت سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن ڏانهن اشارو ڪن ٿا. جيئن :

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي ٻنڌ اروڙ

ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي“ 9

هي دور به فڪري حوالي سان ڪافي مشهور آهي، جنهن جي جهلڪ سنڌي ادب ۾ ملي ٿي. هن دؤر جا فڪري اثر سنڌي سماج ۽ معاشري تي پيا.سمن جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جون لساني خوبيون ۽ خصوصتون وڌيون، سنڌي ٻولي لساني حوالي سان اڳتي وڌي .سمن جي دور ۾ قصن ۽ داستانن کي فني ۽ فڪري لحاظ کان ترقي ملي، جنهن ڪري عوام ۾ داستان ۽ قصا وڌيا ويجهيا . سنڌي ادب جا اهم لوڪ داستان، قصا ۽ ڪهاڻيون هن دؤر سان واسطو رکن ٿا. جنهن کي شاهه لطيف پڻ شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني آهي. اهي قصا اڄ ڏينهن تائين سنڌ ۾ مشهور آهن .ماموئي فقيرن جا اهم انقلابي پيشنگوئي وارا بيت پڻ هن دؤر سان واسطو رکن ٿا. ماموئي فقير جي بيتن ۾ ان وقت جي سياسي ۽ سماجي ماحول جو پتو پوي ٿو .

هن دؤر ۾ سنڌي ٻولي ۽ سرائڪيءَ هڪ ٻئي جي ويجهو ٿيون، سنڌيءَ تي سرائڪيءَ جا اثر پڻ واضع نظر اچن ٿا. قاضي قاضن جي بيتن تي سرائڪي جو اثر ڏسي سگهجي ٿو .

**ارغون، ترخان ۽ مغل دور 1521 — 1700ع :** سنڌ تي ڌارين جون ڪاهون ۽ حملا سدائين پئي ٿيندا رهيا آهن. جنهن جا سنڌي ادب ۽ شاعريءَ تي گهرا اثر نظر اچن ٿا. اهي ٽئي دور به ڌارين جي حڪمرانن جا هئا . انهن سنڌ تي ظلم ڪيا. مختيار احمد ملاح لکي ٿو ته

سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي فارسي ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ ڪي نوان رزميه داستان به نمودار ٿيا، جن ۾ ”پنر ۽ بدام“ مشهور آهي. “10

هي دور ظلم ۽ جبر جو دور هو، ۽ ترخان وري ارغونن کان به وڌيڪ ظالم هئا. مرزا باقيءَ جي ظلم کان شايد ئي ڪو بچيو هجي. سنڌ جا ماڻهو سندس دور ۾ تمام گهڻي عذاب ۾ ورتل هئا. هن دؤر ۾ سنڌي ادب خاص ترقيءَ نه ڪئي.

ارغون، ترخان دور ۾ فارسي ٻوليءَ سنڌ ۾ مضبوط ٿي. فارسي جو اثر سنڌي ٻوليءَ تي ٿيو. سنڌي جي لساني حيثيت تبديل ٿي، سنڌي ٻوليءَ جي لغت ۾ واڌارو ٿيو. فارسي جا لفظ سنڌي ۾ آيا .سنڌي لوڪ

ڪهاڻين کي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو ، ڪي نوان داستان به سنڌي ۾ آيا.هي دور ظلم ۽ جبر جو دور هو. تنهن ڪري سنڌي سماج تي به ان جا گهرا اثر ٿيا. سنڌي ماڻهن جي نفسيات پڻ تبديل ٿي.هن دؤر ۾ داستانن کي تمثيلي دور ڇاپيو ويو. جنهن ۾ سنڌي ماڻهن جا سور هوندا هئا.هي دور سماجي طرح مسئلن جو دور هو. هن ئي دور ۾ ڪيترائي نوان موضوع ۽ ڪيترائي سماجي مسئلا درپيش آيا.

**ڪلهوڙن دور 1700– 1780ع :** سنڌي ادب ۾ بيا به اهم دور ٿي گذريا آهن،پر ڪلهوڙن جي دور کي خاص اهميت حاصل آهي. ڪلهوڙن جي درو کي ”سنڌي ادب جو سونهري دور“ چيو ويندو آهي. هن دؤر ۾ سنڌي ادب باعاقده ترقيءَ جون منزلون ماڻيون. هن دؤر ۾ سنڌي لوڪ ڪهاڻين کي هڪ نئين جان ۽ نئون روح مليو. هن دؤر ۾ جا ڪردار بهادري جي علامت هئا. شاهه سائين هن دؤر ۾ سسئي، سهڻي، نوري جي روپ ۾ سماجي براين ۽ هٺ ئوڪين ريتن ، رسمن ۽ رواجن کان بغاوت ڪرائي ۽ مارئي جي روپ ۾ وطن سان محبت سيکاري ته مومل وٽ وري ايثار هو. اهي سڀ موضوع لوڪ ڪهاڻين ۾ شاعري وسيلي پيش ڪيا. ويا .

هن ئي دور ۾ مير باگو ۽ سنڌ راڻي جو قصو به مشهور ٿيو. ان بابت وصاحت ڪندي مختيار احمد ملاح لکي ٿو ته ” ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪي نوان رومانوي قصا به مشهور ٿيا، جن ۾ مير باگو ۽ سنڌ راڻي مشهور آهي. هن ڪهاڻيءَ موجب ڪلهوڙن جي دور جو شاعر حڪمران ميان سرفراز خا هڪ خوبصورت چوڪري سونيتيءَ تي موهت ٿي پيو ۽ هن سان شاديءَ به ڪرڻ پئي چاهيائين، پر محلاتي سازش تحت قيد ٿي ويو. ميان سرفراز کان پوءِ عبدالنبي حڪمران بڻيو، جنهن پڻ سونيتيءَ سان شاديءَ جي خواهش ڏيکاري. “11

هن دؤر کي ”سنڌي ادب جو سونهري دور“ چيو ويندو آهي. هن دؤر ۾ سنڌي ادب باعاقده ترقي ڪئي هئي .هن دؤر ۾ ڪي نوان رومانوي قصا به مشهور ٿيا، جنهن ۾ ”مير باگو ۽ سنڌ راڻي“ مشهور آهي.

هن دؤر جا ڪردار بهادري ۽ دليري جي علامت هئا. هن دؤر ۾ سسئي، سهڻي، نوري جي روپ ۾ سماجي براين ۽ هٺ ئوڪين ريتن ، رسمن ۽ رواجن کان بغاوت ڪئي .هن دور ۾ جمالياتي قدر به سماج ۾ آيا، جنهن جو اظهار شاعري ۾ ڪيو ويو.هن دور ۾ واقعاتي قصا ۽ رزميه شاعري به ملي ٿي. ڪلهوڙن جو دور سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو، هن درو ۾ سماجي حقيقت نگاري کي به اهميت ڏني وئي. جنهن سان اهم سماجي مسئلن کي پيش ڪيو ويو.

**ٽالپرن جو دور 1780– 1843ع :** هن دؤر ۾ سنڌي ٻولي لکت جي صورت ۾ اچي چڪي هئي. نثري ادب پڻ اچي چڪو هو. لوڪ ادب ۾ سگهڙ ميلن ملاڪڙن ۽ اوطاقن تي لوڪ ڪهاڻيون ۽ لوڪ شاعريءَ نيئن انداز ۾ ٻڌائي ماڻهن کان داد حاصل پڻ ڪندا هئا. هن دؤر ۾ ڪيترائي نثري داستان لکيا ويا. ان بابت مخيتار احمد ملاح لکي ٿو ته

”اڳتي هلي ڪيترائي داستان نثر توڙي نظم ۾ ترجمو ٿيا، توڙي لکيا ويا جن ۾ امير حمزو، الف ليلا، سيف الملوڪ، گل شاهه گلاب پري، جهاندار شاهه، آرام دل، بهرام گوڙ، طوطا مينا وغيره. “ 12

ٽالپر خاندان جيئن ته پاڻ به زميندار هئا، ان ڪري ٽالپر دور ۾ سنڌ اندر زراعت ترقي ڪئي هئي. ٽالپر هارين ، پورهيتن، ڪَمِي، ۽ ڪاسِبِي جو خاص خيال ڪندا هئا. ان ڪري هاري ناري خوش هئا. اهڙيءَ طرح رزاعت سان واسطو رکندڙ ٻين صنعتن به ڪافي ترقي ڪئي . سنڌي سماج ٽالپر دور ۾ ڪافي ترقي ڪئي.

جئين ته مير پاڻ سنڌي هئا، وري اهم ڳالهه ته پاڻ به ڪچهري ۽ محفل جا شائِق هئا. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ به ترقي ڪئي ته لوڪ ادب پڻ ترقي ڪئي. سگهڙ ميلن، ملاڪڙن ۽ اوطاقن تي لوڪ قصا، ڪهاڻيون ٻڌائي حڪمرانن کان داد ۽ انعام اڪرام حاصل ڪندا هئا. جنهن سان لوڪ ادب کي گهڻي ترقي ملي.

هن دؤر ۾ سنڌي نثر جي شروعات به ٿي چڪي هئي. آخوند عزيز الله قرآن پاڪ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو .هن دؤر قصه گوئي به پنهنجي اوج تي هئي، ۽ منظوم قصه گوئي فن جي صورت اختيار ڪئي هئي. هن ئي دور ۾ ڪجهه قصا به منظوم ڪيا ويا هئا.هن دؤر ۾ فارسي ٻوليءَ پڻ ڪافي ترقي ڪئي هئي. چو ته ميرن جي درٻار ۾ فارسي کي چڱو خاصو دخل حاصل هو. هن دؤر ۾ ڪافي غزل گو

شاعر به پيدا ٿيا .هن دؤر ۾ پورهيت، قديمي هٿ جا هنر مند ماڻهو به خوش هئا .سنڌي سماج هن دؤر ۾ ڪافي ترقي ڪئي، لوڪ رهاڻيون ٿينديون هيون، جنهن ۾ عوام جا مسئلا ٻڌا ۽ حل ڪيا ويندا هئا .

- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج ورهاڱي کان اڳ وارو دؤر :

سنڌي ادب جي حوالي سان انگريز دؤر هڪ يادگار ۽ تاريخي حيثيت رکي ٿو. انگريز 1843ع ۾ سنڌ تي قابض ٿيا، جنهن کان پوءِ هن پوري خطي ۾ وڏي پئماني تي تبديليون رونما ٿيون. ڪيترائي نوان سڌارا آيا ۽ نيون شيون وجود ۾ آيون. ان دؤر ۾ ڪيتريون ئي شيون اهڙيون هيون جن کي هتان جي ماڻهن پهريون ڀيرو ڏٺو هو. انگريز جنهن وقت هتي قابض ٿيا تنهن وقت يورپ ۾ مشيني ۽ صنعتي انقلاب اچي چڪو هو ، جنهن جو ڪجهه ڪجهه اثر انگريزن جي معرفت هتي پڻ پوڻ لڳو. جيتوڻيڪ ان زماني ۾ سنڌ سوڌو سڄو گڏيل هندستان انگريزن جي غلاميءَ ۾ غرق ٿي رهيو هو پر ٻئي طرف انگريزن جي معرفت آيل مشينن ۽ صنعتن جي اچڻ سان نيئن تهذيب ۽ نئون تمدن شروع ٿي ويو. نوان نوان فيشن ، رسم ۽ رواج رونما ٿيا. انهن نون رواجن سنڌي سماج جي شڪل ۽صورت ئي تبديل ڪري ڇڏي.

ادب ۾ پڻ نوان موضوع شروع ٿيا، سماجي تبديليءَ ڪري ادب ۾ ان جو اظهار ٿيڻ لڳو .هن دؤر ۾ نه صرف سنڌي الف ب جي نئين سر تشڪيل ٿي پر سنڌيءَ کي گهڻي وقت کان پوءِ هتان جي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو. جنهن ڪري سنڌيءَ ۾ لکڻ توڙي پڙهڻ جي ڪم کي خاص هٿي ملي.1853ع ۾ سر بارٽل فريئر جي ڪوشش سان سنڌي ٻوليءَ جي نئين سر تشڪيل وارو ڪم تاريخي ۽ تمام گهڻو اهم هو ۽ اهو ئي اهو موڙ هئو جتان پنهنجي ئي ملڪ ۾ سرڪاري سطح تي نظرانداز ڪيل ٻولي جديد دؤر ۾ پير پاتو.هيڏانهن 1853ع ۾ انگريز حڪومت سنڌيءَ کي سنڌ جي سرڪاري ٻوليءَ جو حڪمنامو جاري ڪيو ته هوڏانهن سنڌي ٻوليءَ ۾ علم ۽ ادب بابت ڪتاب لکجڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو.ان وقت جيئن ته سنڌ جي رهواسين مان مسلمانن جي پيٽ ۾ هندو وڌيڪ علم ادب وارا ۽ پڙهيل لکيل هئا تنهن ڪري انهن سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکڻ جو سلسلو شروع ڪري ڏنو.ان حوالي سان ديوان ننديرام سيوهاڻي جو نالو ڪنهن به صورت ۾ وسارڻ جوڳو نه آهي 1853ع ۾ ئي درسي ڪتاب " باب نامو" لکي حڪومت جي حوالي ڪيو جنهن ۾ ٻارڙن جي پڙهائيءَ واسطي ڪيترائي سبق سنڌيءَ ۾ هِجي سان گڏ ڏنل آهن." باب نامو" هڪ ٻاراڻو ڪتاب هو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا واسطي ڪجهه سبق ڏنل هئا. ان کان پوءِ ساڳئي ئي سال اڌارام ٿانورداس پهريون ڪتاب ۽ ٻيو ڪتاب سنڌيءَ جو لکي ڇپرايو ته جيئن اسڪولن ۾ ٻارڙن کي اهي ڪتاب پڙهايا وڃن. درسي ڪتاب لکڻ واري ان تاريخي نوعيت جي ڪم پرپداس به ڪو نه گهٽايو ۽ هن ساڳئي ئي سال ٽيون ڪتاب ۽ چوٿين جو ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ڇپرايو.چوٿون ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي جنهن بابت خانبهادر محمد صديق ميمڻ جي راءِ آهي ته " هن ڪتاب جا ٻه جلد آهن: هڪڙي ۾ 34 سبق ، ٻئي ۾ 23 سبق آهن، پر سبق تمام وڏا آهن.شايد پهريون جلد چوٿين درجي ۾ ۽ ٻيو جلد پنجين درجي ۾ پاڙهيو ويندو هو." 13

جڏهن چوٿين يا پنجين درجي تائين سنڌي درسي ڪتاب ڇپجي مڪمل ٿيا ته وڌيڪ موضوعن تي ڪتاب لکجڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ ان ڏس ۾ به وري ننديرام سيوهاڻي 1854ع ۾ سنڌ جي اهم تاريخي ڪتاب " تاريخ معصومي" کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري " تاريخ سنڌ " جي نالي سان ڇپرايو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ تاريخي ڪتابن جو بنياد وڌائين.هن ساڳئي ئي سال ايلس سان گڏجي " ايسپ جون آکاڻيون " پڻ ترجمو ڪري ڇپرايون . ان سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻين ڪهاڻين جي ابتدا ٿي." هن ڪتاب ۾ ٻه سو ٻه (202) مزيدار آکاڻيون آهن. اهي اگرچه جانورن، جهيئن ۽ ٻي جان شين جي واتان بيان ڪرايل آهن. ته به انهن ۾ انسان ذات لاءِ ڪيترائي عقل ، اخلاقي ۽ سياسي سبق ۽ نصيحتون سمايل آهن." 14

اها ته ٿي ٻاراڻين آکاڻين يا ڪهاڻين جي ڳالهه،جنهن جي شروعات ترجمي سان ٿي پر جنهن صنف کي اسين افسانو، مختصر ڪهاڻي يا انگريزيءَ ۾ short story چئون ٿا تنهن جي شروعات ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ ٿي. جيتوڻيڪ ان حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جا ڪجهه جهونا ليکڪ "پنهي زميندار جي ڳالهه" " ۽ "سڌاتوري ڪڌاتوري جي ڳالهه" کي افساني جي شروعات سڏين ٿا پر سندن ان راءِ کي ان ڪري به رد ڪري سگهجي ٿو ته ٻئي قصا مختصر ڪهاڻيءَ جي فن سان نه ٿا ٺهڪن ۽ پنهنجي طرز ۾ آکاڻي جي روپ ۾ لکيل آهن . ٻيو ته اهي ٻئي آکاڻيون سنڌي ٻوليءَ ۾ اصلوڪيون نه آهن ۽ ٻئي پنڊت بنسي ڌر جي ڪتاب تان ورتيون ويون آهن.جنهن جي شاهدي اسان کي سنڌي ادب جي پهرين

تاريخ نويس محمد صديق ميمڻ هن طرح ڏني ٿو.” هي ڪتاب اصل هندي ٻوليءَ ۾ پنڊت بنسي ڌر جو تاهيل آهي.جو سر بارٽل فريئر صاحب جي حڪم موجب سيد ميران محمد شاهه سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل آهي. مگر ماڻهن جا نالا سنڌ جا ڪم آيل پيا ڏسجن.“ 15

پر جديد افسانوي ادب جي شروعات انهن ئي قصن ۽ داستانن کان ئي ٿي آهي. چو ته جديد ڪهاڻيءَ کي ٻج ۽ زمين انهن ئي قصن ۽ داستانن فرهام ڪئي. شروع دور وارا قصا ۽ داستان فن ۽ ٽيڪنڪ جي حوالي سان پلي افساني کان پري هجن پر اصل ۾ زمين ريج انهن ڪئي پوءِ جديد افسانو شروع ٿيو. خاص طور انگريز دور ۾ ته انهن ئي قصن سان شروعات ٿي. ان بابت محقق حاڪم علي برڙو پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو ته :

”ميران محمد شاه جون ڪهاڻيون“ ۽ غلام حسين قريشي جي ڪهاڻي ” پنهي زميندار جي ڳالهه“ هاسارام سوپراج ڏسواڻي جو ڪتاب ”سپا جو سينگار“ ۽ روچي رام گدومل جو ڪتاب ”عجيب پيٽ“ ۾ ڏنل مضمونن ۾ ڏنو وڃي ته قصه گوئي جو عنصر نمايان آهي. اڪثر ڪري انهن مختصر قصن کي گهڻو ڪري جديد افساني جي روايت جو آغاز سمجهيو وڃي ٿو. 16

درحقيقت سنڌي ادب جا گهڻا محقق ان ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌي افساني يا ڪهاڻيءَ جي شروعات 1914ع ۾ ٿي ۽ ان حوالي سان لعل چند امر ڏني مل جي ڪهاڻي ” حر مکيءَ جا “ کي سنڌي ٻوليءَ جي اندر انگريزي ادب جي short story جي طرز تي لکيل پهريون افسانو يا مختصر ڪهاڻي تسليم ڪيو ويو آهي.ان حوالي سان محقق نصرالله ناصر پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو ته” سنڌي ٻوليءَ ۾باقاعده لکڻ جي شروعات 1914ع کان ٿي ،جڏهن لعل چند امر ڏني مل ” حر مکيءَ جا، سنڌي ادب ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو.ان کان اڳ به افسانا لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي پر فني توڙي موضوعاتي لحاظ کان اهي افساني واري صنف جي بيهڪ کان گهڻو هٽيل آهن.“ 17

محقق خورشيد عباسي به ساڳئي قسم جي راءِ ڏيندي لکي ٿي ته” شروع ۾ جيڪي افسانا لکيا ويا، اهي جيتوڻيڪ حقيقي واقعن ۽ ڪردارن تي مبني هئا، پر ان جي باوجود اهي افسانا جي فني بيهڪ موجب پورا ڪونه سمجهيا ويا. ان سلسلي ۾ صحيح افسانو لعل چند امر ڏني مل جو ”حر مکي جا“ سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو 1914ع ۾ لکيو ويو.“ 18

ساڳئي طرح ڪهاڻيڪار شوڪت حسين شورو جي راءِ پڻ مٿين راءِ سان ملندڙ جلندڙ آهي. شوري صاحب ڪهاڻي ” حر مکيءَ جا“ کي سنڌي ٻوليءَ جي پهرين مزاحمتي ڪهاڻي پڻ قرار ڏنو آهي.هن ڪهاڻيءَ جا ڪيترائي هاڪارا ۽ تعريف لائق پاسا آهن.وڌي ڳالهه اها ته هيءَ ڪهاڻي انگريز سامراج جي پسمنظر ۾ لکيل آهي جنهن ۾ بچو بادشاهه ۽ سندس ٽولي کي بظاهر ته ڌاڙيل ڏيکاريو ويو آهي پر ساڳئي وقت سامراج سان وڙهڻ سبب سندن ڪردار هيرن جهڙو ٿيو وڃي.اهو ٽولو ڪنهن غريب جي گهر تي ڪڏهن به ڪاهه نه ٿو ڪري بلڪه انهن جي دشمني انگريز سامراج ۽ اهڙن رت پياڪ سيٺين سان آهي جيڪي ماڻهن جو خون پيئڻ ۾ مصروف آهن.ڪهاڻيڪار لکي ٿو :

” هتي هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته هي حر ڦريندا ئي انهن کي هئا،جن کين ستايو هو يا جي غريبن سان غضب ڪري ،مفت جا مال ميڙي وڏا سيٺيا بڻجي پيا هئا. غريبان مار وٽن ڪا نه هئي. مسڪينن ۽ محتاجن کي پاڻ هڙون چوڙي ڏيندا هئا.“ 19

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان دؤر جا چور يا ڌاڙيل وڏا اصول پرست هوندا هئا ۽ ڪنهن غريب يا مسڪين کي تنگ نه ڪندا هئا ،اجان به سندن مدد ڪندا هئا.هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج جي ڪيترين ئي خاصيتن کي نروار ڪيو ويو جيئن بچو جيڪو سچي انگريز حڪومت جو ساهه مٺ ۾ ڪري ٿو ڇڏي تنهن جي گهرواريءَ کي جڏهن نظربند ڪيو وڃي ٿو ته هو پنهنجو پاڻ کي پوليس حوالي ڪري ٿو ڇڏي ۽ ننگن تي ڪو حرف اچڻ نه ٿو ڏئي، ٻئي طرف سندس گهرواري جي وفاداري پڻ ڏسڻ وٽان آهي جيڪا آخري ملاقات ۾ پنهنجي مڙس کي خنجر ڪڍي ڏئي ٿي ۽ چوينس ٿي ته توکان سواءِ منهنجو ڪهڙو جيئڻ ، مون کي پنهنجي هٿن سان ماري ڇڏ. ايئن بچو هن کي ماري ڇڏيو.

سنڌي ڪهاڻيءَ جي ان ابتدائي دؤر ۾ بنهه گهٽ ڪهاڻيون لکيون ويون. پر ڪي ليکڪ ان ڪرت ۾ لڳاتار لڳا رهيا ، جيئن ڇيٺمل پراسرام 1923ع ۾ ” چمڙاپوش جون ڪهاڻيون“ نالي ڪتاب لکي ڇپرايو. ساڳئي طرح پرڀداس پيرومل جي ڪهاڻين جا ٻه مجموعا ” هيرا جواهر“ ۽ ”اندر جا اُڌما“ به ان

ساڳئي ئي دؤر ۾ شايع ٿيا. انهن ڪهاڻين جي موضوعن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هي سڀ معاشرتي ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ ان وقت سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيل ڪٽنبي مسئلن ۽ منجهن پيدا ٿيل غير برابريءَ جو شدت سان ذڪر ڪيو ويو آهي.

ڏٺو وڃي ته سنڌي ڪهاڻي پنهنجي شروعات کان وٺي سنڌي سماج جي عڪاسي ڪئي آهي ۽ پڻ ثقافتي قدرن کي اجاگر ڪندي رهي آهي. ان ڏس ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوائلي دؤر ۾ لکيل ڪهاڻين کي جاچي ڏسجي ٿو ته سماج جون بريون ريتون رسمون سنڌي ڪهاڻيءَ جو وڏندڙ موضوع رهيون آهن. ڪٽنبي معاملا، گڏيل ڪٽنب جا جهيڙا جهٽا ۽ سيٺين جو مزدورن کي ڀنهي هٿن سان ڦرڻ پڻ ڪهاڻيءَ جو موضوع رهيو آهي.ان کان سواءِ شاديءَ بابت ڏيتي ليتي جي رسم سنڌي سماج ۾ اهم مسئلو رهيو آهي، انگريز دور ۾ ان رسم جي خلاف پرمانند ميورام ڀرپور نموني سان لکيو، سندس ڪهاڻي ”لڇڻ وڏيڪ ڪين لڌو“ ۽ ڪجهه ٻيون ڪهاڻيون ان موضوع بابت آهن . ان ساڳئي ئي دؤر ۾ ”واندڪائي جي وندر“ نالي سان ٿهلرام لوڪل پنواڻيءَ ڪهاڻيون لکيون. انهن ۾ روحاني ۽ ڪرامتي ڪهاڻيون ڏنل آهن. ان دؤر ۾ مرزا قليچ بيگ ، ديوان ڪوڙومل به اهم ليکڪ ٿي گذريا آهن. جن سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو. انگريز دور جو ٻيو هڪ اهم ليکڪ عبدالرحيم وفا آهي.هن صاحب ڪيترائي قصا لکيا هئا.

انگريزن جو شروعاتي دور ادب ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. اهو ان ڪري جو ان ۾ بنيادي ادب تخليق ٿيو. بنيادي افسانوي ادب پڻ ان ئي دور ۾ تخليق ٿيو. اهي قديم سنڌي لوڪ ڪهاڻيون آهن. جنهن ۾ ان وقت جي سماجي حالت ڏسي سگهجي ٿي. سماج ۾ تبديلي اٽٽر آهي، ۽ ان جا سماجي قدر به تبديل ٿيندا رهندا آهن. ٿيندڙ سماجي تبديلي کي به آڳاٽين لوڪ ڪهاڻين ۾ پرکي سگهجي ٿو.

”انهن ڪهاڻين جي اهميت ان ڪري آهي جو هي ڪهاڻيون آڳاٽيون سنڌي لوڪ ڪهاڻيون آهن. هنن ڪهاڻين مان آڳاٽي سماج ۽ ان ۾ درجي به درجي ٿيندڙ تبديلين کي پرکي سگهجي ٿو. اهي لوڪ ڪهاڻيون اڄ کان اٽڪل هڪ سئو چاليهه سال اڳ واري زماني جي سگهڙن جي آکاڻين ڪٿڻ جا سهڻا مثال آهن. ان سان گڏو گڏ هڪ سئو چاليهه سال اڳاٽي سماج جو مهاندو انهن ڪهاڻين ۾ ڏسي سگهجي ٿو.“ 20

بهرحال ڪنهن حد تائين چئي سگهجي ٿو ته اهي قديمي قصا ۽ لوڪ آکاڻيون ٽيڪنيڪي طور پلي جديد افساني يا ڪهاڻي سان جوڙي نه سگهجن. پر اها حقيقت آهي ته انهن قصن پنهنجي دؤر ۽ وقت ۾ اهم ڪردار سرانجام ڏنو آهي. انهن ئي قصن جي ڪري جديد ڪهاڻيءَ جي شروعاتي فضا ٺهي. اهي قصا اسان جي اهم سماجي مسئلن کي به پيش ڪن ٿا. انهن جي ذريعي انگريز دؤر جي شروعاتي دؤر جي نفسياتي جائزو وٺي سگهجي ٿو. شروعاتي ڪردارن وسيلي سماجي، اخلاقي ۽ نفسياتي لحاظ سان مطالعو ڪري سگهجي ٿو جنهن سان سماج کي سمجهڻ ۽ اڳتي لاءِ قدم کڻڻ ۾ آساني پڻ ٿيندي. جانورن ۽ ٻين بي جان ڪردارن وسيلي سماجي اوڻاين جو سراغ لڳائي سگهجي ٿو. نه صرف ايترو پر ڪهاڻي نويسيءَ جي اوسر ۾ سرڪاري طور ادا ڪيل ڪردار کي به ڏسي سگهجي ٿو.

1914ع ۾ پهرين عالم گير جنگ لڳي، جنهن دنيا ۽ سماج جا قدر ئي تبديل ڪري ڇڏيا. هن ئي دور ۾ ڪي سنڌي رسالا پڻ آيا جنهن سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ راهه هموار ڪئي. انهن ۾ ”لٽڪا چٽڪا“ ، ”ماهوار گلشن“ وغيره مشهور آهن. انهيءَ دور ۾ سماج جي اوڻاين کي پيش ڪيو ويو. ۽ معاشري جي عڪاسي ڪئي وئي. عرساڻي لکي ٿو ته

”هنن رسالن ۾ به اديبن سنڌي عوام ۾ صحيح سماجي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سنڌي معاشري جي اوڻاين مثلا عورتن جي پيڙا ۽ بيوسي، گڏيل ڪٽنبن جا مسئلا، زوريءَ شادي، ننڍپڻ جي شادي، هڪ کان گهڻين شادين ۽ ٻين انيڪ گهرو ريتن، رسمن ۽ رواجن جي صحتمند معاشري جي تعمير لاءِ رڪاوٽ بنيل هئا، تن کي ظاهر ڪيو ويو.“ 21

هن دور ۾ ڪيترائي نالي وارا ڪهاڻيڪار ٿي گذريا، جنهن ان دور جي سماجي مسئلن تي ڪهاڻيون لکيون. لعل چند امرڏني مل جي ڪهاڻي ”حر مکي جا“ جنهن جو اڳ به ذڪر ٿي چڪو آهي تنهن ۾ انگريزن سان نفرت جو پيغام ڏنل آهي. هن ليکڪ جون ٻيون به سئيون ڪهاڻيون شايع ٿيون، جنهن ۾ ”ڪشنيءَ جا ڪشٽ“ ، ”ڏکڻ ڏڏي زندگي“ اهم سماجي ڪهاڻيون آهن. ڪاڪي ڀيرومل به ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ پاڻ ملهايو. سندس ”پريم جو ماتم 1814ع “ اهم ڪهاڻي آهي. مشهور عالم، ماهر تعليم ۽ نالي وارو استاد محمد صديق مسافر به ڪيترين ئي تاريخي ڪهاڻيون لکيون جن ۾ ”زيب النساءِ“

1916ع ، ”چاند بيبي“پنهنجي وقت جي نالي واري ڪهاڻي ”سچو سينگار“ اهم آهن. مسافر پنهنجي ڪهاڻين ۾ تاريخ پيش ڪندي اهم مسئلن ڏانهن پڻ ڌيان ڇڪايو آهي. ترجمي نگاريءَ ۾ اهم نالو ليلا رام ولايت راءِ جو به شامل آهي. هن صاحب ٽالسٽاءِ جي ڪهاڻين کي سنڌي ويس پهرائي پيش ڪيو.
”مجموعي طور هن پهرين دور جي افسانن ۾ سنڌي سماجي، معاشي ۽ معاشرتي زندگيءَ جي مڪمل عڪاسي ملي ٿي. سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيل ڪٽنبي مسئلن غلط اصولن، ريتن رسمن جي ڪري غلط نتيجا نڪرڻ، پردي جو رواج، عورت تي هر طرح جا ظلم ۽ ڪيس زوريءَ زبردستي ڪمزور بنائڻ ۽ مرد کي طاقتور ۽ حڪم هلائيندڙ ثابت ڪرڻ ڪري گهريلو زندگيءَ ۾ نااتفاقي پيدا ٿيڻ وغيره خاص موضوع رهيا.“ 22

مشهور عالم، اديب ۽ محقق ڄيٺمل پرسرام جو نالو جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهم جاءِ والاري ٿو. هن جون ڪهاڻيون سماج جي ڪيترن ئي اهم مسئلن تي لکيل آهن. ان وقت سرمائيداري ۽ وڏيرڪو نظام پنهنجي عروج تي هئا. سماجي برايون ۽ گناهه عام هئا ڇو ته انهن جي سرپرستي امير ڪندڙ هئا. زميندار انا ۽ پنهنجي مغروري جو مظاهرو غريب هارين تي ڪندا هئا. ان وقت غريب ۽ مسڪين ماڻهن جو ساٿ ڏيڻ لاءِ ڄيٺمل پرسرام آيو. جنهن ڪهاڻي ذريعي غريب ماڻهن جا عڪس چٽيا. سنڌس ڪهاڻين ۾ ”چمڙا پوش جون آکاڻيون“ نالي سان شايع ٿيون. پرڀداس پيرومل به ڪهاڻيون لکيون . سندس ڪهاڻين جي مجموعن ۾ ”هيرا جواهر“ ۽ ”اندر جا اڏما“ اهم آهن. عبدالله ”عبد“ جون ڪهاڻيون به مشهور ٿيون. دين اسلام جو شيدائي، اسلامي، تاريخي پسمنظر ۾ ناول ۽ ڪهاڻيون لکندڙ محمد عثمان ڏيپلائي به ڪهاڻيون شايع ڪرايون. هي ڪهاڻي نويسيءَ جو پهريون دور هو.

هن دور ۾ آسانند مامتوراءِ ۽ عثمان علي انصاري اهم نالا آهن. جنهن ڪهاڻي جي کيتر ۾ پاڻ ملهايو هو. آسانند مامتوراءِ هن دؤر جي بهترين ڪهاڻيڪارن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.جنهن سماج جي ٻرندڙ مسئلن تي ٻيباڪيءَ سان ڪهاڻيون لکيون.سندس ڪهاڻي ”ڳنوارڻ “ سماج ۾ ٻي جوڙ ۽ ننڍي عمر جي شادين جي موضوع تي لکيل ڀرپور ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي برين ريتن رسمن کي نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.ڪڪي اڃان ٻارهن ورهين جي هئي ته ڪيس پنجويهه سالن جي عمر جي مرد سان پرڻايو ويو جنهن کان پوءِ سندس زندگي بيچينيءَ جي ور چڙهي وڃي ٿي.

ليکو تلسياڻي پڻ سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوائلي دؤر جو هڪ هاڪارو نالو آهي .سندس ڪهاڻي ” منجري ڪولهڻ“ اصل ۾ هڪ پيار ڪهاڻي آهي جنهن ۾ منجري پرڻيل هئڻ باوجود ايسري نالي جوان سان محبت جو جرم ڪري وجهي ٿي ته سندس مڙس پنهي خلاف ڪورٽ ۾ شڪايت ڪري ٿو جتي منجري ايسري کي ورغلائڻ جو اعتراف ڪري پاڻ ئي سزا کائڻ چاهي ٿي پر ٻئي طرف ايسرو به اهو الزام پنهنجي مٿان کڻڻ چاهي ٿو ۽ چاهي ٿو ته ان ڏوهه جي سزا هو پاڻ کائي ۽ منجري تي ڪو ڪک به نه اچي.سوال اهو آهي ته منجري پرڻيل هئڻ باوجود اهو ڪم ڇو ٿي ڪري؟ ان جو جواب هوءَ پاڻ ئي ڪورٽ ۾ هن طرح ڏئي ٿي.
”منهنجا مائٽ منگل جا قرضدار هئا، ان قرض جي عيوض منهنجي هن سان شادي ڪرائي وئي. منگل نشئي ۽ بدچال به هو روز شام جو امل کائي هوش حواس وڃائي گهر اندر پيهندو هو.اچڻ شرط مون تي مارڪٽ ڪندو هو. “23

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته سماج ۾ ان وقت قرض جي ڏنل پئسي جي بدولت نياڻيون ڏنيون ونديون هيون ۽ انهن جي شادي ڪرائڻ وقت اهو به خيال نه رکيو ويندو هو ته مڙس بدافعال ۽ بدچال ته ڪونهي.

ورهاڱي کان اڳ واري دؤر ۾ ڏٺو وڃي ته هندو ليکڪن جي گهڻائي آهي پر ڪجهه مسلمان ليکڪ پڻ هن دؤر ۾ لکندا رهيا. مرزا قليچ بيگ جو انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ادب جي واڌ ويجهه لاءِ تمام وڏي ڪردار آهي پر سندس پٽ مرزا نادر بيگ جي ڪم کي به نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي جنهن ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ٻين ٻولين مان ترجمو ڪرڻ سان گڏ اصلوڪيون ڪهاڻيون پڻ لکيون.سندس ڪتاب ” جي نالي سان شايع ٿيوجنهن ۾ سنڌي سماج جي ڪيترن معاملن جي عڪاسي ٿيل آهي.هن ڪتاب ۾ خوبصورت منظرنگاري پڻ ٿيل آهي جيئن:
”آسمان ۾ بادل ڇانيل هوا.ساونڻ جو مهينو هو ۽ اهو پورنما جو ڏينهن هو.موهنيءَ جي گهر جي دروازي اڳيان هڪ وڏي نم جو وڻ هو.انهيءَ ۾ سندس پينگهه ٽنگيل هئي ۽ سندس هم سن ڇوڪريون جن جي هٿن

تي ميندي لڳل هئي پينگهه ۾ پئي لڏيون ،ملهار پئي ڳايائون. ۽ موهنيءَ کي چوڏاري ايئن گهيري ويون هيون جيئن راڌا کي برج جون گوپيون ويڙهي ويٺديون هيون.“24

مرزا نادر بيگ هن دور جو اهم ڪهاڻي نويس هو. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون . جن ۾ ”موهني جي ڊائري“ ”انقلاب“ وغيره اهم آهن. مرزا نادر ان وقت ۽ دور جي مطابق ڪهاڻيون لکيون . سنڌي سماج جو صحيح عڪس پيش ڪيو اٿس. پاڻ گهريلو مسئلن، محبت جا مسئلا ۽ عشق جا داستان پڻ پيش ڪيا آهن.

”نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون عشقيه موضوع سان لاڳاپو رکن ٿيون. مجموعي طور سندن ڪهاڻين جو بنيادي مرڪزي خيال عشق ۽ محبت آهي. ”پاڪ محبت“ ڪهاڻيءَ ۾ عشقيه موضوع دلڪش انداز ۾ نظر اچي ٿو.“ 25

محققن ۽ ادبي تاريخ نويسن موجب ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ جو پهريون دؤر 1914ع کان شروع ٿيو ۽ 1925ع ۾ ختم ٿيو.ان دؤر ۾ ڪجهه اصلوڪيون ڪهاڻيون پڻ لکيون ويون ته ڪجهه ٻين ٻولين مان ترجمو پڻ ڪيون ويون. ان دؤر جي ليکڪن ۾ چيٺمل پرسرام، ڪوڙومل،لعل چند امر ڏنو مل ۽ ٻين جا نالا اچي وڃن ٿا جن ڪهاڻي لکي، ان جي سلسلي کي اڳتي وڌايو.سنڌي ڪهاڻيءَ جو اوائلي ٻيو دؤر 1925ع کان شروع ٿي 1940ع تي ختم ٿئي ٿو.هن دؤر ۾ سڄي هندوستان ۾ سياسي حالتون اٿل پٿل واريون رهيون، جنهن جو اثر ادب تي به پيو.هن سالن دؤران سنڌيءَ ۾ ٻاهرين ٻولين مان ڪيترين ئي ڪهاڻيون ترجمو ٿيون، ان ڏس ۾ نه صرف مرهٽي، اردو، هندي گجراتي ۽ بنگالي بلڪه روسي ۽ انگريزي ٻولي مان پڻ ڪهاڻيون ترجمو ٿيون. عالمي ادب ۾ تمام وڏو مقام ماڻيندڙ ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي آيون جيئن ميڪسم گورڪي، چيخوف، ترگينوف، ليو ٽالسٽاءِ وغيره. هن دؤر ۾ امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ” ادو عبدالرحمان“ تمام گهڻي مقبول ۽ مشهور ٿي. هن سماج جي حقيقي عڪاسي ڪئي جنهن ڪري پروفيسر منگهارام ملڪاڻي کيس سنڌي ٻوليءَ جو پهريون حقيقت نگار ڪهاڻيڪار سڏيو آهي. ان دؤر جي ٻين ڪهاڻيڪارن ۾ عثمان ڏيپلائي، آسانند مامتوراءِ، گوبند مالهي،مرزا نادر بيگ وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا.هن دؤر ۾ ڪيترائي رسال باقاعده ڇپجڻ لڳا جن ۾ ڪهاڻيون ڇپجڻ لڳيون.

”1940ع کان 1947ع تائين جو دؤر افساني جو ٽيون دؤر مڃيو وڃي ٿو. هي دؤر سياسي هل هنگامن کان علاوه آزاديءَ جي تحريڪن جي جوش جذبي وارو دؤر هو. هن دؤر ۾ افساني جا موضوع گهڻي ڀاڱي آزاديءَ واري جذبي ۽ انقلابي ۽ باغي خيالن سان سرشار هئا. “ 26

هيءُ اهو وقت هو جڏهن نندي کنڊ ۾ باقاعده انگريزن خلاف تحريڪ تيز ٿي چڪي هئي. ان ئي دؤر ۾ هڪ طرف گڏيل هندوستان ۾ ” انڊيا خالي ڪيو“ QUIT INDIA تحريڪ شروع ٿي ته ٻئي طرف ٻي عالمي جنگ سبب برطانيه تي گهڻو دٻاءُ پيو. ان ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جا ٿورا ڪي گهڻا اثر هندوستان تي به پوڻ لڳا. هن دؤر ۾ لکيل ڪهاڻين جو گهڻو تڻو موضوع ڌارين حڪمرانن خلاف بغاوت،هندو مسلم ڀائيچارو،غريبن جو استحصال ۽ اقتصادي ڦرلٽ وغيره هئا. هن دؤر ۾ رسالن ، مخزنن سان گڏ ڪهاڻيڪارن جا ڪتاب پڻ ڇپجندا رهيا. ان ئي دؤر ۾ ڪتاب ڇاپڻ جا ڪيترائي ادارا پڻ قائم ٿيا، جن ۾ نئين دنيا ڪتاب گهر، زندگي پبليڪيشن وغيره اهم آهن. هن دؤر جي ڪهاڻيڪارن ۾ گوبند پنجابي، شيخ اياز، ٻهاري ڇابڙيا، رام لعل پنجواڻي ۽ ٻين جا نالا اچي وڃن ٿا .

انگريزن جي دؤر ۾ جتي سنڌي ٻولي ۽ ادب کي ترقي نصيب ٿي اتي سنڌي سماج ۾ پڻ ڪيترين ئي تبديليون رونما ٿيون جن جو مختصر ذڪر هتي ڪجي ٿو.

ڪيترائي نوان سڌارا آيا ۽ نيون ايجادون وجود ۾ آيون. ڪجهه شيون اهڙيون هيون جن کي هتان جي ماڻهن پهريون ڀيرو ڏٺو هو. مطلب ته هڪ قسم جو سماجي ۽ مادي انقلاب برپا ٿيو. انگريزن جي اچڻ سان نئين تهذيب ۽ نئون تمدن شروع ٿي ويو. نوان نوان فيشن ، رسم ۽ رواج رونما ٿيا. انهن نون رواجن سنڌي سماج جي شڪل ۽صورت ئي تبديل ڪري ڇڏي . انگريزن کان پهرين ڪلهوڙن ۽ ٽالپر دور حڪومت ۾ هڪ الڳ نظام هوندو هو، ٽالپرن جي دور ۾ جاگيردارن ۽ زميندارن جو هڪ خوشحال طبقو هوندو هو. انهن جا وري هاري هئا. انهن هارين جو پورو پورو ڪاروبهوار هارپ تي ئي هوندو هو. اهي هاري وري قبيلائي سردارن جي هٿ هيٺ هوندا هئا. پوري سماج جي الڳ صورت ۽ شڪل

هئي. انگريزن جي اچڻ سان بئراج ٺهيا، سنڌ ۾ بئراج هڪ اهم مادي انقلاب ثابت ٿيو. معيشت جا نوان اصول مرتب ٿيا، هارين کي به طاقت ملي.
بئراجن کان پوءِ اهم انقلاب بندرگاهن جي تعمير جو هو. بندرگاهن جي تعمير سان نوان شهر ٺهيا. دريائن، واهن تي پليون ٺهيون، ريلوي جو نئون نظام متعارف ٿيو، نوان روڊ رستا وجود ۾ آيا. خريدِ فروخت ۽ سوداگريءَ جو اوج شروع ٿيو.صنعتي نظام ۾ جديد سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب وجود ۾ آيو. جدت پورهيت کي بي حال ڪري ڇڏيو .
انگريزن جي اچڻ سان ملڪ اندر نوان وڏا وڏا ڪارخانا، ملون ،پنڊارا ۽ گُدامَ ٺهيا. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ قديمي هٿ جا هنر هوندا هئا، هنر مند، ڪاريگر هٿ سان ڪم ڪندا هئا. انگريزن ان جاءِ تي ڳريون مشينون لڳايون. نيئن تهذيب ۽ نيئن ثقافت وجود ۾ آئي يورپي مشينون آيون ته قديمي هٿ جا هنر ختم ٿي ويا انهن سان واسطو رکندڙ ماڻهو بيروزگار ٿي ويا. يعني اهم سماجي مسئلا پيدا ٿي پيا .
هن ئي دور ۾ مختلف سماج سڌارڪ تحريڪون به هلون جنهن پڻ سماج تي گهرا اثر ڇڏيا، انهن تحريڪن جي ذريعي سماج مان خراب ريتن رسمن خلاف جدوجهد ڪئي وئي هئي. انهن سماجي تحريڪن جو اثر ناول ۽ افسانن تي ٿيو، سماج جا انيڪ مسئلا پيش ڪيا ويا، ادب وسيلي انهن بڇڙاين کي نديو ويو .
انگريزن جي دور ۾ سماجي تحريڪن سان گڏ مذهبي تحريڪون پڻ شروع ٿيو. جنهن ۾ اهم ڪردار ديني عالمن ادا ڪيو. ديو بند مدرسي جي عالمن جو اشاعت ۽ تبليغ جو پروگرام سڄي ملڪ اندر اثر پيدا ڪيو. هن سان مذهبي ادب کي فروخ مليو. هنن پنهنجي تحريڪ کي ”احياء السلام“ جي نالي سان شروع ڪيو. ”ديو بند“ جي تحريڪ جو خاص مقصد اسلامي روايتن ۽ قرآن جي تعليم کي عام ڪرڻ هو. بهرحال انهيءَ تحريڪ جي اثر هيٺ اردو ادب سرجيو ويو. جنهن جو اثر سنڌي ادب تي پڻ ٿيو .
سماجي ۽ مذهبي تحريڪن کان پوءِ سياسي تحريڪون شروع ٿيون. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي ملڪ گير تحريڪن جو اثر ادب تي به ٿيو. انهن جي اثر هيٺ اخبارون ۽ رسالا شروع ڪيا ويا. مختلف تحريڪن ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪيو. ماڻهو انگريزن کان نفرت ڪرڻ لڳا، ۽ آزاديءَ جون تحريڪون شروع ٿيو .
انگريز دور ۾ نئون صنعتي، جديد ٽيڪنالاجي جو دور شروع ٿيو. جنهن سان مادي انقلاب آيو. ماڻهن ۾ شين کي خريد ڪرڻ جو چاهه وڌيو. جنهن سان ڪاروبار جا نوان اصول مرتب ٿيا.
انگريز دور ۾ ئي بندگاهه تعمير ٿيا. ننيا وڏا شهر ٺهيا، ماڻهن ۾ ڳوٺن بجاءِ شهر ۾ رهڻ جو شعور پيدا ٿيو. جنهن سان شهرن جي آباديءَ ۾ واڌارو آيو .
انگريزن جي اچڻ سان نئيون مشينون آيون، ڪارخانا شروع ٿيا، قديمي هنرن کي ڪاپاري ڌڪ لڳو .مشيني دؤر جي ڪري ماڻهن وٽ وقت جي گهٽتائي شروع ٿي، انهيءَ ڪري ادب ۾ ننڍن قصن جاءِ ورتي.
انگريز دور ۾ نوان فيشن ۽ نيون ريتون، رسمون ۽ رواج شروع ٿيا، ماڻهن ۾ ڪپڙي لٽي جو نئون انداز پيدا ٿيو. نئين تهذيب ۽ تمدن جا اثر ٿيڻ لڳا. سماج ۾ نوان قدر شروع ٿيا.
ادب ۾ پڻ نوان موضوع شروع ٿيا، سماجي تبديليءَ ڪري ادب ۾ اظهار ٿيڻ لڳو.
انگريز دؤر ۾ سنڌي ادب جي دنيا ۾ ناول، مختصر ڪهاڻي، مضمون، لغت نويسي ۽ شاهه لطيف جي رسالي جي پهريون پيرو ڇپائي ٿي جنهن ڪري هن دؤر کي ادب جي حوالي سان يادگار دؤر سڏي سگهجي ٿو.

- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج ورهاڱي کان پوءِ وارو

1947ع ۾ انگريز ته هتان هليا ويا پر گڏيل هندوستان کي مذهب جي نالي تي ٻن ٽڪرن ۾ ورهائي ويا جنهن سبب ٻن الڳ ڏارائن ۾ ورهائجي هڪٻئي جي جانين توڙي مالن جا دشمن بڻجي پيا ۽ لکين ماڻهن جو رت وهيو. انهيءَ رتوڇاڻ جي نتيجي ۾ نه صرف هندوستان مان نه صرف لکين مسلمانن هجرت ڪئي پر پاڪستان مان پڻ لکن جي تعداد ۾ سکن ۽ هندن لڏپلاڻ ڪئي.سنڌ مان پڻ وڏي تعداد ۾ لڏپلاڻ ٿي ،ٻئي طرف سنڌ کي پناهگيرن جو پڻ بار برداشت ڪرڻو پيو. ان صورتحال ۾ سنڌ ۾ ڪيترائي فساد ٿيا ۽

ورهاڱي جي لڏپلاڻ ٿيڻ سبب سنڌ مان پڙهيل لکيل طبقو ۽ ادب سان وابسته ماڻهو هندوستان هليا ويا جنهن ڪري ادبي دنيا ۾ مانار چانئجي وئي.محقق ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي 1947 ع کان 1960ع واري دؤر کي سنڌي ڪهاڻيءَ جو ٻيو ارتقائي دؤر سڏيو آهي جيڪو ورهاڱي کان پوءِ شروع ٿئي ٿو.هن دؤر ۾ ترقي پسند فڪر ۽ حقيقت نگاريءَ جي اثر بهترين ڪهاڻيون لکيون ويون، ڪهاڻي لکندڙن ۾ جمال ابڙو، نجم عباسي، ڊاڪٽر اياز قادري،غلام رباني آگرو، حفيظ شيخ،ابن حيات پهنور، بيگم زينت چنا،ع ق شيخ ۽ سرفهرست رهيا. هن ئي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ اندر ڪهاڻين جي حوالي سان ڪيترائي ادبي پرچا ڪڍيا ويا جن ڪهاڻيءَ کي پڙهندڙن ۾ مقبول ۽ مشهور بڻايو.1960 کان پوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جديديت وارو زمانو شروع ٿئي ٿو ۽ ان ڪريڊٽ وري مشتاق شورو، شوڪت شورو ۽ منير احمد عرف ماڻڪ ڏانهن وڃي ٿو جن هندوستان ۾ سنڌي ٻوليءَ اندر لکجندڙ ڪهاڻين کان متاثر ٿي لکڻ شروع ٿيو.ان حوالي سان قمر شهباز لکي ٿو ته ” ستر وارو ڏهاڪو سڄي دنيا ۾ جديد خيالن ۽ تحريڪن سبب وڏي اٿل پٿل وارو دور هو. ان ئي دور ۾ نئين ڪهاڻي جنم ورتو هو.ڀارت جي سنڌي ادب ۾ جديد ڪهاڻي لکجي رهي هئي.سنڌ ۾ اها ٿورو دير سان پهتي. “ 27

60 ۽ 70 واري ڏهاڪي ۾ لکيل ڪهاڻين ۾ قومي شعور ۽ سنڌي قومپرستي جا ويچار گهڻا ملن ٿا. هن زماني ۾ هڪ طرف جديديت جي اثر هيٺ ڪهاڻيون لکجڻ لڳيون ته ٻئي طرف وري حقيقت نگاري ۽ قومپرستي جي پرچار هيٺ ڪهاڻيون لکجڻ لڳيون. جن ڪهاڻيڪارن هن دؤر ۾ نالو ڪمايو تن ۾ امر جليل، آغا سليم ، سراج،مدد علي سنڌي،حميد سنڌي،ماهتاب محبوب، نسيم کرل،ثميره زرين ، طارق اشرف ۽ ٻيا سرفهرست آهن..

هن عرصي دوران سهڻي، روح رهاڻ ، مهراڻ ،اڳتي قدم ۽ ان جهڙن ٻين ڪيترن ئي رسالن ۽ مخزنن جي هاڪ رهي جن سنڌي ڪهاڻيءَ جي واڌاري لاءِ تاريخي ڪردار ادا ڪيو. سنڌي ڪهاڻي 60، 70 ۽ 80 واري ڏهاڪي ۾ تمام گهڻي ترقي ڪئي آهي. خاص طور تي ان عرصي ۾ لکيل سنڌي ڪهاڻي عالمي ادب سان بر ميچڻ جي لائق آهي.انهن ٽيهن سالن جي اندر سنڌ اندر ڪيترائي وڏا ڪهاڻيڪار پيدا ٿيا. 80 واري ڏهاڪي ۾ لکي ويندڙ ڪهاڻي عوام جي دلين ۾ جڳهه ٺاهي پڙهندڙن جو لاتعداد انگ پيدا ڪيو.هن دؤر جي ڪهاڻيڪارن ۾ نورالهديٰ شاهه کي خاص اهميت حاصل آهي جنهن ” جلاوطن “ ، ”ڪربلا“ ۽ ان جهڙا ٻيا ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا. 80 واري ڏهاڪي ۾ رزاق مهر، ڪيهر شوڪت،زيب سنڌي،رسول ميمڻ ، رفيق سومري ۽ ٻين ڪهاڻيون لکي پاڻ مڃايو.

ڏٺو وڃي ته سنڌي ڪهاڻي پنهنجي شروعاتي دؤر کان وٺي سماج جي بهترين نموني عڪاسي ڪئي آهي.1914ع کان وٺي لکجندڙ ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج جي سڀني هاڪاري توڙي ناڪاري روايتن، رسمن رواجن، مسئلن مامرن، اهم موضوعن،منفي توڙي مثبت ڪردارن کي جڳهه ڏني وئي آهي.سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪڏهن ”حر مکيءَ جا“ جي بچو بادشاهه جهڙا اورچ انسان ملن ٿا جيڪي مسڪينن جو استحصال ڪندڙ سيٺين ۽ ان وقت جي انگريز حڪمرانن جو ساهه مٺ ۾ ڪري غريبن کي ڪاڏو ڪارائين ٿا ته ڪٿي جمال ابڙي جي ” پشو پاشا“ جهڙا ڪردار ملن ٿا جيڪي قانون ۽ سرڪار لاءِ ته ڏوهاري ۽ غنڊا نظر اچن ٿا پر اصل ۾ اهي سماج جا باغي ،انقلابي ۽ غريبن جا همدرد ۽ هڏ ڏوکي انسان آهن.ڪردارن جي حساب سان سنڌي ڪهاڻيءَ جو ڪينواس تمام وڏو آهي ساڳئي طرح موضوعاتي حوالي سان پڻ سنڌي ڪهاڻي وڏي وسعت رکي ٿي.سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪڏهن اسان کي ” چوڻيهون در “ جي ذريعي پوليس جي فرض ۾ لاپرواهي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ته ڪڏهن مدد علي سنڌي جي ڪهاڻي ” “ ۾ ٻي جوڙ شادين جي درد کي پڙهي سگهجي ٿو.ساڳئي طرح اسان سراج جي ڪهاڻي ”هڪ مرد ٿي لاشا“ پڙهي غربت ۾ پيڙهجندڙ ماڻهن جي بيوسي ۽ درد کان واقف ٿي سگهون ٿا.امر جليل جون ڪهاڻين ۾ پڻ سماج جا ڪيترائي اولڙا ۽ عڪس ڏسي سگهجن ٿا. سنڌي سماج ۾ پير پرستي ڪيتري نه وڏي وئي آهي ۽ ماڻهن ڪيئن نه ڪوڙي عقيدت ۾ انڌا لڳا پيا آهن، ان جي چاڻ اسان کي سندس ڪهاڻي ” اروڙ جو مست “ پڙهي پوي ٿي.اهڙيءَ طرح علي بابا هجي توڙي عبدالقادر جوڻيجو، ماهتاب محبوب هجي يا نورالهديٰ شاهه ،آغا سليم هجي توڙي ماڻڪ، حميد سنڌي هجي يا طارق اشرف يا ان کان پوءِ آيل ڪهاڻيڪار ، انهن سڀني سنڌي سماج جي مختلف هاڪاري توڙي ناڪاري روايتن تي دل کولي ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ سنڌي سماج جي اوڻاين توڙي چڱائين کي افسانوي انداز سان وائکو ڪيو آهي ۽ پڙهندڙن

تائين اهو پيغام پهچايو آهي ته اسان کي سٺين روايتن کي زنده رکڻ گهرجي ۽ جيڪي ريتون هاڃي سماج لاءِ هاڃيڪار بڻجي ويون ويون آهن تن جو خاتمو آڻڻ گهرجي.

جمال ابڙو سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار آهي جنهن ڳاڻيٽي جي حساب سان ته تمام گهٽ ڪهاڻيون لکيون آهن پر هن جهڙي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماج جي سچي عڪاسي ڪئي تنهن جو سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻيو ڪو مثال نه ٿو ملي. سنڌي ٻوليءَ ۾ حقيقت نگاريءَ واري لاڙي کي متعارف ڪرائڻ ۾ جمال ابڙي جو وڏو ڪردار آهي. حقيقت نگار ڪهاڻيڪار پنهنجي لکڻين ۾ اهو ئي ڪجهه پيش ڪندو آهي جيڪو هو سماج اندر ڏسندو وائسندو آهي . ان ڪري جمال جي ڪهاڻين ۾ سماج جون ڪيتريون ئي حقيقتون ٽڙيون پکڙيون پيون آهن.سنڌي سماج ۾ صدين کان وٺي پئسن عيوض معصوم کي نياڻين ڀور ڀڳي جيئن وڪرو ڪري وڏي عمر جي مردن سان شادي ڪرائي ويندي آهي. اها هڪ اهڙي خراب روايت آهي جهڙي قديم حبش جا ماڻهو پنهنجي اولاد کي ننڍي هوندي ئي پئسن عيوض غلام بڻائي وڪڻي ڇڏيندا هئا. جمال ابڙي سماج ۾ معصوم نياڻين سان ٿيندڙ اهڙي ظلم تي ”پيراڻي“ جهڙي ڪهاڻي لکي ليکڪ هجڻ جو فرض ادا ڪيو.معصوم نينگريءَ کي سنڌس پيءُ سٺ روپين ۾ وڪڻي هليو ويو ، پٺيان سنڌس جا حالت ٿي سا ڪهاڻيءَ ۾ هن طرح ڏنل آهي.

”ڦتڪندڙ پيراڻيءَ کي گهر ڪڻي ويا. هن بل پئي ڪاڍا،چڙهيون ٿي هنيون،پڳي پڳي ٿي ويئي.لالو ٻوڙندو شيون وٺي آيو.زور سان سنڌس وات ۾ مصري وچائون جا اجهڪي سان نڪري آئي.ٻاراڻي ڪچي نڙيءَ مان گهگهو آواز اچڻ لڳو.اوٻاسين ۾ سڏڪن ۾ پڳل، ٽٽل ”ابا ...امان.“ 28

نجم عباسي ،جمال ابڙي وانگر سنڌي ڪهاڻيءَ جي دنيا ۾ تمام سينيئر نالو آهي، هونئن ته هن سون جي تعداد ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن جن ۾ هن سنڌي سماج جي مختلف مسئلن ۽ موضوعن تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر سنڌس ڪهاڻي ” چوڏو“ سماج جي اهڙي تصوير کي ظاهر ٿي ڪري جتي ماڻهو مختلف وهمن ۽ ڀرمن جو شڪار آهن.غربت، وسيلن جي اڻ هوند ۽ تعليم جي اڻاٺ سبب اهي بيمارين جو علاج وٽن جي چوڏن ۾ ڳولهين ٿا.سندن ان وهم ۽ سنسي جو ذڪر ليکڪ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه هن ريت ڪيو آهي.

”اسان جي ڳوٺ جا رهاڪو پير سپاجهي جي ڪنڊيءَ جو چوڏو اڪثر استعمال ڪندا رهندا هئا.هر بيماريءَ جو ان کي يڪ ٽڪ علاج سمجهيو ويندو هو.جڏهن ڪا دوا اثر نه ڪندي هئي تڏهن ماڻهو ان ڪنڊيءَ جو چوڏو ڳاڙهي اڳڙيءَ ۾ ويڙهي ٻانهن ۾ ٻڌندا هئا. “ 29

نجم عباسي سنڌي سماج جي جنهن خرابي تي هيءَ ڪهاڻي لکي آهي ،وڏي افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته سماج ۾ اڃان تائين اها برائي موجود آهي ۽ ماڻهو اڃان تائين اهڙن قسم جي وهم وسوسن ۾ گهيريل آهن. توڙي جو ايڪويهين صدي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ڪري دنيا کي الائي ڪٿي پهچائي ڇڏيو آهي.

جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ  جتي جمال ابڙي ۽ نجم عباسيءَ جي ذڪر کان سواءِ اڌوري رهندي ، اتي جيڪڏهن غلام رباني آگري جو نالو نه ڪڻبو ته اها به هڪ قسم جي ناانصافي ٿيندي. آگري صاحب جون ڪهاڻيون سنڌي سماج جو آئينو آهن. فڪري طور هو هڪ حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي ، تنهن ڪري جيڪو ڪجهه سماج ۾ ڏسي ٿو اهو ئي پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪري ٿو . سنڌس ڪهاڻين بابت رايو ڏيندي شمس الدين عرساڻي لکي ٿو ته ” غلام رباني به افسانه نويسيءَ جي عام ڊگر کان هٽي حڪ حقيقت نگار جي طريق ڪار کي اپنايو.هن جا موضوع به سنڌي زندگيءَ جي اهي عام مسئلا آهن ، جن ۾ جاگيردارانه معيشيت جو اثر آهي.“ 30

ويجهي  تاريخ ۾ ورهاڱي جي واقعي سنڌ تي ڪيترائي اثر ڇڏيا آهن.ورهاڱي سبب هڪ طرف سنڌ جي مڊل ڪلاس کي سنڌ ڇڏڻي پئجي وئي ته ٻئي طرف هندوستان جي مختلف شهرن کان آيل پناهگيرن سنڌ جي شهرن خاص طور تي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ڏانهن رخ ڪيو.پناهگيرن اچڻ سان ئي هتان جي مقامي ماڻهن کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو، اهي سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ کان ڪلي عام نفرت ڪرڻ لڳا. سنڌي ڪهاڻيڪارن هجرت ڪري آيل ماڻهن جي ان روش کي ڀڻ ڪهاڻين جو موضوع بڻايو آهي. سينيئر ڪهاڻيڪار ع. ق. شيخ جي ڪهاڻي ” حيدرآباد“ ۾ پناهگيرن جي اهڙن روين جا ڪجهه عڪس ڏسي سگهجن ٿا.

’’ڪي لانگهائو وري پاڻ ۾ چوندا ويا’’وه ديکهو کالی شلوار والے سندهی هيں وه ديکهو کالي شلوار والي سندهی هيں.‘‘پي چيو ’’ سب سندهی کالي شلوار پهنتے هيں.‘‘ 31

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته پناهگيرن جي اچڻ سان سنڌ جي شهرن ۾ سنڌي ماڻهن جي ڪهڙي حالت هئي.ڪهاڻيءَ ۾ پناهگيرن پاران سنڌي ماڻهن تي ٺٺول ڪندي پڻ ڏيکاري وئي آهي.

پناهگيرن جي ڌرتي واسين سان ظلم ۽ ستم جي روئداد اسان کي منير احمد جي ڪهاڻي ’’ نانگ ‘‘ ۾ پڻ ملي ٿي جنهن ۾ چوڌري ورهين کان زمين آباد ڪندڙ ڳوٺاڻن کان زمين کسي بي گهر ۽ بي روزگار ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو، جنهن تي ڳوٺ جو نوجوان راتورات چوڌريءَ کي قتل ڪري ڇڏي ٿو.سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نسيم کرل کي ايڏي حيثيت حاصل آهي جيڏي آمريڪي ادب ۾ اوهينري کي مليل آهي. سندس ڪهاڻيون سماج جي منفي توڙي مثبت لاڙن ،روين ۽ خامين توڙي خصلتن جون گواهي ڏين ٿيون. نسيم پنهنجي ڪهاڻين جي ذريعي هڪ ڀرپور فنڪار ٿي اڀري اچي ٿو. سندس ڪهاڻيون سماجي مسئلن جو پنڊار آهن جنهن جي ذريعي سماج ۾ ٿيندڙ حادثن ۽ واقعن کي وائکو ڪيو ويو آهي. سندس ڪهاڻين تي راءِ ڏيندي ڊاڪٽر غفور ميمڻ لکي ٿو ته ’’ هن ابرندڙ سرمائيداريءَ جا جديد قدر ، معاشي زندگيءَ جي تضادن مان پيدا ٿيندڙ سماجي ۽ جنسي مسئلا، شهري تهذيب جا مثبت ۽ منفي روپ ۽ ساڳئي وقت مذهب جا کوکلا ۽ بهروپ پهلو ڏاڍي فنڪاريءَ سان ظاهر ڪيا جنهن جي پڙهڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته موجوده سماج جي اصليت ڇا آهي.‘‘ 32

نسيم جي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جا ڪيترائي روپ ڏسي سگهجن ٿا. ’’ چوٿيهون در‘‘ نالي ڪهاڻي ۾ پوليس وارن جي فرض ۾ غفلت ڏسڻ وٽان آهي جيڪي لاوارث لاش کي سکر بئراج مان ٻاهر ڪڍي دفنائڻ لاءِ تيار ناهن. سندس ڪهاڻي ’’ پهرين مراد‘‘ معاشري جي جاگيرداراڻي سوچ ۽ ذهنيت کي ظاهر ڪري ٿي.اهڙيءَ ريت سندس ڪهاڻي ’’ ڪچو رنگ‘‘ ۾ اهو نقطو نروار ڪيو ويو آهي ته ماڻهو پنهنجي اسٽيٽس ۽ مرتبي کي وڌائڻ لاءِ ڪيئن نه صدين کان رائج پنهنجا اصول ۽ رسمون پاڻ ئي ٽوڙي رهيو آهي.هن ڪهاڻيءَ ۾ وڏيري جو لوڀي ڪردار پڻ ڏسڻ وٽان جنهن کي جڏهن خبر پوي ٿي ته سندس پٽ شهر مان ڏارين مان شادي ڪئي آهي ته هو صفا ڪاوڙجي وڃي ٿو ۽ کيس پنهنجون ريتون رسمون ياد اچن ٿيون ته اسان ڏارين کي مائٽ نه بڻائيندا آهيون .پر وري جڏهن کيس پتو پوي ٿو ته پٽ ڪليڪٽر جي ڌيءُ سان شادي ڪئي آهي ته فوري طور اسٽيٽس ۽ رتبي جي خيال کان چپ ڪري ويهي ٿو رهي.

سنڌ جي عورت ڪهاڻيڪارائن پڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماج جي انتهائي ٻرندڙ اشوز تي قلم کڻي حقيقتن کي افسانوي انداز سان سامهون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ سماج جي انهن ريتن رسمن ۽ روين بابت ڪي سوچڻ جهڙا سوال اٿاريا آهن.خاص طور سنڌ اندر ڪجهه ذاتين ۽ خاندانن ۾ نياڻين جي شادي نه ڪرائڻ ۽ پاڻ کي ٻين ذاتين جي پيٽ ۾ وڏيڪ مانائتو سمجهڻ جي ريت رسم ورهين کان هلندي پئي اچي. اهڙن گهراڻن جا مرد پاڻ ته ٻه ٽي شاديون ڪري وٺندا آهن پر پنهنجي ڀينرن ۽ ڌيئرن کان اهو حق کسي وٺندا آهن.اهڙي ئي موضوع تي خيرالنساءِ جعفري نهايت ئي بيباڪيءَ سان پنهنجي ڪهاڻي ’’ حويليءَ کان هاسٽل تائين ‘‘ ۾ لکيو آهي. خيرالنساءِ جون هونئن ته ٻيون به ڪيئي ڪهاڻيون شاهڪار جو درجو رکن ٿيون جيئن ’’تخليق جو موت ‘‘ ۽ ’’ ڪهڙو براند ۽ ڪهڙو سگريٽ ‘‘ پر سندس ڪهاڻي ’’ حويليءَ کان هاسٽل تائين ‘‘ ۾ سماج ۾ ناسور جي حيثيت وٺي بيٺل ريتن رسمن کي ظاهر ڪيو ويو آهي. هن اها ڪهاڻي لکي ڄڻ ته سماج جي دکندڙ رڳ تي هٿ رکيو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هُن حويلين جي اندر اڪيلائيءَ جي ور چڙهي ويل حاڪم زادين جي ڪهاڻي بيان ڪئي آهي ، بلڪه هڪ ڪهاڻيءَ ۾ هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون بيان ڪيون آهن.اهڙيون جن کي زبان تي آڻيندي به سؤ ڀيرا سوچڻو پوي.

’’ٻڪيءَ ڪري سڏيو هوس دين جو پٽ...ديني ديوارن جي حفاظت ۾ پلجندي ...پسون کي نه ڪا جهل نه ڪا پل...جهٽ مچي مڙس ٿيو... ان مان نه ڪو ڪنهن کي اهنج نه اوکو.

پر اوچتو ئي اوچتو

سچ لهڻ سان قيامت ڇائنجي وئي هر سو.... جڏهن حويليءَ ۾ پوري هندوستان جي تاريخ ڏوڪجي آئي.

پٽ مان پٽ ايئن ٿيو جيئن قدرت ڪٽي مان ڪٽون ڪري.‘‘ 33

حويلين ۾ ٿيندڙ حادثن تي ۽ عورت ذات سان ٿيندڙ ناانصافي ۽ ويساهه گهاتيءَ جي موضوع تي نورالهديٰ شاهه پڻ ڪجهه ڪهاڻيون لکيون آهن جن مان ’’جلاوطن ‘‘سپني کان ڀرپور ڪهاڻي آهي.هن

ڪهاڻيءَ ۾ اهڙن گهراڻن جي عڪاسي ٿيل آهي جتي عورت جي آزادي مڪمل طور صلب ٿيل آهي ۽ اهي سڏڪي سڏڪي پنهنجي زندگيءَ جا پساهه پورا ڪري رهيون آهن.

ائين به ڪونهي ته سنڌي ڪهاڻيڪارن فقط پنهنجي ڪهاڻين جي ذريعي سماج جي خرابين کي ئي ظاهر ڪيو آهي پر ان سان گڏ ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن پنهنجي ڪهاڻين جي ذريعي پڙهندڙن آڏو روشن خياليءَ ۽ ترقي پسند سوچ جو پيغام پڻ ڏنو آهي.80 ۽ 90 جي ڏهاڪي ۾ پنهنجي منفرد ڏانءَ وارين ڪهاڻين سبب مقبوليت ماڻيندڙ ليکڪ رزاق مهر جي ڪهاڻي '' ٻهندڙ ليڪا'' روشن خياليءَ جي پيغام سان پرپور آهي.هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي پيءُ جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي جيڪو ڳوٺ جو رهاڪو آهي ، ڏهين درجي ۾ پڙهندڙ سندس ڌيءَ جوانيءَ ۾ اچي پهتي آهي، هو ڪو ڍنگ جو رشتو ڳولهڻ جي چڪر ۾ آهي ته سندس ڌيءُ سان ڪنهن ٻئي ذات واري نوجوان جون اکيون چار ٿي وڃن ٿيون . ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ اهو نوجوان پنهنجو رشتو موڪلي ٿو پر پيءُ اهو چئي انڪار ٿو ڪري ته اسان ٻئي ذات واري سان رشتو ناهيون ڪندا.ان وچ ۾ چوڪرو ۽ چوڪري ملاقات ڪندي پڪڙجي به پون ٿا ۽ ٻنهي جي ڏاڍي بدنامي به ٿئي ٿي جنهن کان پوءِ پيءُ پنهنجي ڌيءُ کي هڪ وڏي عمر جي مائٽ سان پرنائي ڇڏي ٿو ،جتي چوڪري کي هر وقت پاڇوڪڙ جا طعنا ملن ٿا ۽ آخرڪار اتان کيس طلاق ملي ٿي.

تڏهن پيءُ سوچي ٿو ته ڌيءُ جي زندگي خراب ٿيڻ ۾ هو به برابر جو شريڪ آهي. هو سوچي ٿو ته جيڪر مان ذات پات جو پيد پاءُ ڪرڻ بنا پنهنجي ڌيءُ جو سڱ ان نواجوان کي ڏئي ڇڏيان ها ته جيڪرنه ئي ڌيءُ جي زندگي برباد ٿئي ها ۽ نه ئي منهنجي بدنامي ٿئي ها.ڪهاڻيءَ جي اخر ۾ کيس پنهنجي غلطيءَ جو پرپور احساس ٿئي ٿو ۽ ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي هن ريت ٿئي ٿي.

'' تڏهن انهن اداس گهڙين ۾ پيءُ هڪ فيصلو ڪري ورتو، ذات پات جي پراڻن پيچرن تي پاتل ليڪا پاڻ ڊاهڻ جو فيصلو.هو موت جهڙي اداس ماحول مان نڪري نوجوان جي گهر ڏانهن هلڻ لڳو.'' 34

ائين هو ذات پات جا سپ ليڪا ڊاهي ۽ ميٽي ،ان نوجوان ڏانهن پاڻ پنڌ پوي ٿو ته جيئن سندس ڌيءُ جي اجاڙ زندگيءَ ۾ ٻيهر بهار اچي سگهي.

مجموعي طور تي ورهاڱي کان پوءِ لکيل سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج جي پرپور عڪاسي ڪئي وئي آهي. ان ڏس ۾ ڪهاڻيڪارن سماج جي نقاد وارو ڪردار ادا ڪندي معاشري جي برين ريتن رسمن تي پنهنجي ڪهاڻين ذريعي پرپور حملو ڪيو آهي ۽ پڙهندڙن تائين اهو پيغام پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اهي پڻ سماج مان اهڙين بچڙائين جي پاڙ پٽڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن . ٻئي طرف سنڌي ڪهاڻي ۾ ترقي پسند ۽ روشن خيالي واري سوچ کي پڻ هٿي وٺرائي وئي آهي.اسان سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهو ڏسي سگهون ٿا ته هڪ طرف سماج ۾ اهڙا ماڻهو اهن جيڪي اڄان پير پرستي ۽ جهالت واري زندگي پيا گذارين ته ٻئي طرف ان ئي سماج ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي ذاتين پاتين جي چڪرن مان آجا ٿي روشن خيالي واري واٽ تي نڪري پون ٿا.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي سماج ۾ تمام گهڻي تبديلي آئي هئي. هڪ اهي نج سنڌي ماڻهو جيڪي سنڌ ڇڏي هندستان هليا ويا. اهي هڪ نئين معاشري ۽ نيئن سماج ۾ ويا جتي سپ ڪجهه نئون هو. هتي سنڌ ۾ مهاجر قوم آئي جنهن جون رسم رواج بلڪل نوان هئا. چو ته مهاجر قوم جي رهڻي، ڪهڻي ۽ ٻولي بلڪل ٻي آهي. تنهن ڪري انهن جو سنڌ ۾ اچڻ سان سنڌي معاشري ۾ ڪافي تبديليون آيون.

مهاجر قوم جي اچڻ سان هتي جي رسمن ۽ رواجن ۾ تمام گهڻي تبديلي آئي. ڪاڌن پيتن اٿڻ ويهڻ جي رسم رواجن ۾ پڻ تبديلي آئي هئي. مطلب ته سماجي تبديلي اچڻ ضروري هئي. چو ته نوان ماڻهو آيا ته اهي پنهنجا سوڻ ساٺ کڻي آيا جنهن سان سنڌي معاشري ۾ پڻ تمام گهڻي تبديلي آئي هئي. جنهن جو اظهار ادب ۾ پڻ ملي ٿو. سنڌي ڪهاڻيءَ معاشري جي پرپور عڪاسي ڪئي آهي تنهن ڪري سنڌي معاشري ۾ آيل تبديلي ۽ رسم رواج جو اظهار ڪهاڻي ۾ ملي ٿو. معاشري جي تبديلي سان ثقافت ۾ پڻ تبديلي آئي هئي، جنهن جو اظهار ڪهاڻي ۽ ٻين صفن ۾ نروار ڪيو ويو.

حوالا :

1. ملاح،مختيار احمد.” سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ “ڪراچي:ثقافت ۽ سياحت کاتو، سال 2015 ص.31

2. عرساڻي،شمس الدين”آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“ڄام شورو:انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سال 1982ع، ص ،03

3. حوالو ساڳيو ،ص ،03

4. عظیم ،وقار ۔ داستان سے افسانے تک، ایجوکیشنل بک ہاوس ، علی گڑہ، سال : 1987ع ،ص،7

5. ملاح،مختيار احمد.” سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ “ڪراچي:ثقافت ۽ سياحت کاتو، سال 2015 ص.32

6. بلوچ، نبي بخش خان،ڊاڪٽر ـ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ـــ ”ڳاهن سان ڳالهيون“ سنڌي ادبي بورڊ،جلد.7 سال 1964ع ،ص:2

7. ملاح،مختيار احمد.” سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ “ڪراچي:ثقافت ۽ سياحت کاتو، سال 2015 ص.54

8. دانش،.احسان ،ڊاڪٽر، ”شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو پهريون ڇاپو،سال 2016ع ، ص 177

9 .حوالو ساڳيو، ص179ـ 180

10. ملاح،مختيار احمد.” سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ “ڪراچي:ثقافت ۽ سياحت کاتو، سال 2015 ص.56

11. حوالو ساڳيو. ص 57

12. حوالو ساڳيو. ص 58

13. ميمڻ، محمد صديق. ” سنڌ جي ادبي تاريخ“(ڇاپو چوٿون) 2005ع. شڪارپور؛ مهراڻ اڪيڊمي، ص 265

14. حوالو ساڳيو. ص 238

15. حوالو ساڳيو. ص 276

16. برڙو حاڪم علي:سنڌي افساني تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر: سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، سال2013ع ص، 76 (پي ايچ ڊي لا پيش ڪيل مقالو اڻڇپيل )

17. ناصر، نصرالله. ''سنڌي افساني جا مختلف دؤر ۽ لافاني افسانه نگار جمال ابڙو '' بشموله ڪلاچي تحقيقي جرنل.شمارو ٽيون ، سال 2004، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ص 98

18. عباسي خورشيد،''سنڌي افساني جي ارتقا''،ڪلاچي (تحقيقي جرنل – 2)شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۽ سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي،،مارچ 1999ع ص،147

19. شورو،شوڪت (مرتب)''سؤ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون'' (جلد پهريون)ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،2017ع، ص 46،47

20. مفتي، تهمينه،ڊاڪٽر: ''سنڌي ڪهاڻيءَ جو سماجي ڪارج'' (مهراڻ، 1996ع — 3) سنڌي ادبي بورڊ،ڄام شورو: ص، 38،39

21.عرساڻي، محمد اسماعيل: ''چار مقالا'' سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو ٽيون،سال2017 ص،49.50

22. دانش،احسان،''سنڌي ڪهاڻيءَ جو مختصر تاريخي جائزو'' رسالو: ''سنگت'' سنڌي ادبي سنگت،سنڌ، ڊسمبر 2005 ، ص،92

23. شورو،شوڪت (مرتب)''سؤ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون'' (جلد پهريون)ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،2017ع، ص 92

24. مرزا، نصير،''نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون'' . ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي . 1992ع. ص 71

25. ملاح، مختيار احمد: سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ: سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، سال 2011ع ص. 82

26. ناصر، نصرالله. ''سنڌي افساني جا مختلف دؤر ۽ لافاني افسانه نگار جمال ابڙو '' بشموله ڪلاچي تحقيقي جرنل.شمارو ٽيون ، سال 2004، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ص 10

27.شورو،شوڪت حسين. ''رات جو رنگ'' 2009ع ، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 8

28 .ابڙو، جمال ''پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون''(ڇاپو ڇهون)ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن،2015ع، ص 38

29. سومرو،ادل،ڊاڪٽر (مرتب)''پاڪستاني ادب'' (1947_ 2008) اسلام آباد ،اڪيڊمي ادبيات پاڪستان ، 2010ع، ص 33

30. عرساڻي،شمس الدين''آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر''ڄام شورو:انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سال 1982ع، ص 227

31. سومرو،ادل،ڊاڪٽر (مرتب)"پاڪستاني ادب" (1947_ 2008) اسلام آباد ،اڪيڊمي ادبيات پاڪستان ، 2010ع، ص 32

32.ميمڻ ،عبدالغفور ،ڊاڪٽر"سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر"حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 2017ع، ص 331

33. مرزا،نصير (مرتب) "پيڙا جو پڙلاءُ" ڪنڊيارو : روشني پبليڪيشن، 2017ع ، ص 89

34. مهر، رزاق "ڌهندڙ ليڪا" ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن،2009ع ، ص 91

## باب پنجون : چوندِ سنڌي ڪهاڻيڪارن جي چوندِ ڪهاڻين ۾ سنڌي ثقافت جو مطالعو

. جمال ابڙو:

جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جمال ابڙي جو نالو تمام وڏو مقام رکي ٿو.سندس جنم 2 مئي 1924ع تي علامه علي خان ابڙي جي گهر، ڳوٺ سانگي تعلقي ميهڙ ۾ ٿيو. سندس والد پنهنجي دؤر جو وڏو عالم ۽ تعليمدان هو ۽ هن قرآن پاڪ جو سنڌيءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيو هو. هو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون مڪمل حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي ،جنهن روسي ادب کان متاثر ٿي حقيقت نگاريءَ جي اثر ۾ ڪهاڻيون لکيون. سندس ڪهاڻين جو تعداد توڙي جو تمام گهٽ آهي پر سنڌي ادب ۾ سندس ڪهاڻيون موضوعاتي چونڊ، ڪردارنگاري ، نج نبار ٻولي ۽ فڪري حوالي سان تمام گهڻيون پسند ڪيون ويندِيون آهن.جمال جي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب زندگي پبليڪيشن جي طرفان "پشوپاشا" جي نالي سان 1959ع ۾ منظر عام تي آيو. جنهن کان پوءِ طارق اشرف سندس ساڳي ئي ڪتاب کي "بدمعاش" جي نالي سان 1976ع ۾ شايع ڪرايو. ان کان پوءِ به سندس ڪهاڻين جا ڪتاب ٿوري گهڻي ردوبدل سان ڇپجندا رهيا آهن. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ حقيقت نگاريءَ واري لاڙي کي متعارف ڪرائڻ جو سچو ڪريڊٽ جمال ابڙي ڏانهن وڃي

ٿو. پاڪستان ۽ انڊيا جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ سنڌي ڪھاڻين ۾ حقيقت نگاريءَ جو رجحان آيو. انھيءَ دوران ڪھاڻين ۽ ادب ۾ مقامي رنگ ۽ روپ پڻ ڏسڻ ۾ آيو. فنڪارن، ليکڪن، ڪھاڻيڪارن مقامي رنگ کي پيش ڪيو. انھيءَ دوران ڳوٺاڻي زندگيءَ جا چٽ چٽا ويا. اھو مقامي رنگ اسان کي سنڌي ڪھاڻيءَ ۾ پڻ ملي ٿو. ورھاڱي کان پوءِ نج سنڌي ماحول، ۽ منظر پيش ڪيا ويا. انھن لکيڪن ۾ جمال ابڙي جو نالو پڻ اھم آھي، جنھن جي ڪھاڻين ۾ اسان کي مقامي رنگ ۽ ثقافي ڏيک ڏسڻ ۽ پڙھڻ لاءِ ملن ٿا.

”ورھاڱي کان اڳ، سنڌي ڪھاڻين ۾ حقيقت نگاريءَ جو رجحان ٻه آھي، ۽ انھن مان ڪن ۾ مقامي رنگ ٻه جهلڪا ڏئي ٿو، ليڪن جمال ابڙو پھريون ئي فنڪار آھي، جنھن جو ڳوٺاڻيءَ ۽ ان جي روشن خدوخال ڏانھن باقاعده ميلان ٿيو. سندس مختصر ڪھاڻين ۾ پھريون پيرو نج سنڌي پس منظر ۽ ماحول جون تصويرون نظر اچن ٿيون. سندس اھو تجربو ڪو مخص ”اتفاقي چيز“ ثابت ڪو ٻه ٿيو، بلڪه ان مان اسان جي ڪھاڻيءَ کي گھڻو ڪجھ پلئه پيو. مقامي رنگ جي روايت جلدي فني حيثيت ۾ قائم ٿي ۽ اھا روش صحيح معنيٰ ۾، سنڌي ڪھاڻيءَ جي مصوري ۽ معنوي ترقيءَ جو ضامن بني، جنھن ۾ وقت جا گھڻا ئي ڪھاڻيڪار شامل آھن.“ 1

حقيقت نگاري ۾ ليکڪ سماج ۾ جيئن ڏسي ٿو ان کي پيش ڪري ٿو، ليکڪ جيئن سماج جي حقيقت ڏسندو اھڙي ئي نموني سان پيش ڪندو. جمال ابڙو سنڌي ڪھاڻيءَ جو اھو نالو آھي، جنھن حقيقت نگاريءَ جو اھو رنگ روپ پيش ڪيو جنھن سان انسان جا وار ڪادارجي وڃن. اصل ھي حقيقت نگاريءَ جو جديد روپ آھي. ھن ۾ ليکڪ زندگيءَ جي حقيقت کي ايئن پيش ڪندو جيئن تمام ننڍي ڳالھه ٻه سامھون اچي ته ان جو روپ ۽ محسوس ڪرڻ جو روپ ئي ٻيو ھجي. انھيءَ بابت فقير محمد لاشاري لکي ٿو ته

”جديد حقيقت نگاري واري ڪھاڻي جو آڌار ٻن ڳالھين تي ھجي ٿو. ھڪڙو ته اھا زندگيءَ جي عام حقيقتن کي پيش ڪندي، انھن حقيقن کي ايئن ظاھر ڪري جيئن، ”ڪک ھيٺان لک“ ظاھر ڪجي. عام ڳالھيون، ھر ڪنھن کي وک وک تي پيش ايندڙ ڳالھيون، بنھه ننڍيون ۽ ظاھري طرح ڏيان تان لٿل ڳالھيون پر جڏھن انھن جا تفصيل پيش ڪجن، ماڻھوءَ جا وار ڪاندارجي وڃن“ . 2

جمال ابڙو حقيقت نگاريءَ جي جديد ۽ قديم ٻنھي لاڙي ھيٺ ڪيتريون ئي شاھڪار ڪھاڻيون لکيون آھن، جن جا موضوع توڙي جو سنڌي سماج مان ئي ورتل آھن، پر اڇوتا ۽ بلڪل نوان آھن. جمال جي ڪھاڻين ۾ ڪردار نگاري پڻ ڪمال جي آھي. ھن ھڪ ھڪ ڪردار سان توڙ نڀايو آھي ۽ انھن جي ماحول سان مطابقت، اُٿڻي ويھڻي، سوچ سمجھه ۽ ڳالھه ٻولھه سان پورو پورو انصاف ڪيو آھي. آغا سليم سندس ڪردارن بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو .” اھي سماج ۾ حقيقي وجود رکن ٿا ۽ غير فطري محسوس نه ٿا ٿين. سندس ڪردار گھڻو ڪري ڳوٺاڻي زندگيءَ سان وابسطه آھن. انھن جو اٿڻ ويھڻ، ڳالھائڻ نج سنڌي آھي.“ 3

جمال پنھنجي گھڻين تڻين ڪھاڻين ۾ سنڌي ڳوٺاڻي سماج جون ڪھاڻيون بيان ڪيون آھن. سنڌي ماڻھن جو اٿڻ ويھڻ، رھڻي ڪھڻي، رسمون رواج، ڳالھه ٻولھه جا انداز، وھم وسوسا، رانديون وغيره سندس ڪھاڻين کي پڙھندي جا بجا سامھون اچن ٿيون.جتي سندس ڪھاڻين ۾ سنڌ جي قديم ثقافتي راندين ڪُشتي، ڪبڏي، ملھه ۽ ونجھوٽيءَ جو ذڪر آھي جن سان جسم کي ڪسرت ملي ٿي ۽ ان طريقي سان ماڻھو زور آزمائي ۽ پھلوانيءَ جا ڪرتب پڻ ڏيکاريندا ھئا ته اتي سندس ڪھاڻين ۾ ٻاراڻين راندين جھڙوڪ ليٽ ڪبوتر، لڪ لڪوٽي ۽ گھڻ گھڻ گھتي ، گڏي گڏي جي راند جو پڻ ذڪر ملي ٿو، جيڪي رانديون قديم زماني کان وٺي سنڌ جي ٻارڙن ۾ وندر ۽ تفريح جو ذريعو آھن. سندس ڪھاڻين ۾ اسان کي شاديءَ جي رسمن، شاديءَ جي لباسن، چانديءَ جي ٻانھين (چوڙين) ڳيچن، سھرن، سواريءَ لاءِ ڪم

ايندڙ ڏاند ڳاڏين، مينهن وسڻ مهل ٻارڙن جي گيتن (جهڙوڪ اڪريءَ ۾ ڪڪڙو، مينهن آيو تڪڙو) حب وطن جي جذبن جي پڻ اُپٽار ٿيل ملي ٿي. سندس ڪهاڻين ۾ ڪنهن عاشق طرفان محبوب ڏانهن پيار جي ڀرين پيغام يا سوکڙي موڪلڻ وارين شين جو پڻ ذڪر آهي. هينئر ته عاشقي معشوقيءَ جا سلسلا مٽجي ويا آهن پر قديم زماني ۾ ماڻهو پنهنجي محبوب ڏانهن ڪا سوکڙي موڪليندا هئا ته ڪا هڙ ٻڌي يا ڪو دٻو وٺي ان ۾ سُرخي ،ڪجل (سينگار لاءِ) مصريءَ جي ترڙ، ميٺ وغيره موڪليندا هئا. انهن شين جو ذڪر جمال پنهنجي ڪهاڻي سينڌ ۾ ڪيو آهي.

سنڌ اوليائن، پيرن ۽ درويشن جي ڌرتي آهي، هتي اوليائن ۽ بزرگن کي وڏي مان سان ڏٺو ويندو آهي. اهي جيئرا هوندا آهن ته به انهن وٽ ماڻهن جا ميلا لڳل هوندا آهن ،مري ويندا آهن ته سندن مزارون عام ماڻهن سان پريون پيون هونديون آهن.ڪٿان ڪٿان جا سوالي ،پنهنجا عرض اگهرائڻ واسطي اتي ايندا آهن. سندن عقيدو آهي ته مالڪ انهن ولين ۽ بزرگن جي ٻڌي ٿو ۽ انهن جي محابي سندس دعائون قبول پونديون.پيرن تي منت ڪرڻ ۽ اميد پوري ٿيڻ بعد پيرن تي پڙ چاڙهڻ يا وري پٽ چمڻ جي خوشيءَ ۾ عام خيرات ڪرڻ سنڌي ماڻهن جي اهم رسم رهي آهي.جمال انهن رسمن کي پنهنجي ڪهاڻي ”منهن ڪارو“ ڪجهه هن نموني بيان ڪيو آهي. ” مسين مسين وڏيري جي مراد پُني هئي.ورهين ڪانپوءِ پير سائين ماڻ ڪري پنجن ڏيئن مٿان ڪيس پٽ ڏنو هو.پير ڏنو، ملڪيت جو وارث،وڏيرو وڏي ٺاٺ ۽ ادمبر سان ريل جو گاڏو پرائي ،ٻارين ٻچي اچي نڪتو هو. منڊل لڳي ويا، دهلن جو زيپٽ، شرنائين جي ڌم،ڌمالون ۽ ڪڳيون،سهرا ۽ راڳ..... ديڳيون پئي لٿيون ۽ چڙهيون.“ 4

سنڌ ۾ پيرن تي منت ڪرڻ، انهن تي پڙ چاڙهڻ ۽ خيرات ڪرڻ، خوشي ملهائڻ واري رسم اڄ به جاري آهي. جيتوڻيڪ مٿي بيان ڪيل ڳالهيون جاگيرداراڻي نظام ۽ جهالت جون نشانيون چئي سگهجن ٿيون پر بحرالحال اهي رسمون اسان جي سماج جو حصو آهن ۽ ان ڳالهه کان ڪوئي انڪار ڪري نه سگهندو. جمال ابڙي پنهنجي ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جا عڪس پيش ڪيا آهن. سندس ڪهاڻي ”لاري“ ۾ سنڌي ماڻهن جي عام زندگيءَ جون ڪيتريون ئي جهلڪون پسڻ لاءِ ملن ٿيون.لاريءَ کي ڏسي اڪير مان پڇندڙ ننڍرا ٻار،ڪن کي چولا پاتل ،ڪن جي تن تي لٽي جي ليڙهه به نه، ڪم ڪندڙ جوان توڙي پوڙهيون عورتون، روا پائي بيٺل ناريون، ڪوهه تي پاڻيءَ لاءِ هلندڙ نار،مڇرن جي ماري هيٺ آيل ماڻهو، مطلب ته هن پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جي اصل تصوير پيش ڪئي آهي.ان ئي ڪهاڻيءَ ۾ هن سنڌ جي لوڪ گيتن ۽ قديم دور جي هٿيارن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو هن طرح آهي. ”مٽيءَ مان ۽ ٻوٽن مان سرهاڻ ٿي آئي. انهن قديم سنڌين جي، جي هزار سالن کان مهراڻ جي ماٿريءَ ۾ لوڙائو ڳائيندا، نڙ وڄائيندا،ڌمال هڻندا هو جمالو نچندا، ڳاڙهي ڳئون پاليندا ٿي آيا. صدين کان هنن ٿي اُپايو ۽ نپايو. کين سڀ ڳُر ياد هئا. جهارِ جهرڪي، سُوئر سهي، ڦورو لٺيري کي چاڻندا سڃاڻندا هئا.وٽن ڪانياٽيون هيون، ڏڦا هئا، ڪهاڙيون هيون.“ 5

جمال پنهنجي ڪهاڻي ”ڪارو پاڻي“ ۾ سنڌ جي ڏتڙيل ڳوٺن جو نقشو چٽيو آهي جيڪي رُکي سُکي تي، هوند اٺهوند ۾ به خوش آهن، پر ٻوڏ سندن سڀ ڪجهه تباهه ڪري ٿي ڇڏي. ٻوڏ کان پوءِ اهي لڏپلاڻ ٿا ڪن اهي منظر سندس هن ڪهاڻيءَ ۾ موجود آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ هن ڳوٺن جي پٽن جو ذڪر ڪيو آهي، جتي ڪبڙ ۽ چاريءَ جا وڻ آهن، جتي ساوا ساوا کيت آهن ۽ مينهون چري رهيون آهن. مطلب ته جمال ابڙي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ جي، ڳوٺاڻن جي رهڻ سهڻ، طور طريقن جي ڀرپور عڪاسي پيش ڪئي آهي. جمال ابڙي جي ڪهاڻين ۾ اسان کي سنڌي ثقافت جا چٽا عڪس ۽ اولڙا ملن ٿا. جن مان اسان کي سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ جي معلومات سان گڏ ان جي اهميت پڻ معلوم ٿئي ٿي.

. غلام رباني آگرو :

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي نالي وارا ليکڪ ٿي گذريا آهن. جنهن جي انداز بيان ۽ لکڻ جي طريقار جي ڪري انهن پنهنجو نالو روشن ڪيو آهي. غلام رباني آگرو به انهن لکيڪن مان هڪ آهي، جنهن سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان خوب نڀايو آهي. جنهن ڪري کيس اڄ به سنڌي ادب ۾ اهم مقام حاصل رهيو آهي. غلام رباني آگرو، سنڌي ادب کي ڪيترائي ڪارائتا ڪتاب ڏنا آهن. جنهن جي ڪري اڄ کيس سنڌي ادب ۾ اهم مقام حاصل رهيو آهي.

غلام رباني آگري جو جنم ڳوٺ آگرا،ڪنڊياري ضلعي نوشهرو فيروز ۾ ٿيو. ڪيترو ئي عرصو سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري رهيو، غلام رباني آگري سوانحي مضمون نويسي جي حوالي سان ”جهڙا گل گلاب جا“ ٻن جلدن ۾ شايع ڪيو. جنهن ۾ سنڌ جي اهم اديبن، شاعرن ۽ محققن کي شامل ڪري سهڻا مضمون لکيا. سندس ڪهاڻين جو مجموعو ”آب حيات“ جي نالي سان شايع ٿيل آهي. ”سنڌ جا بر بحر ۽ پهاڙ“ ، ”ماڻهو شهر ڀنڀور جا“ ”سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر“ ”پارت ۾ اردو: ايڪ جائزه“ ”سنڌي ڪلچر“ اهم ادبي تخليقون آهن.

غلام رباني آگري جو شمار جديد سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ماحول جي ڀرپور عڪاسي ڪيل آهي. سنڌ جا ڳوٺ، شهر، اتان جي زندگي رهڻ جا طور طريقا هن جي ڪهاڻين ۾ نمايا آهن. هي اهو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن سنڌي ڪهاڻي کي سنڌ جو مقامي رنگ ڏنو. رباني جي ڪهاڻين ۾ نج سنڌ لفظ استعمال ڪيل هوندا آهن. هن جي لکڻ جو انداز ۽ اسلوب به انفرادي آهي، جنهن ڪري کيس سنڌي ادب ۾ اهم مقام حاصل آهي. غلام رباني جي ڪهاڻين ۾ مقامي رنگ وڌيڪ چٽو نظر اچي ٿو. غلام رباني آگري جي ڪهاڻين پڙهڻ کان پوءِ اهو ٿو محسوس ٿي ته جيڪو مقامي رنگ جمال ابڙي صاحب شروع ڪيو هو ان کان رباني به متاثر ٿيو. انهيءَ ڪري ٻنهيءَ جي ڪهاڻين ۾ مقامي رنگ ۽ سنڌ جا ثقافتي پهلوءَ نظر اچن ٿا. ”غلام رباني،ٻهريون ئي ڪهاڻيڪار آهي، جيڪو جمال ابڙي جي افسانه نگاريءَ کان متاثر ٿيو ۽ ساڳي راهه ۾ قدم وڌائيندي، هن پنهنجي الڳ ۽ انفرادي حيثيت ادب ۾ قبول ڪرائي ورتي. ٻنهي فنڪارن ۾ جيڪڏهن هوبهو مشابهت ڪٿي نه به مجي، ته به سندن فن جي ڪن پهلوئن ۾ هڪجهڙائي هئڻ کان انڪار ڪري جو به سگهبو. جمال ابڙي جي پيدا ڪيل مقامي رنگ جي روايت، غلام ربانيءَ جي ڪهاڻين ۾ وڌيڪ اپري ۽ پختي ٿي. هن جي خاص خاص ڪهاڻين ۾ به، ٻهراڙيءَ جي فضا ملي ٿي ۽ ڳوٺاڻي زندگيءَ جا خدوخال نظر اچن ٿا. “ 6

غلام رباني آگري جي ڪهاڻين ۾ مقامي رنگ سان گڏ سنڌي ثقافت جا ڪيترائي پهلوءَ نظر اچن ٿا. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ثقافت کي پڻ اجاگر ڪيو آهي. آگري جي ڪهاڻين ۾ اسان کي سنڌي سماج جي رهڻي، ڪهڻي، رسم، رواج سڀ ڪجھ ملن ٿا. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي ساز، اوطاق جا دل لڀائيندڙ منظر، ڪچهري جا ڏيک، عام علائقائي ٻوليءَ جو استعمال، سنڌ جي درگاهن تي ٿيندڙ رسمون، سنڌ جي زيور وغيره جو ذڪر عام ملي ٿو. جنهن مان اسان چئي سگهون ٿا ته رباني سنڌي ڪهاڻيءَ وسيلي سنڌي ثقافت جي ترجماني پڻ ڪئي آهي. سندس ڪهاڻي ”اتر ڏاهي ان جا، ته ڪنهن کي ڪارون ڪن؟“ ۾ پڻ سنڌ جي ثقافت جي ڪجھ پهلوئن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. هي هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ پيار ڪندڙ جوڙن جو ذڪر ٿيل آهي. بچل ۽ نوران هڪ ٻئي سان تمام گهڻو پيار ڪندڙ آهن. بچل ۽ نوران ٻيڙي هلائيندڙ آهن. وڏيري جو ڪمدار بچل کان ٻيڙي گهري ٿو، جنهن ۾ وڏيري جي پٽ جي ڄڃَ ڪڻڻ لاءِ، بچل ٻيڙي ڏيڻ کان انڪار ڪري ٿو. ڇو ته هن نوران سان وچن ڪيو هو ته لعل جي ميلي تي وينداسين. ان ڳالهه تي وڏيرو ڏمرجي پوي ٿو ۽ کيس ماري ڇڏيندو آهي. بهرحال هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي ثقافتي شين کي ڏيکاريو ويو آهي. جن ۾ ساز، يڪتارو، سُڪا باسڻ، سڳيون ، پازيب وغيره جو ذڪر ملي

ٿو جيڪي سنڌي ثقافت جو اهم اهڃاڻ آهن. سنڌي موسيقي ۾ پڻ سنڌي ثقافت جي جهلڪ ملي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي موسيقي جو ذڪر پڻ ملي ٿو.

”بچل يڪتارو ڪڍي آيو. تار کي آڱر سان ڇيڙيائين، ”ٽِڻ . . . ٽِڻ. . . ٽِڻ . . .“

نوران چپ چوريان:

”او رهي وڃ رات ڀنڀور ۾ !

پيرين پوندي سان،

چوندي سان،

. . . رهي وڃ رات ڀنڀور ۾ !

او، چڙهي ته جبل چوٽ تي،

ٻانهون ٻڌندي سان،

چوندي سان،

رهي وڃ رات ڀنڀور ۾ . . . رهي وڃ رات . . . “

”واهه وا! واهه وا“ بچل جهونگاريو.“ . 7

هي هڪ سنڌي لوڪ ثقافتي گيت آهي، جنهن ۾ سنڌي جي تاريخي ماڳ ڀنڀور جو پڻ ذڪر ٿيل آهي. هن ۾ سنڌي ماڻهن جي نوڙت، نماڻائي ۽ نرم دلي جي خبر پوي ٿي. هي هڪ سنڌ جو ثقافتي گيت پڻ آهي، جنهن جو ذڪر غلام رباني آگري پنهنجي ڪهاڻي ۾ ڪيو آهي. جنهن سان آگري جي سنڌ سان محبت ۽ مقامي رنگ جي معلومات پڻ ملي ٿي.

سکائون باسڻ يا باس باسڻ جي روايت به سنڌ اندر اهم آهي، جنهن ۾ ڪنهن پير، درگاهه يا اولياءَ تي سکا باسي ويندي آهي، جنهن ۾ چيو ويندو آهي ته منهنجي اميد پوري ٿئي، يا رب ڪان گهُري منهنجي مراد پوري ڪرائي ته وس آهر ڪا به شي ڏيندس. يا وري عورتون جهنڊ، چوٽي يا ڦندر باسين ۽ اها اميد پوري ٿيندي آهي ته اها پير، درگاهه تي ضرور ڏين (وس آهر ضرور ڏينديون) ان کي سکا باسڻ چئبو آهي. غلام رباني آگري جي هن ڪهاڻيءَ ۾ سکا باسڻ جو ذڪر پڻ ملي ٿو.

”ٻي ڳالهه ته ٻڌ. سپان آهي لعل جو ميلو. منهنجي مرضي آهي ته گهمي اچون. دل ۾ باس پاروٿو هئم ته نورڻ مولا ڏياريم ته لعل تي سکا چاڙهيندس. اڳو پوءِ باس به پوري ڪري اچون!“ بچل نوران جي ڳل تان وارن جي چڳ پاسي ڪندي چيو.“ . 8

سَڳِي ۽ پازيب سنڌي ثقافت ۾ اهم جاءِ والارين ٿيون. سَڳِي عورت جي وارن لاءِ هوندي آهي، جيڪا وارن ۾ لڳائي ويندي آهي، جنهن سان عورت جا وار وڌا ۽ سهڻا لڳندا آهن. سنڌ جي ڳوٺن ۾ سَڳِي جو رواج اڄ به عام جام آهي. پازيب هڪ ڳهه جو قسم آهي. جيڪو پيرن ۾ پاتو ويندو آهي. جنهن سان پيرن جي سونهن ۾ وڌارو ٿيندو آهي. غلام رباني آگري سَڳِي ۽ پازيب جو ذڪر هن طرح سان ڪيو آهي.

”بچل ونجهه جهليندي نوران ڏانهن نهاريو.

”تون چا وٺندين ميلي مان، نوري!“

”سڳيون ته ضرور وٺنديس. پازيب هوندا؟“

”پازيبن جيترا ڏوڪڙ ته ڪونهن“ . 9

بهرحال هي ڪهاڻي سنڌو درياءَ جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. ڪنهن به قوم جي جياپي جو اهم وسيلو پاڻي هوندو آهي. اهڙي طري سنڌي قوم جو جياپو سنڌو درياءَ سان آهي. هي ڪهاڻي سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ غلام رباني آگري جي درياءِ سان محبت پڻ ظاهر ڪري ٿي.

”بري هن پنيور ۾“ غلام رباني آگري جي بهترين ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ سنڌ جي ڪڇي واري علائقي جي نمائندگي ڪري ٿي. سنڌ جو ڪڇو اصل ۾ سنڌ جي ٻهراڙي آهي. جتي فطرت جا حسين منظر ڏسڻ لاءِ ملن ٿا، ۽ سنڌي ثقافت جو اهم مرڪز پڻ آهي. جتان سنڌ جون نج شيون پڻ حاصل ٿينديون آهن. جيئن ماکي، مکڻ، ڪير، ڪاٺيون، ميوا وغيره. ”بري هن پنيور ۾“ ڪهاڻي ۾ ڪڇي جا منظر پيش ڪيل آهن. ڪڇي جو پنهنجو فطري حسن آهي ته اتي وري مشڪلاتون پڻ آهن. هي ڪهاڻي ٻوڏ جي منظر تي لکي وئي آهي، ۽ معاشري ۾ ٿيندڙ ظلم جي نشاندهي پڻ ڪري ٿي. هڪ غريب فرد عيسيٰ کي زميندار خان محمد هٿان تباهه ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. ٻوڏ دوران سندس گهر ۽ ٻچا ٻُڏي رهيا هوندا آهن. ته اتي جي زميندار خان محمد پنهنجي زمين ۽ ملڪيت کي بچائڻ لاءِ بند ٻڌي رهيو هوندو آهي. جتي زوري عيسيٰ کي بيهاري ڪم ڪرائي ٿو ته جسين هن جا ٻچا ۽ گهر ٻوڏ ۾ ٻُڏي ختم ٿي ويندا آهن. عيسيٰ جي برباديءَ جو داستان آهي. ان سان گڏوگڏ ڪڇي جي رهڻي، ڪهڻي، علاج جا گهريلو ٽوٽڪا، ڪڇي جا حسين منظر وغيره پڻ ڪهاڻي ۾ جان پيدا ڪن ٿا. ڪڇي بابت ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته

”وچ ٻيلي ۾ واءُ ئي ڪو نه پهچي، ۽ وڙاهه سبب مڇر وري ڪهڙو، جو بس ٽنگن ٻانهن تان ويٺو هٽن سان روڙ! ڪير گهڙي گذاري سگهي! پر شابس هئي هنن کي جو جيئن تيئن ڪري وقت گذاريندا هئا. سانجهي ٿيندي، ته بس مک جيدي مڇر جي پٽڪارڪان ٻيلي ۾ واڇو ٿي ويندو! عيسو مال جي ڇيڻن کي ٿانبو ڏيئي دونهون دکائيندو، پوءِ وچي مڇر ڪو پاسو وٺندو ۽ هي سڄي رات دونهين جي ڪڪرن جي وچ ۾ ڪونگهرا هڻي گذاريندا.“ 10

ڪهاڻي جي مٿيئن ٽڪري مان ڪڇي جي زندگيءَ جو منظر سامهون اچي ٿو ته اتي جي زندگي ڪيئن گذري ٿي. اتي صرف فطرت جا حسين منظر ئي ناهن پر مشڪلاتون پڻ آهن. اندر ٻيلي ۽ ڪڇي ۾ ڊاڪٽر هٿيڪا ناهن هوندا تنهن ڪري علاج جا گهريلو ٽوٽڪا پڻ هلن ٿا جنهن بابت آگرو لکي ٿو ته

”اجهو عيسي کي اڳين سانوڻيءَ ۾ کپر کاڌو. هنن وٽ ترت علاج ته ٿهيو پيو هوندو هو. علاج وري ڪهڙو! چڪ واريءَ جاءِ تي چُهڪ ڏيئي، مٿان ڳاڙهو مرچ رکي، تنهن جي مٿان تماڪ جو پن رکي، هاريندس گاسليٽ _ ڇڪي کٽي پٽي ٻڌندس. پٺاريون ٻيٺيون هونديون هيون، ڪير جي لوٽي ڏهي، ڪوسي ڪري، وڏو وٽو پري ڏيندس. رات جو اک لڳي، صبح جو همراهه نوبنو!“ 11

علاج جا گهريلو عام ٽوٽڪا به سنڌي ثقافت جو اهم عڪس پيش ڪن ٿا جنهن مان اها معلومات ملي ٿي سنڌي ماڻهو پنهنجي علاج لاءِ به ڪجھ نه ڪجھ ترت ڪري ٿو جيسين هي ڊاڪٽر وٽ پهچي. هي ڪهاڻي سنڌ جي ڪڇي واري علائقي جي اهم تصوير پيش ڪري ٿي.

غلام رباني آگرو هر ڪهاڻي جو الڳ تاثر ڇڏي ٿو. سندس فن جو اهو ئي ڪمال آهي، جيڪو ڪيس بلندي بخشي ٿو ۽ سندس الڳ مقام مقرر ڪري ٿو. رباني جي هر هڪ ڪهاڻيءَ ۾ انسانيت جو جذبو نمايان آهي. سندس ڪهاڻي ”غريبن جي جهوپڙي“ به هڪ اهڙي ئي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ شهرن جي تعمير کان اڳ اتي جي رهندڙ ماڻهن جي ڪهاڻي آهي. چنّي خان جو ڳوٺ جيڪو صديون پراڻو آهي. شهري وڌي وڌو ٿئي ٿو ته هي ڳوٺ شهر جي وچ ۾ اچي ويندو آهي. ميونسپل آفيسرن جي گڏجاڻي ٿيندي آهي. جنهن ۾ اهو فيصلو ٿيندو آهي ته هي ڳوٺ شهر جي سونهن کي خراب ڪري ٿو تنهن ڪري هن کي ختم ڪيو وڃي. آخرڪار پوليس جي مدد سان ڳوٺ تي چڙهائي ٿئي ٿي ۽ ڳوٺ مسمار ڪيو ويو. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ سنڌي ثقافت جا ڪيترائي منظر پيش ڪري ٿو. انهن ۾ ٻارن جون رانديون، ڪتين جو ڪر موڙڻ، ٽيڙو ايا ٽيڻ، ٻيل گاڏيون، گڏهه گاڏيون اهي سڀ عڪس سنڌي ثقافت جي نمائندگي ڪن ٿا.

”رات ٿيندي، ته گهران رکو سکو ٽڪر کائي، ٽوليون ڪري نڪرندا ۽ گهٽين ۾ واڪا ڪندا ويندا:

”اچو ٻارو! راند جو سارو . . . . “

’’ٻوڙي اڇي ٻڳڙ ڪائو! پني اڇي پادر ڪائو . . . .!‘‘
۽ پوءِ سندن سڏ تي ٻار، ڪئن جيان ٻر مان نڪرندا، ڪسڪندا ايندا . . ۽ تان جو هو سڀ گڏ ٿي ويندا، ۽ پوءِ ڳوٺ جي وڏي پڌر تي راند ڪندا. ‘‘ 12
سنڌ جي ڪچهري هر هنڌ مشهور آهي سنڌي ماڻهو ڪچهري جا شوقين ٿيندا آهنءَ هنن جي اصل سنڌي ڪچهري جو نموني ڪجھ اور هوندو آهي.
’’ڪنهن گهٽيءَ جي موڙ تي ويهندا. ’’سفيد ديو ۽ حُسنا پري‘‘ جا قصا ۽ ڪهاڻيون ڪٿندا، پروليون ڏيندا، ۽ ڳجهارتون پيا ڏيندا وٺندا. هڪڙو چوندو: ’’شينهن کي نماز پڙهائي ڏي!‘‘ . . . نٿو اچيئي؟ چڱو ترار کي پاڻي پياري ڏي. . .‘‘۽ ايئن واڪو ٿي ويندو:
’’لَڪَڙُ پڇي لڪڙ کڇي: لڪڙ ۾ لاڙو، پي چڙهيو تارو، هنيو منَبُ، پي چڙهيو چنڊ، چنڊ ڪئي چانڊاڻ، پي چڙهي ماچاڻ، ماچاڻ لڌا آنا، پي چڙهيا ڪانا، ڪانن ڪئي هير، پي چڙهيا پنج پير، پنجن پيرن ڪئي گرڙي، پي چڙهي ڪاٽي ڪرڙي، ڪاٽيءَ ڪرڙيءَ ڏني پٺ، چڙهي اُٺ، اُٺ ڪاڏي گوار، پي چڙهي ترار. . . ‘‘
ترار چوندو ۽ پڙاڏو پئجي ويندو: ’’شابي! شابي گلڻ شابي! چڙهي چيلهه پڳي اٿئيس!‘‘ . 13
اهي هوندا آهن سنڌي ڪچهرين جا مور جنهن سان پوري پوري رات ڪچهريون ڪجن پوءِ به دل نه ڀرجي. اصل ماڻڪ موتي ميڙي ايندا آهن. جنهن ۾ وقت جي به خبر ناهي پوندي ۽ علم ۽ شعور جون ڳالهيون پڻ سکڻ لاءِ ملنديون آهن. جنهن جو ذڪر آگري پنهنجي هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪيو آهي، جنهن جو مٿيون ٽڪر شاهدي ڏئي رهيو آهي. غلام رباني آگري جون ڪهاڻيون نج سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ڳوٺاڻي ماحول، سنڌي ثقافت جو چٽو عڪس پيش ڪن ٿيون. تنهن ڪري غلام رباني آگري، سنڌي ڪهاڻيءَ وسيلي سنڌ جي رهڻي، ڪهڻي، ماحول ۽ ثقافت جا منظر پيش ڪري هميشه لاءِ سنڌي ثقافت کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.
. سراج الحق ميمڻ :
سنڌي ادب ۽ صحافت جي دنيا ۾ سراج الحق ميمڻ جو نالو ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي.’’سراج الحق ميمڻ ولد محمد يعقوب ميمڻ جو جنم ٽنڊي ڄام ضلعي حيدرآباد ۾ ٿيو. سراج الحق 1950ع واري ڏهاڪي کان لکڻ شروع ڪيو.‘‘ 14
سراج الحق ميمڻ جي شخصيت جا ڪيترائي پاسا آهن. هڪ طرف هو ورهاڱي کان پوءِ واري دور جو مجيل ڪهاڻيڪار آهي ته ٻئي طرف هن ’’سنڌي ٻولي‘‘ نالي ڪتاب لکي لسانيات جي ماهرن ۽ محققن لاءِ تحقيق جو هڪ نئون رخ سامهون آندو. هن ناول جي ميدان ۾ پڻ پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪئي، ان ڏس ۾ سندس ناول ’’پڙاڏو سوئي سڏ‘‘ ۽ ’’مرڻ مون سين آءُ‘‘ سنڌي ناول جي تاريخ ۾ خاص اهميت رکن ٿا. ان کان سواءِ هو پهريون سنڌي ليکڪ آهي جنهن پهريون سنڌي ٽريالاجي ناول ’’ پياسي ڌرتي رمندا بادل ‘‘ لکيو. هيءُ ناول اول ٽن الڳ الڳ حصن ۾ شايع ٿيو ۽ پوءِ هن ٽنهي ناولن کي ٽريالاجي واري صورت ۾ شايع ڪيو ويو.سراج الحق ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ پاڻ مڃائڻ کان سواءِ ترجمي نگاري ۾ پڻ بخوبي نالو پيدا ڪيو، ان ڏس ۾ هن ڪرشن چندر جو ناول ’’ڏکڻ مان سج ٿو اڀري ‘‘ جي نالي سان ، چونڊ آمريڪي افسانا ، شيڪسپيئر جون ڪهاڻيون ۽ ايس پي چپلاڻيءَ جي سنڌ جي اقتصاديات بابت لکيل ڪتاب کي پڻ ترجمو ڪيو. هن لطيفيات تي پڻ ڪم ڪيو آهي، ان ڏس ۾ هن نه صرف شاهه جي شاعريءَ بابت ’’ شاهه لطيف جي آفاقيت ‘‘ نالي ڪتاب لکيو پر مختلف مضمونن سان گڏ شاهه جي شاعريءَ جي پس منظر ۾ اسٽيج ڊارمو پڻ لکيو. ان کان علاوه سراج الحق ميمڻ وڪالت توڙي صحافت جي دنيا ۾ خوب نيڪ نامي ڪمائي ۽ ادب جي دنيا ۾ پنهنجو نالو پڻ پيدا ڪيو. سندس وڏيڪ ادبي پورهئي ۾ شاعري،خاڪن ۽ ادبي

مضمونن توڙي ڪالمن جا ڪتاب پڻ شامل آهن، جن کي پڙهندڙن طرفان خاصي موٽ ملي آهي.سراج جي ادبي تخليقن جو ذڪر ڪندي شيخ اياز لکي ٿو ته
”سراج فقط اپنے دور کے نمائندے نہیں بلکہ ان کی تحریر میں زندگی کے معاشرتی پہلو اور اس کے مسائل اور مذہب اور اخلاق کے دقیانوسی تخیل کا بیباک تجزیہ اور اس پر گہرا،طنز واقعی قابل داد ہے-" . 15

سراج جون شروعاتي دور واريون ڪهاڻيون ”مهراڻ “ ۽ ” نئين زندگي“ سوڌو ان وقت جي مشهور رسالن ۽ مخزنن جي زينت بڻيون. سندس پهريون مجموعو ”اي درد هلي آءُ“ 1962ع ۾ ۽ ٻيو مجموعو”اڻون ماڻهو“ 1982ع ۾ شايع ٿيو. 2014ع ۾ سندس وفات کان پوءِ سندس سڀني ڪهاڻين کي ”درد ڪهاڻيون “ نالي ڪتاب ۾ گڏائي ڇاپيو ويو. سراج جي ڪهاڻين جو اردوءَ ۾ پڻ ترجمو ڪيو ويو آهي. سنڌ جي هن بيباڪ ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار جي وفات 2 فيبروري 2013ع تي ڪراچيءَ شهر ۾ ٿي.

سراج الحق ميمڻ جي ڪهاڻين جو مطالعو ڪرڻ بعد معلوم ٿئي ٿو ته جيتوڻيڪ سندس ڪجهه ڪهاڻين جو پس منظر گهڻي قدر شهري زندگيءَ وارو آهي پر تنهن هوندي به سندس ڪهاڻين ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ جا ڪيترائي چٽر ڏسي سگهجن ٿا، جنهن ۾ ليکڪ سنڌي ثقافت جي ڪجهه ننڍن وڏن جزن، ريتن رسمن ۽ تهوارن کي سامهون آندو آهي. ان ڏس ۾ سندس ڪهاڻي ” سکر سي ئي ڏينهن “ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ٿر جي غربت ۾ ورتل هڪ خاندان جو نقشو چٽيو ويو آهي.هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ ربوءَ جي گهر جي غربت سان گڏ ماڻهوءَ جي استعمال ۾ ايندڙ تڏي، رلي، منجي ،کٽي ۽ گج جو بيان ڪيو آهي. انهن شين جو سنڌي ماڻهوءَ جي رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافت جو ويجهو ڳانڍاپو آهي. سراج پنهنجي ان ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي ثقافت سان لاڳاپيل شين جو چٽ کهڙي نه فنڪاراڻي انداز سان ڪيو آهي. ” ٻي ڪنڊ ۾ ربوءَ جي زال ستابي پنجن ڇهن مهينن جي هڪ ٻار کي ٿڃ ڏيئي رهي هئي. کيس جيڪو گج پيل هو ، ان جون ٽڪون ڪاريون ٿي ويون هيون ۽ ان جا ٽئونر ڪڏهوڪو ڇڃي ويا هئا.هڪ ننڍڙي گهڙامنجيءَ تي به ڪارا سنياريل دلا پاٽيءَ جا رکيا هئا ۽ ان جي ويجهو ئي گهر جي واحد منجيءَ تي پوڙهي ربوءَ ماءُ هڪ چنل ڪارو کٿو ڍڪيو ستي پئي هئي.“ 16

ڪهاڻيءَ جي مٿي ڏنل ٽڪري ۾ ليکڪ سنڌي سماج جي رهڻي ڪهڻيءَ جي انداز، عورتن جي ويس وڳن، گهرن جي بناوٽ توڙي سجاوٽ کي عڪسبند ڪيو آهي ۽ هن اهي عڪس اهڙي ته مهارت سان بيان ڪيا آهن جو هيڏانهن توهان ڪهاڻي پڙهندا وڃو ۽ هوڏانهن اهي عڪس تصوراتي طور سامهون ايندا وڃن. ڪهاڻيءَ جي هن ننڍي ٽُڪري ۾ هڪ اهڙي گهر جو نقشو پيش ڪيو ويو آهي جيڪو مڪمل طور تي ثقافتي جزن سان مالامال آهي. گهڙامنجيءَ تي رکيل به دلا، ويهڻ لاءِ ڪم ايندڙ منجي، ڪارو کٿو جيڪو پائي سيءَ کان بچي سگهجي ٿو. اهي سڀ سنڌي ثقافت جا اهم اهڃاڻ آهن جن کي ليکڪ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ فني مهارت سان پيش ڪيو آهي.

سراج پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي ريتن رسمن ۽ ثقافت جي معاون جزن توڙي شين جو ذڪر ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي قديم ڏڻن کي به ياد ڪيو آهي. هو هڪ روشن خيال ليکڪ آهي، سندس نظر ۾ صرف عيد برادن جا ڏينهن ئي اسان جي خوشيءَ جا ڏينهن آهن پر ان سان گڏ دسهڙي (هندن جو خاص ڏينهن. چيٽ مهيني جي 10 تاريخ جنهن ۾ هندو عقيدي موجب گنگا آشنان ڪري گناهه ڌوتا وڃن، انهيءَ ڏينهن تي رامچندر شري، راوڻ کي شڪست ڏني ان ڪري اهو ڏينهن ملهايو ويندو آهي) دسهڙي بابت وڪيپيڊيا ۾ هن طرح لکيل آهي ته

”ڏياريءَ جا ڏڻ پڻ سنڌ جي خوشيءَ جا ڏينهن آهن. هن نه صرف انهن ڏهاڙن جو ذڪر ڪيو آهي پر خوشيءَ جي انهن ڏينهن تي ڇا ڪبو آهي تنهن جو بيان پڻ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن ذريعي ڪرايو اٿائين“ . جيئن:

”پلا تو هي منهنجي لاءِ ڇو آندا؟

”الائي، دسهڙو هو نه، دسهڙي تي لڏون ڪائبا آهن.“ 17

يا وري سندس ڪهاڻي ”اوندهه جو وڻ “ ۾ هڪ ڪردار ڏياريءَ جي ڏڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

” هن مون کي ائين پاڻ ڏانهن گهوريندي ڏسي چيو : ” تون ڏياريءَ تي اسان جي گهر ايندين؟ ڏياري ايندي، ڏيا ٻرندا ۽ اسين سڀ سنا ڪپڙا پائينداسون.تون ايندين نه؟“ 18

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڏياري سنڌ جو قديم تهوار آهي جنهن جي اچڻ سان ماڻهو ڏيا ٻاريندا ۽ نوان ڪپڙا پهري خوشيون ملهائيندا آهن. ٻين لفظن ۾ ان کي خوشيءَ جو تهوار پڻ چئي سگهجي ٿو. ٻئي طرف دسهڙو وري هڪ اهڙو تهوار آهي جنهن تي ماڻهو مٺايون ورهائي سڪ ماڻيندا آهن.هيءَ تهوار سنڌ جي تمام پراڻن ڏڻن منجهان هڪ آهي ، ڪو زمانو هو جو هندو مسلمان هيءَ تهوار گڏجي ملهائيندا هئا پر هاڻي هيءُ فقط هندن جو تهوار ئي وڃي بچيو آهي ۽ ماڻهن جي ايڪتا ۽ محبت واري جذبي مٿان جنونيت جو رنگ چڙهي ويو آهي. ڏياري هجي يا دسهڙو ،اهي ڏڻ پل جان هندو ڌرم سان واسطو رکندڙ هجن پر سنڌ ۾ قديم دؤر کان اهي ڏڻ بنا مذهبي فرق جي ملهائجندا رهيا آهن. انهن ڏينهن جو به سنڌ جي ثقافت سان پڻ تمام گهرو واسطو رهيو آهي. انهيءَ لاءِ سراج الحق ميمڻ انهن ڏينهن کي پنهنجن ڪهاڻين وسيلي پيش ڪيو آهي.

سراج پنهنجي ڪهاڻين ۾ ثقافت سان ملندڙ اهم جزن کي بيان ڪيو آهي. زيور پڻ ثقافت جو خاص حصو سمجهيا ويندا. جيتوڻيڪ زيور سموري دنيا جي ثقافتن جو حصو آهن پر هر خطي ۾ انهن زيورن جا نمونا گهڻي ڀاڱي جدا جدا آهن. عاج جون چوڙيون سنڌ ۾ پراڻي زماني کان رائج آهن. سنڌ جي قديم ماڳ موهن جي دڙي مان مليل آثارن کي ڏسجي ٿو ته ان دور ۾ عاج مان ڪيترن ئي نمونن جا زيور ٺاهيا ويندا هئا جيڪي اڃان تائين ميوزم ۾ پيل آهن. ساڳئي طرح سون مان ٺهيل پنڙن يا پنن ( والن جو هڪ قسم ) جو سنڌ جي روايتي زيورن ۾ شمار ٿئي ٿو. مٿي ڄاڻايل ٻنهي زيورن جو ذڪر هن پنهنجي ڪهاڻي ”رت ورني رات “ ۾ هن طرح ڪيو آهي. ” سومل چوندي هئي ته الائجي ته ڇو، جڏهن هن جي ڪنن جي پنڙن کي ڪا ڇڪ ايندي هئي. تڏهن به پيڙا کان هو ڪيس ياد اچي ويندو هو. عاج جي ٻانهينءَ جي ڇڪٽيءَ تي به الائجي ڇو هو ڪيس ياد اچي ويندو هو.“ 19

اهڙيءَ طرح سراج پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ثقافت ۽ ان سان لاڳاپيل شين،جزن توڙي ريتن رسمن ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو چڱيءَ طرح ذڪر ڪيو آهي.هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ڪلچر ۽ ان جي مددگار جزن کي منظر نگاري يا وري ڪردارن جي ذريعي اُڀارڻ ۽ اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن ۾ هو گهڻي ڀاڱي ڪامياب پڻ ويو آهي.

. عبدالقادر جوڻيجو :

سنڌي ٻوليءَ جو مشهور ڪهاڻيڪار،ناول نگار ۽ ناٽڪ نويس عبدالقادر جوڻيجو ٻهرين نومبر 1945ع تي نئون ڪوٽ پرسان جنهاڻ سومري ۾ پيدا ٿيو.سندس والد پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪندو هو.عبدالقادر جوڻيجي سوشيالاجي ۾ ايم ڪرڻ سان گڏ بي ايڊ پڻ ڪئي، پنهنجي شروعاتي دور ۾ هن پرائمري استاد طور ڪم ڪيو پر اڳتي هلي ڪيس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ نوڪري ملي جتي هن سنڌالاجيءَ ۾ پبليڪيشن آفيسر، ڊپٽي ڊائريڪٽر پبليڪيشن ۽ ڊائريڪٽر سنڌالاجي طور ڪم ڪيو.هو ٽن سالن تائين سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو چيئرمين پڻ رهيو.هن پنهنجي ادبي ڪيريئر جي شروعات

ڪهاڻي لکڻ سان ڪئي پر اڳتي هلي هن پي ٽي وي جي لاءِ ڊراما لکي ڏيهان ڏيهه شهرت حاصل ڪئي، جنهن ڪري کيس ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا. سندس مشهور ڊرامن ۾ ”ڪاروان“ ،”چوٽي سي دنيا“ ،”ديوارين“ ۽ ٻيا شامل آهن. سندس ڊرامو ”ديوارين“ بي بي سي تان انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي پڻ هلايو ويو. عبدالقادر جوڻيجي کي 1989 ۽ 2007 ع ۾ به ٻيرا صدارتي ايوارڊ براءِ حسن ڪارڪردگي پڻ مليو.سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ”واٽون، راتيون ۽ رول “ 1973ع ۾ شايع ٿيو، ٻيو مجموعو ”ويندڙ وهي ،لهندڙ سج“ 1981 ع ۾ ،جڏهن ته سندس ٽيون ڪتاب ” سونو روپو سج“ 1986ع ۾ ڇپيو. ان کان علاوه هن خاڪن جو هڪ ڪتاب ”شڪليون“ ۽ پرڏيهي ادب بابت ڪيترائي ڪتاب ترجمو پڻ ڪيا آهن. عبدالقادر جوڻيجي جي ادبي سفر جي پڄاڻي اتي ئي نه ٿي ٿئي بلڪه سندس اخباري ڪالمن ۽ مضمونن جا ڪتاب به ڇپيل آهن. جڏهن ته سندس انگريزي ناول the dead river به ڇپجي پڌرو ٿيو. سنڌي ٻوليءَ جي هن يگاني ليکڪ جي وفات 30 مارچ 2020ع تي حيدرآباد شهر ۾ ٿي.

عبدالقادر جوڻيجي جو تعلق ٿر ۽ ريگستان جي ڳوٺ سان رهيو آهي تنهن ڪري سندس ڪهاڻين جا ڪردار به گهڻي ڀاڱي اهي ئي ذڪر ۽ محرومين جا ماريل سادا ماڻهو ئي آهن، جيڪي زندگيءَ جي سکن ۽ آسائشن کان ڪوهين پري آهن ۽ جن جي مقدر ۾ رڳو ڏک، بک ۽ اڃ ئي لکيل آهي. ”عبدالقادر جوڻيجي جو ننڍپڻ ان وارياسي ذڪر واري سرزمين تي گذريو.هن جي اکين ۾ جتي ريگستان جي رڃ جا منظر هئن کي ذڪر وارن ڏينهن ۾ لڏيندي به ڏٺو هو ته انهن جي بک بدحاليءَ جو به مشاهدو ڪيو.“ 20

عبدالقادر جو واسطو جيئن ته ٿر جهڙي پُٺ تي پيل علائقي جي هڪ ڳوٺ سان هو ۽ سندس ننڍپڻ گهڻي ڀاڱي اتي ئي گذريو، تنهن ڪري سندس ادبي ارتقا ۾ ان پس منظر جو خاص اثر آهي. هن ڳوٺ جي ماڻهن مان گهڻو ڪجهه سکيو ۽ پرايو. ان ڳالهه جو اعتراف ته هو پاڻ به اڪثر انٽروويز توڙي ذاتي ڪچهرين ۾ ڪندو رهندو هو ته هن ڪهاڻي لکڻ يا بيان ڪرڻ جو فن ڳوٺ جي ماڻهن وٽان سکيو آهي جن ۾ مختلف عمرين ۽ مختلف پيشن جا ماڻهو شامل هئا.ان ڳالهه کي بيان ڪندي سنڌ جي مشهور ليکڪا مهتاب اڪبر راشدي لکي ٿي ته ”ڪهاڻي بيان ڪرڻ جو فن هن کي ٿر جي ڏنارن کان به مليو ته سندس والد جي ٽاٽي ۾ قيدين به پنهنجي دل جا دفتر هن آڏو کوليا هئا، جيڪي هن جي يادگيري مان موٽي اچي سندس مشاهدي ۽ تجربي ۾ شامل ٿي قلم ذريعي اظهار جو ذريعو بڻجي ويا. “ 21

عبدالقادر جوڻيجي جي پهرين ڪهاڻي ” مٺ مٺ سورن سپ ڪنهن“ 1964ع ۾ ”روح رهاڻ “ جهڙي معياري رسالي ۾ شايع ٿي، جيڪو ان وقت جو سڀ کان معياري ۽ ترقي پسند ادب جو مهندار رسالو هو ۽ حميد سنڌي جهڙو اديب ان جو ايڊيٽر هوندو هو.سندس شروعاتي دور واري ڪهاڻين تي راءِ ڏيندي شوڪت حسين شورو لکي ٿو ته ” عبدالقادر پنهنجي شروعاتي ڪهاڻين سان هڪ پڪي پختي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ پاڻ مڃائي ورتو.ٻوليءَ جي خوبصورتي، دلڪش اسٽائيل ۽ ڊڪشن، شاندار منظرنگاري هن جي ڪهاڻين جون اهڙيون منفرد خوبيون هيون جن پڙهندڙن توڙي اديبن جو ڌيان ڇڪي انهن کي منڌي ڇڏيو هو.“ 22

عبدالقادر جوڻيجي جي ڪهاڻين جي سڀ کان وڏي خوبي آهي نج پج ڳوٺاڻي ٻولي ۽ ڳوٺاڻو لهجو، جيڪو هن وٽ پنهنجي سيني همعصرن کان وڌيڪ مضبوط آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ گهڻي ڀاڱي ٿر ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ جو محاورو ڪم آندو آهي پر تنهن هوندي به سندس ڪهاڻين ۾ لاڙ واري لهجي جي پڻ نمائندگي ملي ٿي. عبدالقادر جوڻيجي جي ڪهاڻين ۾ ڏنل منظرنگاري پڻ اعليٰ پائي جي آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار ان ئي ڳوٺن جا عام سادا ماڻهو آهن جنهن ۾ ليکڪ جو ننڍپڻ گذريو ۽ جتي هو وڏي وڏو ٿيو. هن جي ڪهاڻين ۾ ڏنل ماحول به نج پج ٻهراڙيءَ وارو آهي، خاص طور ٿر جو علائقو سندس ڪهاڻين جو مرڪز آهي،ٿري ماڻهو، انهن جي اُٿڻي ويهڻي، ريتون رسمون، بک ڏک، هاڃا، حادثا

سندس ڪهاڻين ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن.” هن پٽن جي خاموش سنسان وسنئن ۾، سادن ۽ بي لوث گهرن جي معمولي زندگيءَ جي عڪاسي ڪئي آهي، جن جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڳالهيون ۽ معاملا زندگيءَ ۾ هرڪو عمل ۽ رونق پيدا ڪن ٿا.هو ٿر جي رهواسين، انهن جي مخصوص طرز زندگيءَ ۽ انهن مسئلن کي مشاهدي وسيلي نهايت توجه ۽ پوري انهماڪ سان بيان ڪري ٿو.“ 23

عبدالقادر جوڻيجي جيئن ته سنڌ جي ماڻهن جون ڪهاڻيون لکيون آهن تنهن ڪري هن انهن ڪهاڻين ۾ نه صرف سنڌي ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي، ريتن رسمن ۽ معاملن مسئلن کي سامهون آندو آهي پر ان سان گڏ هن سنڌي ثقافت جي ڪن اهم جزن کي پڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. سندس ڪهاڻيون گهڻي ڀاڱي ٻهراڙين جي پس منظر ۾ لکيل آهن تنهن ڪري سندس ڪهاڻين ۾ ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي ويس وڳن، عورتاڻن پانڊٽن پڙن ۽ ٽوپين اجرڪن جو ذڪر پڻ ملي ٿو جيڪي سنڌي ماڻهن جو روايتي ۽ ثقافتي لباس ۾ شامل آهن. سندس ڪهاڻي ”چٽيل پن“ ۾ ميگهان نالي هڪ ناريءَ جي ڏکائتي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي آهي جنهن جي مقدر ۾ سهاڳ جو سک لکيل ئي ناهي. هن کي اول پنهنجي عمر کان ننڍي رمونءَ سان پرڻايو ويو ٿو، جنهن وٽان هن کي ذرو به پيار ۽ سک نه ٿو ملي. اولاد نه ٿيڻ تي هو ٻي شادي ڪري ٿو ته ميگهان جو پيءُ کائنس پنهنجي ڌيءُ لاءِ زوري طلاق وٺي ٿو. هوءَ ان عذاب مان اڃان اڃي به نه ٿي ٿئي ته کيس خبر پوي ٿي ته هاڻي سندس پرڻو وڏيري دائم سان ٿيندو جيڪو پنهنجي عمر اڳ ۾ ڪائي ويٺو آهي. اها ڳالهه ٻڌي هوءَ وري سورن ۾ وڃي وڃي ٿي.هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ ميگهان جي لباس کي هن طرح بيان ڪيو آهي .”ميگهان به گهڙا اچي لاٿا، پانڊٽو ڏيڳ پڙو، مٿان بنا پٽيءَ گج جنهن ۾ ٽانڪيل ٽڪن روشنيين جا جهپ پئي هنيا.“ 24

مٿين جملي ۾ ليکڪ جنهن پانڊٽي ۽ پڙ جي ڳالهه ڪئي آهي ،سو ٿر ۽ ان جي آس پاس واري علائقن ۾ اڪثر عورتن جو روايتي لباس آهي. ان مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته ٿري عورتن جو لباس گج ۽ ٽڪن سان ٽانڪيل هوندو آهي ۽ انتهائي ديده زيب هوندو آهي. ڏسڻ سان سنڌ جي گهرو هنر تي ناز ٿيندو آهي. هي ويس وڳا سنڌي ثقافت ۽ خاص طرح سان ٿري ثقافت جو اهم روپ ظاهر ڪن ٿا. سنڌي ماڻهن جي پائڻ اوڍڻ جي خبر پوي ٿي ته پنهنجي حُسن جي نکارڻ لاءِ ڪيئن نه سهڻا ويس وڳا اوڍين ٿا.

پٽڪو پائڻ سنڌي ماڻهن جي قديم رسم ۾ شامل رهيو آهي. هينئر توڙي جو سنڌ ۾ پٽڪو پائڻ جو رواج ڪجهه گهٽ ٿيو آهي ،پر صدين کان وٺي سنڌي ماڻهو پٽڪي، ٽوپي ۽ اجرڪ کي پنهنجو شان سمجهندا آيا آهن ۽ اهي شيون اسان جي ثقافت جو اهڃاڻ پڻ رهيون آهن. اڄ کان پنجاهه سٺ سال اڳ به پٽڪو سنڌي ماڻهن جي عزت ۽ آبرو جو اهڃاڻ هوندو هو. ۽ هينئر به ٽوپي پٽڪو سنڌي ثقافت سان گڏ سنڌي ماڻهن جي چڱ مڙسيءَ جو معيار عزت، مانُ، ۽ شانُ ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. پوٽي ۽ پٽڪو اڄ جا نوجوان پائي فخر محسوس ڪندا آهن. جڏهن سنڌي ثقافت جو ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي ته اهڙا منظر هر جاءِ تي ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. اڳ واري دور ۾ وري مٿي اگهاڙي مرد کي ڪمتر يا بي مانو سمجهيو ويندو هو. مٿي اگهاڙو مرد ڪنهن به ڳوٺ جي وچان گذر نه ڪندو هو. مٿو اگهاڙو ڪرڻ عيب هوندو هو. عبدالقادر جوڻيجي پنهنجي ڪهاڻي ” واٽون ،راتيون ۽ رول “ ۾ سنڌ جي ان ڪلچر جو عڪس پيش ڪيو آهي جڏهن هر ماڻهو پنهنجي مٿي تي پٽڪو ٻڌڻ ۾ ئي پنهنجي عزت آبرو پائيندو هو.” سج جو گولو رت مان ڌوپي،اجرو ٿي، آسمان جي چاتيءَ تان گڙڪي، مٿي چڙهي آيو هو. سڄي آسمان جي نيلاڻ جرڪي رهي هئي.پر واري ڳوٺ مان ٽريڪٽر جو آواز ،مال جي چڙن سان گڏجي ڪن تي اچي ٿي پيو.اوطاق رڳو اچا پٽڪا ٿي وئي هئي.“ 25

ڪهاڻيءَ جي مٿين ٽڪري مان صرف اها ڳالهه ظاهر نه ٿي ٿئي ته اڳي هر ماڻهو پٽڪو ضرور پائيندو هو پر ان ٽڪري مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا ماڻهو هڪ اهڙي سماجي بندڻ ۾ ٻڌل آهن جو

اگر ڪنهن سان ڪو مسئلو يا معاملو ٿي پوندو آهي ته سچو راڄ هڪ هنڌ گڏ ويهي ان مسئلي جي حل لاءِ نڪري پوندو آهي. اها ريت سنڌ ۾ صدين کان رائج آهي، ۽ اِهو سنڌي ثقافت جو خوبصورت ۽ سهڻو پهلوءَ پڻ رهيو آهي. جنهن جي عڪاسي ليکڪ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ پڻ ڪئي آهي. سنڌين جي اهڙين ئي صحتمند روايتن مان هڪ روايت اها پڻ رهي آهي ته اهي معاف ڪرڻ ۽ درگذر ڪرڻ توڙي سام يا پناهه جي معاملي ۾ پڻ اڳڀرا رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو پنهنجي خطا مڃي معافي يا پناهه جي طلب ڪندو ته پل هو ڪيڏو به ڏوهي هجي پر اڳيون کيس ان ئي مهل معاف ڪري ڇڏيندو. تڏي تي لَڙي آيل کي مانُ ڏنو ويندو. ان جا سڀ ڏوهه گناهه معاف ڪيا ويندا هئا. آيل ماڻهوءَ جي دل سان آجيان ڪئي ويندي اگر نياڻي آهي ته سَتَ قرآن سمجهي ويندي. اها ريت توڙي جو سنڌ مان هاڻي گهٽي پاڳي ختم ٿي چڪي آهي پر قديم زماني ۾ سنڌي ماڻهو معافي يا پناهه ڏيڻ ۾ ئي پنهنجي وڏائي سمجهندا هئا. عبدالقادر جوڻيجي انهن پراڻين روايتن کي پنهنجي اکين سان ڏٺو هو تنهن ڪري سندس ڪهاڻي '' واٽون ،راتيون ۽ رول '' ۾ جڏهن محمود ،سپاجهيءَ کي پڇائيندي ٿين ڌر هٿان پڪڙجي پوي ٿو ته رئيس آڏو پٽڪو لاهي وجهڻ سان کيس معافي ملي وڃي ٿي.ساڳئي ئي ڪهاڻيءَ ۾ محمود جڏهن آڌيءَ رات پڇندو پڇندو پنهنجي جگري يار وسند وٽ پهچي وڃي ٿو ته هو سنڌ جي قديم روايت مهمان نوازيءَ جو مظاهرو ڪندي نه صرف کيس جيءَ ۾ جايون ڏيندي پنهنجي گهر ۾ وڃي ويهاري ٿو پر ان سان گڏ رات جي ان پهر ۾ پنهنجي زال کي اُٿاري مهمانن لاءِ ماني ٺاهڻ جو پڻ چوي ٿو.اهڙيءَ ريت عبدالقادر جوڻيجي پنهنجي هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي ثقافت جي اهم رسم مهمان نوازيءَ جي پڻ عڪاسي ڪئي آهي. وسند آڌيءَ رات جڏهن پنهنجي زال کي اٿاري ٿو ته اول ته کيس ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿو اچي پر جڏهن هوءَ ڏسي ٿي ته مهمان آيا تڏهن ان ئي وقت مهمانن کي ويهاڻي ڏئي ويهاري ماني پچائڻ ۾ لڳي وڃي ٿي. اهو سنڌي ثقافت جو نج پج نمونو آهي.

مجموعي طور تي عبدالقادر جوڻيجي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي لباس، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي،اٿڻ ويهڻ ۽ ريتن رسمن جي عڪاسي ڪري انهن کي ايندڙ صدين جي ماڻهن جي لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. اڄ کان ڪيئي صديون پوءِ جڏهن به ڪوئي ماڻهو عبدالقادر جوڻيجي جي ڪهاڻين کي پڙهندو ته کيس سنڌ جي قديم روايتن ،ويس وڳن ۽ ماڻهن جي اٿڻ ويهڻ جي انداز جي چڱي پروڙ پئجي سگهندي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ڪلچر سان لاڳاپيل مختلف مادي توڙي غير مادي عنصرن کي پيش ڪري سنڌي ثقافت کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ قلمبند ڪيو آهي، ۽ سنڌي ثقافت جي اهم پهلوئن کي هميشه هميشه لاءِ پنهنجن ڪهاڻين ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

. علي بابا :

علي محمد رند بلوچ جنهن کي ادبي دنيا ۾ علي بابا جي نالي سان سڃاتو ۽ ياد ڪيو ٿو وڃي، سو پاڪستان ۽ هندوستان جي قيام کان لڳ ڀڳ به سال اڳ يعني 1945ع ۾ ڪوٽڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. علي بابا لکڻ جي شروعات 1960ع کان ڪئي ۽ پنهنجي وفات کان ڪجهه سال پهريان تائين مسلسل لکندو ئي رهيو. سنڌي ادب ۾ سندس سڃاڻپ صرف هڪ ڪهاڻيڪار واري ڪونهي بلڪه ان کان سواءِ سندس نالو پنهنجي دؤر جي سٺن ڊرامه نگارن ۽ ناول نگارن ۾ پڻ ڳڻيو وڃي ٿو. هو پنهنجي لکڻ جي شروعاتي زماني کان وٺي عمر جي آخري حصي تائين وقت جي مشهور سنڌي رسالن ۽ مخزنن ۾ ڇپجندو رهيو. سندس ڪهاڻيون ته ماهي مهراڻ ، ماهوار نئين زندگي، روح رهاڻ، سهڻي ۽ چوڏس جهڙن مشهور رسالن جي زينت بڻيون. علي بابا جي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب '' ڌرتيءَ ڌڪاڻا'' 1983ع ۾ ، ٻيو ڪتاب '' آيل ڙي اولاڻا'' 1984ع ۾ ڇپيو. جڏهن ته سندس ڪل ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب '' منهنجون ڪهاڻيون '' 1994ع ۾ شايع ٿيو. سندس وفات کان پوءِ ڊاڪٽر اسحاق سميجي سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ''جنم پومي شمشان پومي'' جي نالي پڻ شايع ڪرايو جنهن ۾ سندس اڳ توڙي پوءِ لکيل سڀ ڪهاڻيون محفوظ آهن.

’’علي بابا جي ڪهاڻين ۾ فڪري طور بي شمار سوال اٿاريل آهن جيڪي تاريخي تسلسل سان ڳنڍيل آهن. سندس ڪهاڻين ۾ ڏک، ظلم ،نفرت، مجبوري ۽ جنسي مسئلن کي موهن جي دڙي جي تاريخ جي پس منظر ۾ کنيل آهي .‘‘ 26

جينوٽيڪ علي بابا پنهنجي ڪهاڻين جي ڪري سنڌي ادب ۾ هڪ خاص ڇاپ ڇڏي آهي پر سندس هڪ مضبوط حوالو سندس ناول ’’موهن جو دڙو ‘‘ پڻ آهي، جنهن ۾ هن سنڌ جي عظيم تهذيب جي زندگيءَ جا چٽ چٽيا آهن. علي بابا جو ناول ’’موهن جو دڙو‘‘ سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن جي سهڻي تصوير پيش ڪري ٿو. هن ناول ۾ ثقافت جا اهم جز ۽ پهلو شامل ڪيل آهن. مطلب ته هي ناول سنڌي ثقافت جي ڀرپور عڪاسي ڪري ٿو. هي ناول سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تمدن موهن جي دڙي بابت لکيل آهي، ۽ ان دؤر جي ڀرپور عڪاسي ملي ٿي. ان کان سواءِ سندس ٻارن لاءِ لکيل ناول ’’سنڌباد جو سفر‘‘ به خاص اهميت رکي ٿو. علي بابا ريڊيو توڙي ٽي ويءَ لاءِ ڪوڙ سارا ڊراما پڻ لکيا آهن جن کي ٻڌندڙ توڙي ڏسندڙن طرفان تمام گهڻي موٽ ملي آهي. ’’علي بابا هڪ سؤ کان به وڌيڪ ٽي وي ڊراما ۽ سيريلون لکيون.جن مان هڪ ڊرامي دنگي منجهه درياهه کي 1976ع ۾ ميونخ جي عالمي ميلي ۾ ٽيون نمبر بهترين ڊرامو قرار ڏئي ايوارڊ سان نوازيو ويو.انهيءَ ميلي ۾ دنيا جي 79 ملڪن حصو ورتو.‘‘ 27

علي بابا جي ٻين ڊرامن ۾ هي جيون هي سپنا، ٻاليشاهي ،عڪس ۽ اولڙا، تموچڻ، رڻ جا راهي، موکي متارا وغيره اچي وڃن ٿا.

علي بابا جي ڪهاڻين جو مطالعو ڪجي ته معلوم ٿيندو ته ليکڪ سنڌ جي مٽجي ويل تاريخ،نظرانداز ڪيل سنڌي قبيلن ۽ ناپيد ٿي ويل ريتن رسمن بابت ڏاڍي جذباتي نظر اچي ٿو.’’هن جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي قديم تاريخ،تهذيب ۽ تمدن جون تصويرون نظر اچن ٿيون.ان سان گڏوگڏ روزاني زندگيءَ جي مسئلن ، روماني موضوعن ۽ خانه بدوش ماڻهن جي جيوت جا رنگ به آهن. ‘‘ 28

علي بابا جون ڪهاڻيون سنڌي ثقافت ۽ تهذيب جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿيون. سنڌي ماڻهو، انهن جون ريتون رسمون، انهن جا ميلا ملاکڙا، انهن جي گهريلو زندگي جا عڪس، وهم ،اٺڻ ويهڻ جا اصول، روايتي ۽ ثقافتي لباس ۽ ثقافت سان لاڳاپيل گهڻيون شيون سندس ڪهاڻين ۾ هر هنڌ ٽڙيون پکڙيون پيون آهن. سندس ڪهاڻين جي وڏي خوبي اها آهي ته ڪهاڻي ڪٿي شهري سماج تي چو نه لکيل هجي پر ليکڪ ان ۾ سنڌ جي ثقافتي ۽ روايتي زندگيءَ واري تصوير ضرور پيش ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن ائين چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو ته هو قديم توڙي هاڻوڪي سنڌي ثقافت جو نمائندو ڪهاڻيڪار آهي. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ڳوٺن، وڏن شهرن، پٽن پڙن ۽ ڍهرن جو ڀرپور ذڪر ملي ٿو جتي سنڌ جي ثقافت اڄان آباد ۽ تازي آهي ته ڪٿي وري اها پنهنجي پوين پساهن ۾ آهي. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ڇؤنرن، قديم دؤر کان رائج زيورن، ريتن رسمن ، لوڪ گيتن ، ٽيڙو ڪتين، ڀيلهه ۽ ٽيلهه گهڙا ڪٽندڙ عورتن جو ذڪر ملي ٿو جن جو سنڌي ثقافت سان گهرو سبنڌ آهي. علي بابا جي ڪهاڻي ’’ماڻهوءَ جو پاڇولو‘‘ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ليکڪ ڪردار کي آسمان ڏانهن نهاريندي تارن ۽ ڪتين کي ڳوليندي ڏيکاريو آهي. هو اڀ ۾ ڪتيءَ کي ڳولهي ٿو، ٻيڙو ۽ ٽيڙو ڳولهي ٿو، ڪٽ ۽ وڇونءَ جي تلاش ڪري ٿو. دنيا جي ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ستارن جي مٿان شايد ئي ڪي اهڙا نالا رکيل هجن . اها سنڌي ثقافتي زندگي ئي آهي جنهن انهن نکترن جي لاءِ بيهڪ يا شڪل شبيهه مطابق نالا رکيا آهن. علي بابا جي ڪهاڻي ’’ نانگا ننڊ نه ڪن ‘‘ ۾ سنڌ جي گذري ويل شاهڪار ماضيءَ جا ڪيترائي عڪس ڏنا ويا آهن. اها ڪهاڻي نه پر سڏڪن جو هڪڙو گيت آهي جنهن ۾ پراڻي سنڌ جو سٺو وقت ياد ڪيو ويو آهي ۽ ان سان گڏ ان ۾ سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ جا ڪيترائي عڪس ۽ اولڙا پڻ پيش ڪيا ويا آهن . جيئن:’’جتي چندرونسي ڇونرن

مان چوڙيليون ٻيلهه ۾ ٿيلهه گهاگهرون ۾ گهڙا ڪٽي ،سنگهرون ڪري ،پڙا لمڪائينديون ، پوڏيسر جي تلاءَ تان پاڻي ڀرينديون آهن.“ 29

ڪهاڻيءَ جي مٿين ٽڪري ۾ علي بابا گهڙن يعني دلن ۾ گهاگهرين جو ذڪر ڪيو آهي، جن جو سنڌ جي سماجي ۾ ثقافتي زندگيءَ سان گهرو واسطو آهي. دلا صرف سنڌ جي ٿر واري پاسي جو اهڃاڻ نه آهن پر دلو ته سچي سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ جو نشان آهي، ڇو ته قديم زماني کان سنڌ اندر کوهن تان پاڻي ڀرڻ لاءِ دلي مان ئي ڪم ورتو ويندو هو. سنڌ جون عورتون وري اهڙيون سگهڙ ۾ محنتي جو اڪيلي سر ٻه ٻه ٽي ٽي دلا پاڻيءَ جا ڀري پنهنجي گهر کڻي وڃن ، جنهن جي لاءِ ليکڪ ٻيلهه ۾ ٿيلهه جو لفظ ڪتب آندو آهي. سنڌ ۾ دلي ٺاهڻ جو هنر قديم دؤر کان جاري آهي، ان جا اهڃاڻ ۾ آثار اسان کي موهن جي دڙي واري زماني کان ملن ٿا . سنڌ جي لوڪ داستان سهڻي ميهار ۾ به دلي کي وڏي اهميت حاصل آهي. اهڙي طرح سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعر شاهه ڪريم پڻ ان ٻيلهه دلي جو ذڪر پنهنجي بيت ۾ هن طرح ڪيو آهي.

پاڻياريءَ سر ٻهڙو، جر تي پکي جيئن
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

دلو ٺاهڻ سنڌ جو هڪ قديم فن آهي، دلو نه صرف پاڻي ڀرڻ جي ڪم ايندو آهي پر ان سان گڏ اهو ترڻ ۾ ترهي طور پڻ ڪم ايندو آهي، جنهن جو ذڪر علي بابا پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيو آهي. جيئن سهڻي دلي جي مدد سان درياهه پار ڪري ميهار سان ملندي هئي. دلي کي راڳ ڳائڻ مهل وڄائي ساز طور پڻ ڪم آڻي سگهبو آهي. مطلب ته دلو سنڌ جي اهم شين مان هڪ آهي، دلي جي سنڌي ثقافت ۾ معاشري ۾ اهم حيثيت رهي آهي. سنڌي لوڪ شاعري ۾ پڻ دلي جو خاص مقام رهيو آهي. جنهن جو ذڪر لوڪ گيتن ۾ ڪيو ويو آهي.

اهڙيءَ طرح مٿي ڏنل ڪهاڻيءَ جي ٽڪري ۾ ليکڪ جنهن پڙي جو ذڪر ڪيو آهي سو ٿر جي عورتن جي خاص پوشاڪ آهي ۾ اها پڻ سنڌ جو خاص ثقافتي اهڃاڻ آهي .

علي بابا نه صرف پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي رسم رواج ، رهڻي ڪهڻي ۾ انهن جي لباس پوشاڪ جو ذڪر ڪيو آهي پر هن سنڌ اندر ملهائجندڙ مذهبي ڏهاڙن جو ذڪر پڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي.اهي ڏهاڙا صدين ۾ سالن کان اسان وٽ ملهائجندا پيا اچن تنهن ڪري اهي پڻ اسان جي تمدن ۾ تهذيب جو اڻ ٽُٽ حصو بڻجي پيا آهن . پنهنجي ڪهاڻي ”ٻيٽاري“ ۾ ليکڪ محرم جي ڏينهن ۾ ٿيندڙ ماتم جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي ”ورهاڱي کان اڳ جڏهن تمام ننڍڙو ٻالڪ هو، تڏهن درياهه جي بچاءَ بند تان ماتام ڪيڏو نه نغارن،مگر مانن ۾ ڀير تي ڏؤنڪن سان نڪرندو هو. واڃاڻيون به امامن لاءِ ڏيئا موهينديون هيون.“ 30

ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ماتم ته ڪيترن ئي ملڪن ۾ ٿيندو آهي پر سنڌ ۾ ٿيندڙ ماتم جي خاص اهميت ان ڪري به آهي ته ان ۾ مسلمانن سان گڏ هندو مرد ۾ عورتون پڻ ڪنهن نه ڪنهن نموني حصو وٺنديون آهن.ڪهاڻيءَ جي مٿئين ٽڪري مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي ڪن علائقن ۾ نغارن ۾ ڀير جي ڏؤنڪن تي ماتم جو جلوس نڪرندو هو. اهو رواج اڃان تائين سنڌ جي ڪن خاص علائقن ۾ اڃان جاري ساري آهي. نغارو سنڌ جو هڪ خاص ساز آهي جيڪو ڍُهل جو هڪ خاص قسم آهي. قديم زماني کان وٺي سنڌ ۾ نغارو رائج رهيو آهي. هن ساز جي سنڌي ثقافت ۾ پڻ خاص اهميت رهي آهي. جنهن جو ذڪر پڻ ڪهاڻيءَ ۾ ٿيل آهي.

علي بابا پنهنجي ڪهاڻين ۾ شادين مرادين ۾ انهن جي رسمن جي پڻ عڪاسي ڪئي آهي. سنڌ اندر جڏهن شاديءَ جا ڏينهن ٻڌا ويندا آهن ۾ ڪنوار کي ونواهه ۾ ويهاريو ويندو آهي تڏهن کان وٺي گهوٽيتن ۾

ڪنواريتن جي گهر ۾ رات ٿيڻ سان ئي عورتن جو ميڙو مچي ويندو آهي ۽ اهي رات دير تائين لاڏا ۽ سهرا چوڻ ۾ لڳي ويندي آهن.ليکڪ پنهنجي ڪهاڻي ”سانگ م وڃن سپرين“ ۾ ان منظر کي ڪجهه هن نموني بيان ڪيو آهي. ” سندس شاديءَ جا ڏينهن ٻڌا ويا ۽ پوءِ وڏي ڪچهريءَ کان پوءِ سڀ مڙس ماڻهو اُٿي هليا ويا ۽ سڀ سرتيون ۽ سنگهاريون ڪيس ورائي ويون. سڀ سندس چوڌاري دهلڙي ڪٽي مُچرڪون لائي ويٺيون. منڊل ۽ مارڪا ڪري دهلڙي وڄائي ڪيس چيڙائي لاڏا ڳائڻ لڳيون.

اي مور ڙي _مورڙي الا لڳو من مارن سان“ 31

ليکڪ بيان ڪري ٿو ته سچ لهڻ کان پوءِ سرتيون سهيليون سڀ گڏ ٿينديون هيون ۽ دهلڙيءَ تي سهرا ۽ لاڏا ڳائي ڪنوار کي پڻ چيڙائينديون هيون . اها محفل آڌي آڌي رات ختم ٿيندي هئي.ڏنو وڃي ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اها ريت اڄان تائين جاري آهي ، ڪنوار کي ونواهه ۾ ويهارڻ بعد آڌي رات تائين ڪل ڪچڪو ۽ لاڏا پيا هلندا آهن.علي بابا پنهنجي ڪهاڻين ۾ نه صرف شاديءَ جي لاڏن ۽ سهرن جو ذڪر ڪيو آهي پر ٿر جي علائقي ۾ محنت ڪش ماروئڙن جي لوڪ گيت ” همرچي“ کي پڻ بيان ڪيو آهي.

سنڌ هڪ اهڙو ديس آهي جتي ثقافت جا سوين هزارين رنگ روپ آهن، جن ۾ سهرا، گيت يا لوڪ گيت پڻ اچي وڃن ٿا. سنڌ ۾ هر موقعي مهل جي حساب سان الڳ الڳ گيت، ڳيچ، سهرا، لاڏا مروج رهيا آهن . جمالو خوشيءَ جو گيت آهي ته وري همرچو محنت ڪش مزدورن جو گڏجي ڪم ڪرڻ جو گيت آهي. ائين وري مينهن وسڻ کان پوءِ سارنگ ۽ ورسارو گيت ڳايا ويندا آهن.

اهي گيت ته وڏا مرد ۽ عورتون ڳائينديون آهن پر سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ننڍين نيڍن ٻارڙن جو مينهن وسڻ دوران مزي وٺڻ جو به هڪ پنهنجو نرالو رنگ آهي جيڪو سنڌي ثقافت جو هڪ جز آهي. سنڌي ثقافت جي ان رنگ کي علي بابا هن نموني بيان ڪيو آهي ” گپ چڪندڙا ٻارڙا مائرن ۽ ڀينرن جون پوتيون چيلهه‍ين سان ٻوڪيون ڪري در در سارنگ ڳائيندا ۽ سانگ رچائيندا آهن” ڪارڙو ڪمارڙو، ان دانا ڏي،مينهن وسي، اُڪريءَ ۾ ڪڪڙو،مينهن آيو تڪڙو،مکڻ جي ماني ، آيو جهُڙ جهاڻي،تئي تي ڦلڪا، آيا مينهن جهُلڪا.“مند جو ٻهريون مينهن انهن ٻارڙن لاءِ عيد کان به وڌي خوشيءَ جو ڏينهن هوندو آهي.“32

ان کان سواءِ به علي بابا پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ثقافت سان واسطو رکندڙ ڪيترين شين جو ذڪر ڪيو آهي، جيئن ڏاندن سان ڳاهه ڳاهڻ جا منظر،ڏاند گاڏين جون جوٽون،ڪاون جڙيل گج ڀريل عورتن جو جهار هڪلڻ،مٽيءَ جي گاري ۽ ڪانئين ڪانن سان ٺهيل گهر ،سنڌي ماڻهن جو سهج سڀاءَ، انهن جي مهمان نوازي،انهن جي اُٿي ويهڻي مطلب ته مجموعي طور علي بابا پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. هن سنڌ جي تاريخ، تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي رنگن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ شامل ڪيو آهي . هن سنڌ جي ثقافت جي معاون ۽ مددگار جزن کي پنهنجي ڪهاڻين ذريعي سامهون آندو آهي.

. ماهتاب محبوب :

ماهتاب محبوب سنڌي ڪهاڻي ڪيتر جي اهم ڪهاڻيڪاره آهي. هن نه صرف ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ نالو ڪمايو آهي پر گڏوگڏ ناول ، سفرنامي ، خاڪن توڙي خط نويسيءَ ۾ پڻ اهم حيثيت حاصل ڪئي آهي. ماهتاب جو جنم 14 جولاءِ 1945ع تي سنڌ جي شهر ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هوءَ 60 واري ڏهاڪي کان مسلسل سنڌي ٻوليءَ ۾ نثر لکندي پئي اچي. سندس ان بنا ساهيءَ جي لکڻ واري ڪم کي ساراهيندي مشهور ڪهاڻيڪار امر جليل لکي ٿو ” 1947ع کان پوءِ سنڌي ادب ۾ فقط ماهتاب ئي آهي ،جنهن پابنديءَ سان مسلسل ۽ لاڳيتو لکيو آهي. مسلسل ۽ لاڳيتو لکڻ ، سنڌي ادب لاءِ بلڪل نئين روايت آهي ۽ ان روايت گهڻن نقادن کي چرڪائي ڇڏيو آهي. “ 33

ماهتاب جي ڇپيل ڪتابن جو وچور هن طرح آهي. ” مٺي مراد “ 1979 ،”چانديءَ جون تارون “ 1980ع ، ” پرهه ڪان پهرين “ 1983ع ،”لهر لهر زندگي“ 1985ع ۽ ”پلصراط “(اردو). ان ڪان سواءِ سندس ناول ”پيار پناهون چانورا“ ۽ ”خواب خوشبو ۽ چوڪري“ پڻ سنڌي ناول جي تاريخ ۾ خاص اهميت رکن ٿا.سندس سفرنامي تي ٻڌل ڪتاب ” سُرهي سُرهي سار“ سنڌ ۽ هندستان جي سنڌي ادب وچ ۾ هڪ پل جي ڪردار طورياد ڪيو ويندو آهي.ان ڪان سواءِ سندس مضمونن ۽ خطن تي مشتمل ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن.

ماهتاب محبوب پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جا نج پج ڪردار پيش ڪيا آهن . خاص طور تي هن وڏيرن جي بنگلن ۽ حويلين جي اندر رهندڙ عورتن ۽ اتي ڪم ڪندڙ نوڪرياڻين جي زندگيءَ کي پنهنجي ڪهاڻين جو حصو بڻايو آهي. فڪري حوالي سان هوءَ هڪ حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي ، هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ هر روپ جي عورت کي پيش ڪيو آهي.بقول عبدالجبار جوڻيجي جي ”مهتاب وٽ عورت ڪردار جا به رنگا رنگ گيٽ اپ آهن.هر ڪابي ڪان علحدي.“ 34

جيئن ته مهتاب محبوب هڪ حقيقت نگار ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ سنڌي سماج جو حقيقي ماحول ۽ سچا ڪردار پيش ڪيا آهن تنهن ڪري هن پنهنجي ڪهاڻين اندر سنڌي ماڻهن جي نفسيات، انهن جي سهج سڀاءَ، اٿڻي ويهڻي، ريتن رسمن، وهمن وسوسن، مرڻي توڙي پرڻي جي ريتن رواجن سميت ڪافي اهڙين ڳالهين جي عڪاسي ڪئي آهي جن جو تعلق سنڌ جي ثقافت سان آهي. هن پنهنجي ڪهاڻي ” روئي ڏنو رات“ ۾ سنڌ جي قديم هنر رليون ٺاهڻ، جنڊي جي ڪم سان ٺاهيل هندوري، ويهڻ جي لاءِ ڪتب ايندڙ ڪانن مان ٺاهيل موڙي، عام رواج ۾ ايندڙ زيورن جهڙوڪ پنڙا، ست سري دهري ۽ ٻين اهڙين ڪيترين ئي شين جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي سنڌ جي ثقافت کي ظاهر ڪن ٿيون. سندس ڪهاڻين ۾ قديم دؤر ڪان رائج وهمن وسوسن ۽ انهن جي علاجن، ٽوڻن ڦيڻن ۽ ڏاڳن تعويذن جو به ذڪر ٿيل آهي. ماهتاب جي ڪهاڻي ” چانديءَ جون تارون “ جي مرڪزي ڪردار راحت جي مٽان جڏهن شادي نه ٿيڻ سبب هسٽريا جا دورا پون ٿا ته حويليءَ جون سڀ عورتون ان بيماريءَ کي ڀوت پريت جو سايو سمجهن ٿيون ۽ ان جا ورهين ڪان رائج علاج به ڏسين ٿيون .

”اڄ شاهه صاحب ڪان تعويذ لکائي ٿي ڏيانس، تون ڪوهه پئي اجايو مٿو هڻين.رئيساڻي ڏجاڻ پاڇائي کي اکيون ڏيکاريندي چيو ۽ پاڇايس هيسجي ماٺ ٿي وئي.

آئي ڪريمت ڏسين ڇا پئي؟ لوبان ڪٽي اڄ ته گهر ۾ دکايون. سُرندي واري کي به گهرايو ته لهرو وڄائي من ڪجهه جهولي ته بدن هلڪو ٿي پئيس.“ 35

سنڌ ۾ تعليم جي گهٽتائي ۽ بيمارين بابت درست ڄاڻ نه هئڻ سبب اڄان به ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ،توڙي درگاهن تي بيمار عورتن، مردن توڙي ٻارڙن جي صحتيابيءَ لاءِ تعويذ لکرايا ويندا آهن يا وري جن ڀوت جو آسيب سمجهي عورت يا مرد کي سرندي جي وڄت تي لهرو هڻايو ويندو آهي ۽ اهو سمجهيو ويندو آهي ته ائين ڪرڻ سان جن ڀوت ڀڄي هليو ويندو. هن نموني جو علاج سنڌ ۾ قديم دور ڪان جاري آهي. سنڌ جي لوڪ ثقافتي ورثي نالي ڪتاب ۾ هن سڄي عمل بابت تفصيل سان ڄاڻايو ويو آهي ته ” عورت کي ويڙهي ويهاريندا(جنهن کي جن ڀوت جو گمان هجي) سُرندن تي لهرو پيو وڄندو، فقير ان جي چوڌاري گول ليڪو ڪڍندو ۽ پڙهڻ شروع ڪندو.عورت تي ڪٽي جو پلاند پيو ڇنڊيندو، اوچتو اوچتو رڪي چوندو هي بادشاهه پير جو ليڪو آهي، ان جي مهابي هن کي ڇڏي ڏي. وري وري پڙهي چوندو، جن هجين ڀوت هجين يا ڪو ٻيو مرض هجين، الله جو سونهن اٿئه، هن کي ڇڏي وڃ . (لهرو تکي لئي سان زور سان وڄڻ لڳندو.“ 36

اهو ته ٿيو ان عورت جي علاج جو طريقو، جنهن ۾ جن ڀوت جي آسيب هجڻ جو گمان هوندو آهي. پر سنڌ جي لوڪ ۾ ثقافتي ورثي جو جائزو وٺڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ماڻهن وٽ قديم زماني کان وٺي هر هڪ بيماري ۾ مسئلي جا پنهنجا پنهنجا علاج ۽ اُپاءَ هئا. چو ته ميڊيڪل سائنس جي ترقي ته اسان وٽ هاڻي ٿي آهي ،قديم زماني کان وٺي سنڌي ماڻهن وٽ جانورن جي بيماريءَ کان وٺي ماڻهن جي بيمارين تائين علاج ڪرڻ جا نرالا طريقا هئا.(اهي ڪجھ ٽوٽڪا اڄ به سنڌ اندر رائج آهن) اڄ زماني ترقي ڪئي آهي ۽ دؤر مٽجي ويو آهي هر هڪ جڳهه تي مرد ڊاڪٽرن سان گڏ عورت ڊاڪٽرياڻيون پڻ اچي ويون آهن جيڪي عورتن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ دوائون وغيره ڏئي انهن جو علاج ڪن ٿيون پر پراڻي زماني ۾ پار نه ٿيڻ کان وٺي وياءَ ٿيڻ تائين ۽ ان کان پوءِ جا معاملا به فقط دائيون ئي سنڀاليندڙيون هيون. اها انهن عورتن جي ڏاهپ ۽ مهارت ئي هئي جو هر گهر ۾ نارمل ۽ عام وياءُ ٿيندو هو ۽ عورت جي آپريشن جي ضرورت نه پوندي هئي.ڪنهن عورت کي اميدواري نه ٿيندي هئي ته اها ئي دائي ڪاڙهو يا سُتي ڏئي ان جو علاج ڪندي هئي. اها سنڌي ماڻهن جي لوڪ ڏاهپ آهي، جنهن ۾ جڙين ٻُوٽين وسيلي علاج جا طريقا ڳوليا ويندا هئا. جيڪي اڄ جي جديد دؤر ۾ به ڪارائتا آهن، ۽ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ استعمال ٿي رهيا آهن. ماهتاب پنهنجي ڪهاڻي ”وارِيءَ سندو ڪوٽ“ ۾ علاج واري ان لوڪ طريقي کي پڻ هڪ دائيءَ جي زباني هن طرح قلمبند ڪيو آهي.جيڪو هينئر گهٽي پاڳي اسان وٽ رواج ۾ ڪونه آهي.

”مائي خير سان شاديءَ کي سال ٿيو آهي،ننهٽي جو اجان پير ڳرو نه ٿيو آهي.ڪا دوا ٻوا نه ٿا ڪرايوس؟مان ته پنهنجي آهيانوَ،ڪهڙا ٽڪا خرچ ايندوَ.ڪو ڪاڙهو ٻاڙهو پياريوس،ڪا سُتي ڦڪي ڏيوس ته عضوا کُلي پونس.“ 37

جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته سنڌي ماڻهن وٽ پراڻي زماني کان وٺي هر هڪ بيماري ۽ تڪليف جا گهريلو ۽ لوڪ علاج رهيا آهن.مٿي جي سور کان وٺي چيلهه جي سور تائين ۽ بري نظر کان بچڻ کان وٺي کنگهه زڪام کان بچاءَ جا ڪيترائي اُپاءَ ۽ طريقا موجود هئا.ماهتاب جي ڪهاڻين ۾ اهڙين ڪيترين ئي تدبيرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.هن بدنظر کان بچڻ ۽ چيلهه جي سور ختم ڪرڻ جا قديم دؤر کان سنڌ ۾ رائج لوڪ طريقن جي پڻ عڪاسي ڪئي آهي.”پير جا چوڏا جي چور تپ، چيلهه جي سور ۽ نظر بد کان بچائڻ لاءِ هئا سي سندس ڳچيءَ ۾ لڙڪندا رهندا هئا.“ 38

سنڌ ۾ اک جي سور کان بچڻ لاءِ قديم زماني کان ماکيءَ جو پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي جنهن جو ذڪر پڻ سندس ڪهاڻي ”مهٽي مونکي“ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.ساڳي ئي ڪهاڻيءَ ۾ هن ڪاري علم،جادو ۽ زمين ۾ ٻوتن پورڻ جي پڻ ڳالهه ڪئي آهي ،جنهن طريقي سان ڪنهن به مرد يا عورت کي بيمار يا ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي.مطلب ته ماهتاب پنهنجي ڪهاڻين ۾ قديم زماني کان رائج ڏاڳن ڦيڻن،ٽوٽڻ ۽ بيمارين جي علاج جي نمونن کي پڻ قلمبند ڪيو آهي ۽ ڪهاڻين جي ڪردارن ذريعي علاج جي انهن نمونن کي تاريخ جي طرز تي محفوظ ڪيو آهي.

مهتاب محبوب پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار ۽ حقيقي موضوع ڪم آندا آهن. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جو سچو پچو چِٽُ چِٽيو آهي.سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي جي طور طريقن ،مهمانن سان پيش اچڻ جي نمونن ۽ اوڙي پاڙي ۾ رهڻ جي رائج اصولن جي پڻ عڪاسي ڪئي وئي آهي.مرڻي پرڻي جي موقعن تي مٽن مائٽن يا اوڙي پاڙي سان اٿڻ ويهڻ سنڌي ماڻهن جي قديم رواجن ۾ شامل رهيو آهي. سنڌي ماڻهو مٽ مائٽ يا پاڙي واري جي موت تي نه صرف ان جي پونئيرن سان گهر وڃي ڏک جو اظهار ڪندا آهن پر عام طور تي تڏي تي آيل ماڻهن جي لاءِ ويلو ڪرڻ ،مري ويل جي گهر ماني موڪلڻ يا وري مدد لاءِ پيسا ڏيڻ جهڙا

ڪم پڻ ڪندا آهن، اهي ڪم سنڌ جو املهه ثقافتي ورثو آهن. انهن عملن سان نه صرف فوتيءَ جي وارثن جو ڏک ۽ تڪليف گهٽجي ٿو پر انهن کي هڪ قسم جي مدد پڻ ملي ٿي.ماهتاب پنهنجي ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ ان رواج جي عڪسبندي ڪئي آهي. لڳ ڀڳ ساڳيو ئي طريقو وري شادي مراديءَ جي ڏينهن ۾ ڪم آندو ويندو آهي ۽ پري پري جا مائٽ شاديءَ جي موقعي تي اچي گڏ ٿيندا آهن ۽ سهرن ڳائڻ کان وٺي دعوت ڪرڻ جي خفن تائين شادي جي سيني ڪمن ۾ برابر جو حصو وٺندا آهن. اهو ته ٿيو مرڻي پرڻي جو معاملو، پر ڪنهن گهر ۾ جيڪڏهن ڪو ٻار ڄمندو آهي ته مٽ مائٽ ۽ اوڙي پاڙي جون عورتون ان گهر ۾ وڃي مبارڪباد پيش ڪنديون آهن يا وري مٺائي موڪلينديون آهن. ماهتاب جي ڪهاڻي '' بک جا چڪ '' ۾ ان رسم جو احوال هن ريت ڏنو ويو آهي.

''زليخان پرت واري پوش سان ڍڪيل مٺائيءَ جو تشت کيس ڏيندي چيو '' ڇئجانس ته جيجي سائڻ جهجها سلام ۽ پاڪر چيا اٿئي، هيءَ پوٽي جي ڄمڻ جي مٺائي اٿئي.'' 39

ڪهاڻي جي مٿين ٽڪري مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ماڻهو اوڙي پاڙي ۾ ٻار ڄمڻ تي هڪٻئي ڏانهن خوشيءَ جي مٺائي پڻ موڪليندا آهن.مٿين ٽڪري مان اها ڳالهه پڻ معلوم ٿئي ٿي ته سنڌي ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن ڏانهن مٺائي وغيره يا وري ماني موڪليندا آهن ته ان مٿان پرت پريل رومال رکندا آهن.پرت جو ڪم سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ سان تعلق رکي ٿو ۽ اهو فن سنڌ ۾ قديم دؤر کان موجود آهي. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ پرت پريل رون ۽ ڪپڙن جو پڻ ذڪر ٿيل آهي.اهڙي طرح سنڌ ۾ ٻار جي ڇٽي جي رسم پڻ ٿيندي آهي جنهن جو ذڪر پڻ ماهتاب جي ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ ملي ٿو.اها روايت پڻ سنڌ جي لوڪ روايتي رسمن ۾ شمار ٿئي ٿي.

پاڙي پتيءَ جو خيال رکڻ، پاڙيسرين جي سار سنڀال ڪرڻ، رحم دلي سان پيش اچڻ، اهي سڀ گڻ سنڌي ثقافت جا اهم جز رهيا آهن. ماهتاب محبوب جي ڪهاڻين مان انهن پهلوئن جي پڻ چڱي طرح معلومات ملي ٿي ته سنڌ جا ماڻهو هر ڏک سک، غم ڪِل خوشي ۾ هڪ ٻئي کي ضرور ياد ڪندا آهن.

حاصل مطلب ته ماهتاب محبوب پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي سچي پچي تصوير پيش ڪندي سندس ثقافتي لباس، ريتن رسمن، وهمن، بيمارين جي لوڪ علاجن، سنڌ ۾ مروج زيورن، شادي مراداي ۽ مرڻي پرڻي جي ريتن رسمن جي عڪاسي ڪئي آهي. تنهن ڪري کيس سنڌي ثقافت جي مهندار ڪهاڻيڪار پڻ چئجي سگهجي ٿو.

. نسيم کرل:

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نسيم کرل جو تمام وڏو نالو ۽ مقام آهي.''نسيم کرل ولد حاجي عبدالڪريم کرل 29 جون 1939ع تي کرل ڳوٺ ،تعلقي گمبٽ ضلعي خيرپور ميرس ۾ ڄائو. بي اي ،ايل ايل بي تائين تعليم حاصل ڪيائين. پاڻ وڏو ڪهاڻيڪار هو. سندس ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ ''شبنم شبنم، ڪنول ڪنول'' ، چوٽيهون در'' ۽ ''ٻمي'' وغيره مشهور آهن.'' 40

نسيم کرل جيتوڻيڪ پنهنجي عمر جا چاليهه سال به پورا نه ڪيا ۽ ان کان اڳ ئي کيس قتل ڪيو ويو پر ان ٿورڙي عمر ۾ هن جيڪي ڪهاڻيون لکيون سي سنڌي ادب ۾شاهڪار جي حيثيت رکن ٿيون.سندس ڪهاڻين کي ماحول جي حساب سان ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، هڪ شهري ماحول تي لکيل ڪهاڻيون ۽ ٻيو نج ٻهراڙين جي ماحول تي لکيل ڪهاڻيون.شهري ماحول تي لکيل سندس ڪهاڻين ۾

شهري سماج جا معاملا مسئلا، انهن جون شهري ريتون رسمون ، ولايتي فيشن ۽ لباس،مٿين ڪلاس جي زندگي ،انهن جا طور طريقا ۽ اُٿڻي ويهڻي ڏيکاري وئي آهي. پر ڀهراڙيءَ جي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻين ۾ نج ٻهج سنڌي سماج جي عڪاسي ڪئي اٿائين.جن ۾ نج سنڌي معاملن مسئلن کي موضوع بڻائي وڏيرن ،ڪمدارن ،هارين نارين،وڪيلن،چورن ، ڌاڙيلن ۽ پوليس وارن جي ڪردارن کي سامهون آندو اٿائين.نسيم پنهنجي ڪيترين ئي ڪهاڻين سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي،اٿڻ ويهڻ جي طور طريقن ۽ ريتن رواجن کي پيش ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ مهمان نوازي،سچائي ، مان مريادا،اوڙي پاڙي ۽ ننگ ناموس جي عزت جهڙن ڪيترن ئي گڻن کي سامهون آندو آهي، جيڪي گڻ قديم زماني کان وٺي سنڌي ماڻهن جي ميراث رهيا آهن.

مهمان نوازي سنڌ جي ثقافت جو اهم ٿنڀ رهيو آهي. سنڌي ماڻهو مهمان کي مان ڏيڻ مذهبي فريضو سمجهندا رهيا آهن. مهمان هڪ هجي يا ويهه،آڏي هجي يا مانجهي ، آيل مهمان جي هوند آهر خدمت ڪرڻ هر سنڌي پنهنجو فرض سمجهندو آهي ۽ ان ۾ ڪنهن به قسم جي آني بَهاني نه ڪندو آهي. نسيم پنهنجي ڪهاڻي ” پهرين مراد “ ۾ سنڌي ماڻهن جي مهمان نوازيءَ واري روپ ۽ انداز کي هڪ ڪردار جي زباني هن طرح قلمبند ڪيو آهي. ” ان ڏينهن تون جوئڙيءَ کي پيڪا گهمائڻ وٺي ويو هئين جو سنجر خان ڏهاڪو کن مهاندا وٺي اچي مزمان ٿيو. مان ست بسملاهيون ڪري مزمانن جي آجيان ڪئي.ڪونرو ڪٽي مزمانن جا هٿ پير ڌوئاريم، ساڻن حالي احوالي ٿيم. پيون ته لک خذمتان ٿيون پر کير جي پاڻ وٽ ٻاڙائي ، سو ڪٿان پوري ڪيان؟ خير مان ويهارو کن ڏُنگ مانين جا پچرائي ، ان مشڪ (مينهن جو نالو) جو کير کٽي وجي سندس اڳيان رکيو.“ 41

ڪهاڻيءَ جي مٿين ٽڪري مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ماڻهو در تي آيل مهمانن کي مان ڏئي انهن جا هٿ پير ڌوئاريندا آهن ۽ گهر ۾ جيڪو ڪجهه هوندو اٿن سو مهمانن آڏو پيش ڪندا آهن.مهمانن کي ماني کارائي کين کير يا ڪو ٻيو مشروب پياري سرها ٿيندا آهن ۽ ساڻن حالي احوالي ٿيندا آهن ، انهن کان پنهنجي ،ٻچن ٻارن جي اوڙي پاڙي جون خبرون پڇندا آهن . هڪ ٻئي سان ڏک سور ونڊيندا آهن . جيڪڏهن ڪنهن سان ڪو مسئلو مونجهارو هوندو آهي ته پاڻ ۾ هم صلاحي ٿيندا آهن ، جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هوندي آهي ته هڪ ٻئي جي مدد ڪندا آهن. ڪهاڻي ” مٺي مراد “ ۾ ڪچهري ڪرڻ کان وٺي مدد ڪرڻ تائين سڀني ڳالهين جو ذڪر ٿيل آهي.اوطاق کي سنڌي ماڻهن جي ڪچهرين جو مرڪز سمجهيو ويندو آهي ،جتي هر ننڍو وڏو اچي ڪچهري ۾ شريڪ ٿيندو آهي. زماني جا معاملا مسئلا، ڏک سور ،مرڻي پرڻي جون خبرون،پوک پڙن ۽ ڍڳن ڍورن جو ذڪر به گهڻو ڪري اتي ئي ٿيندو آهي. ڪهاڻي ”گذريل واردات“ ۾ ليکڪ هڪ اوطاق جو نقشو هن طرح چٽيو آهي. ”سندس وڏي اوطاق جنهن کي هن ڪچهرين لاءِ وڏي شوق سان ٺهرايو هو ۽ جنهن ۾ پنهنجي لاءِ هڪ وڏي آرام ڪرسي ۽ ملاقاتين لاءِ به ڊزن کن موڙا پيا هوندا هئا.“ 42

مٿين ٽڪري مان سنڌ جي اوطاق جو هلڪو نقشو سامهون اچي ٿو ته اها جاءِ عام طور تي ڪچهرين جي لاءِ شوق سان ٺهرائي ويندي آهي. هر ڪوئي ماڻهو پنهنجي وت ۽ وس آهر پنهنجي گهرن کان پَرڀرو اوطاق ضرور ٺهرائيندو آهي. وڏا ۽ امير ماڻهو وڏو خرچ ڪري عاليشان اوطاق ٺهرائيندا آهن باقي غريب غربو ڪکن ڪانن جي ئي سهي پر اوطاق ضرور ٺهرائيندو آهي ۽ انهن ۾ ويهڻ جي لاءِ موڙا يا وري کٽون رکائيندو آهي. عام طور تي انهن کٽن تي رلِيءَ جا پڙ وچايل هوندا آهن. پنهنجي وَس آهَرَ هنڌ، وهاڻا، رکيل هوندا، مٽ دلو پاڻي لاءِ ضرور هوندو جيئن آيل لاءِ ڪم اچي سگهي ۽ مسافر به پنهنجي اُجَ اجهائي سگهي. اوطاق سنڌي ثقافت ۽ ڪلچر جو اهم حصو آهي. جتي ڳوٺ ۾ ڪچهري به ٿئي ٿي ته شادي مرادي مرڻي، پرڻي به ڪم اچي. سنڌ جون اوطاقون سنڌي ثقافت جو مرڪز رهيون آهن.

نسيم پنهنجي ڪهاڻين جي موضوعن،ڪردارن ، نج ٻولي ۽ اصطلاحن توڙي محاورن جي ڪري نه صرف سنڌ پر هندوستان جي سنڌي ادبي حلقي ۾ پڻ اوترو ئي مقبول آهي.هن جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي سچي سماجي زندگيءَ جي تصوير سامهون اچي وڃي ٿي. سندس ڪهاڻين تي تبصرو ڪندي هندوستان جو مشهور سنڌي نقاد هيرو شيوڪاڻي لکي ٿو ”نسيم کرل جون ڪهاڻيون ،اهڙا ته مرمري مڪمل ماڊل آهن، جنهن ۾ ان وقت جي سنڌ جي روان دوان زندگيءَ_ ڳوٺن ،واهڻن ۽ ٻنين، شهرن ۽ مها نگرن جي ولولي خيز حياتي ، سنڌ ڌرتي جي تهذيبي ۽ تمدني سُڳنڌ ، قربت، غربت ،ظلمتون ۽ اُرهه زورايون وغيره ، سڀ انساني جذبي ۽ احساس جي فنائتن چهاءَ سان ،جن ۾ جيون جو سمورو ساهه پراڻ به ڌڙڪندڙ ملي ٿو .“ 43

نسيم پنهنجي ڪهاڻين ۾ نه صرف سنڌي ماڻهن جي ڳوٺن، واهڻن ۽ گهرن جو نقشو چٽيو آهي پر ان سان گڏ سنڌن ريتون رسمون ۽ آدرڀاءُ ڪرڻ جا انداز پڻ بيان ڪيا آهن. هن درياءَ جي لٽ ۾ لٿيل سنڌ جي زمين جي زرخيزيءَ کي پڻ گهڻو ساراهيو آهي،ڪڙمين جي زندگي ، انهن جو لاب ڪرڻ ، ربيع توڙي خريف جا فصل مطلب ته هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو شايد ئي ڪو پاسو ڇڏيو هجي. ٻيو ته ٺهيو پر ماڻهو پراڻي زماني ۾ گرمي کان بچڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ وٺندا هئا ۽ سردين ۾ سندن وهنوار ڪهڙو هوندو هو ، اهو پڻ هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو آهي.سندس ڪهاڻي ”زر ۽ زور“ ۾ سنڌي ماڻهن جي ان ديسي طريقي جو ذڪر ڪيو اٿائين جيڪو گرمين ۾ ايئرڪنڊيشنر ۽ سردين ۾ هيٽر جيترو لاڀائتو هو . اهو طريقو هن ريت آهي ” حويلي ۽ ان جي شاهي ڪوٺ جي پرپرو تي لئي اوطاق ۾ جيڪا سانوڻ ۾ ڪانديرن جي ڦوهارن ۽ هر وقت جي ڇٽڪار سبب ٿڌي بهشت ۽ سياري ۾ ڪٺن جي وچ ۾ وڏي مچ سبب گرم لڳي پئي هوندي هئي.جنهن ۾ وڏيري جي بلگاري حقي مان نڪتل ٿڌو دونهون چانيل هوندو هو.“ 44

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ماڻهو اوطاقن ۾ يا گهرن ۾ گرميءَ کان بچڻ لاءِ ڪانديرن جو ڍير رکائي ڇڏيندا هئا ۽ انهن مٿان ٿڌي پاڻيءَ جو ڇٽڪار ڪري آسي پاسي ۾ به ڇٽڪار ڪندا هئا ان سان ايندڙ گرم هوا جڏهن پاڻي لڳل ڪانديرن مان گذرندي هئي ته اها ٿڌي ٿي ماڻهن جي لاءِ فرحت جو ڪارڻ بڻجندي هئي.ساڳي طرح جڏهن گهڻو سيءُ پوندو هو ته ماڻهو پنهنجي ڪٺن پرسان ڪانديرن جو مچ ٻاري ،ٿڌ کان بچاءُ ڪندا هئا. سنڌ ۾ اوطاق ۾ مچ ٻاري ڪچهري ڪرڻ جو طريقو پراڻي دؤر کان رائج آهي جيڪو اجان تائين گهڻين ئي ڳوٺن ۾ هلندڙ آهي.

نسيم پنهنجي ڪهاڻي ”زماني جي گردش“ ۾ سنڌ جي مندن موسمن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ اهو ٻڌايو آهي ته ٻهراڙيءَ جا ماڻهو خريف جي فصل ڪٽڻ ۽ سياري جي پهرين هوا لڳڻ سان ئي جتي ڪٿي شادين ۽ وهانون جي تياريءَ ۾ لڳي ويندا آهن.ان ئي ڪهاڻي ۾ ليڪ هڪ وهانءَ جو نقشو چٽيو آهي جتي مهمانن جي اچڻ ۽ ترسڻ لاءِ لانيون ٺهرايون ويون آهن،مهمانن جي ويهڻ لاءِ فرش تي عمدا عمدا غاليچا وڇرايا ويا آهن،راڳ رنگ جي محفل جو ذڪر ڪيو ويو آهي.سندس هڪ ٻي ڪهاڻي ” ڪوڙڪيون“ ۾ شاديءَ ۾ سداگلاب چانورن،ڦنبرن ۽ حلواڻ ڪسڻ جو ڳالهه ڪئي وئي آهي،جن جو اهتمام مهمانن کي کارائڻ لاءِ ڪيو ويندو هو.چو ته سنڌ ۾ جڏهن به ڪا شادي ٿيندي آهي ته همراه پل جا مسڪين چو نه هجي پر مٿن مائٽن ۽ اوڙي پاڙي وارن لاءِ دعوت جو انتظام ضرور ڪندو آهي ۽ پلي کان پلا چانور چاڙاهي ، جانورن يا ڦنبرون ڪهرائي مهمانن کي کارائيندو آهي. موٽ ۾ اهي پڻ ڪيس پئسن جي صورت ۾ جهجهي مبارڪي ڏيندا آهن جنهن سان شادي وهانءَ تي ٿيل خرچ به لهي ويندو آهي ته ڪيس ڪجهه پئسا پڻ بچي پوندا آهن.

نسيم پنهنجي ڪهاڻي ”زر ۽ زور “۾ ميت کي دفنائڻ جي طريقي کي پڻ قلمبند ڪيو آهي جيڪو سنڌ ۾ صدين کان وٺي رائج آهي. ” جڏهن سج مٿي چڙهيو تڏهن ميت کي ٻاهر آندو ويو جتي به قرآن بخشائڻ کان پوءِ وڏي پٽ عبدالمجيد کان اجازت وٺڻ بعد جنازي نماز پڙهائي وئي. لحد ۾ لاهڻ کان اڳ ملان آخري ڀيرو ڪفن سوري منهن ڏيکاريو ته هر ڪنهن ڏٺو ته شمع وانگر ٻري رهيو هو.“ 45

ميت کي قرآن بخشائڻ جي رسم سنڌ ۾ عام جام آهي ،جيڪا هڪ لحاظ کان مذهبي رسم آهي.مردي کي قرآن بخشائڻ سان اهو عقيدو رکيو ويندو آهي ته ان سان قبر ۾ سندس آساني ۽ مغفرت ٿيندي. اهڙي طرح ميت کي لحد ۾ لاهڻ کان اڳ سيني ماڻهن کي ميت جو آخري ڀيرو منهن ڏيکاريو ويندو آهي جنهن کي آخري ديدار پڻ چيو ويندو آهي.

ان کان سواءِ نسيم پنهنجي ڪهاڻين ۾ نج سنڌي زيورن، ڳهه ڳٺن جهڙوڪ بولڙي ۽ نٿ ،پٽڪي،ٽوپي،گهوڙن جي قسمن، گاڏين جي نمونن، زريءَ جي ٺهيل سنجن،ڪنوار جي ستاوڙي،شاديءَ ۾ شرنائين،نار ۾ ٻڌل ڏاندن،ختمن خيراتن،فوتگي کان پوءِ عذرخواهيءَ جي طريقي ۽ ٻين ڪافي اهڙين رسمن ۽ شين جو ذڪر ڪيو آهي جن جو سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ سان لاڳاپو آهي. حاصل مطلب ته نسيم کرل پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ثقافت جي تمام گهڻي عڪاسي ڪئي آهي.

. نجم عباسي:

سنڌي ڪهاڻيڪارن جي ڊگهي قافلي ۾ نجم عباسي کي نرالي ۽ منفرد حيثيت حاصل آهي. نجم عباسي سنڌ جو اهو واحد ليکڪ آهي جنهن ورهاڱي کان اڳ لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ 90 واري ڏهاڪي تائين بنا ٿڪاوٽ جي لکندو رهيو.سندس جنم ضلعي نوشهري فيروز جي هڪ ڳوٺ خانواهڻ ۾ 18 آڪٽوبر 1927ع تي ٿيو. پيشي جي لحاظ کان هو هڪ ڊاڪٽر هو.سندس پهرين ڪهاڻي همت ۽ ڪوشش جي نالي سان 1944ع ۾ شايع ٿي، جنهن کان پوءِ هو عمر جي آخري دؤر تائين لکندو رهيو. سندس ڪهاڻين جي ڪتابن ۾ ”طوفان جي تمنا“ ، ”پٿر تي ليڪو“ ، ”جيڪي منهنجي من ۾ آهي“ ، ”ناچڻي “ ، ”ايڏو سور سهي“، ”رشتا ناتا“ ، ”سورج هوندي مرجهايل“، ”للڪار “ ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب اچي وڃن ٿا. هن ڪهاڻين سوڌو ناول جي صنف تي پڻ طبع آزمائي ڪئي. ان کان سواءِ سندس مضمونن،تنقيد،ڊائري،خطن ۽ انٽرويوز ۽ ترجمي جا پڻ ڪتاب ڇپيل آهن. سندس ڪهاڻين ۾ قومپرستي جو رجحان گهڻو تڻو ملي ٿو. سندس ڇپيل ڪتابن جو تعداد 27 آهي. سنڌ جي هن ارڏي ليکڪ 25 آڪٽوبر 1995ع تي وفات ڪئي.

نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون فڪري طور ڪافي سگهاريون آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار سماج مان ئي ورتل آهن، جن جا پنهنجا خواب ،آدرش ۽ پنهنجا ڏک سور آهن. سندس ڪهاڻين بابت رايو ڏيندي مختيار ملاح لکي ٿو ته ” نجم عباسي هر موضوع تي دل کولي لکيو ،جن ۾ قومي ،طبقاتي،سائنسي، وهم پرستي، غلط مذهبي عقيدا، سنڌيت، ٻولي، ثقافت، تاريخ جي اهميت، بين الاقواميت، انقلابيت، طبقاتي جدوجهد، جاگيرداري ۽ سرمائيداري سرشتا، نسلي قدر وغيره سندس محبوب موضوع آهن.“ 46

نجم عباسي سنڌ ۾ موجود وهم پرستي يا پير پرستي بابت دل کولي لکيو آهي. ان ڏس ۾ سندس ڪهاڻي ” چوڏو“ هڪ بهترين ڪهاڻي آهي ،جنهن ۾ هن ڏيکاريو آهي ته ڪيئن ٻهراڙيءَ جي ماڻهن ۾ بيمارين جي سائنسي علاج بدران ڏاڳن، ڦيڻن ۽ وٽن جي چوڏن ۾ شفايابيءَ جو يقين رکيل آهي.ڪهاڻيڪار هڪ راويءَ ۽ ڪردار جي روپ ۾ ٻڌائي ٿو ” اسان جي ڳوٺ جا رهاڪو پير سباجهي جي ڪنڊيءَ جو چوڏو اڪثر استعمال ڪندا رهندا هئا.هر بيماريءَ جو ان کي يڪ ٽڪ علاج سمجهيو ويندو هو.جڏهن ڪا دوا اثر نه ڪندي هئي ،تڏهن ماڻهو ان ڪنڊيءَ جو چوڏو ڳاڙهي اڳڙيءَ ۾ ويڙهي ،تعويذ وانگر ٻانهن ۾ ٻڌندا هئا.ڪي ته دوا اصل ڪندا ئي ڪو نه هئا، ۽ بيمار ٿيڻ شرط چوڏو ٻڌندا هئا.“ 47

نجم عباسي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻهراڙيءَ جي سادن سودن ماڻهن ،انهن جي رواجن، اُٺڻ ويهڻ، ۽ وهمن وسوسن کي قلمبند ڪري پڙهندڙن آڏو آندو آهي.هن ٻهراڙين جي پورهيتن ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کان وٺي جاري ڪرت ۽ ڌنڌن کي پڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي.ڪنڀارڪو ڪم (مٽيءَ مان دلا ۽ ٿيا ٿانوَ ٺاهڻ) سنڌ جي ثقافت جي انتهائي قديم علامت طور سڃاتو ويندو آهي. هينئر دؤر مٽجي وڃڻ ڪري توڙي جو ٺڪر جي ٿانوَن جي ڪجهه اهميت گهٽ ٿي آهي،پر موهن جي دڙي کان وٺي ويجهي ماضيءَ واري دؤر تائين سنڌ ۾ ٺڪر جي ٿانوَن جي گهڻي افاديت رهي آهي ۽ رڌ پچاءَ کان وٺي کائڻ پيئڻ تائين گهرن توڙي اوطاقن ۾ انهن ئي ٿانوَن جو استعمال ٿيندو هو.اڄ کان چاليهه پنجاهه سال پوئتي وڃجي ته اسان کي سنڌ جي سون ڳوٺن ۾ هزارين اهڙا پورهيت ۽ انهن جون ٻئيون ملنديون جتي ٺڪر جا ٿانوَ وڏي مهارت سان ٺاهيا ويندا هئا.جيڪي مٽيءَ کي ڳوهي ان کي چڪ تي چاڙهڻ، ان کي شڪل ڏيڻ ۽ پوءِ وري ان کي آويءَ ۾ پچائڻ هڪ ڏکيو فن آهي، ٺڪر جي ٿانون تي چٽسالي ۽ گلڪاري وري اڃان هڪ الڳ فن آهي جيڪو سنڌي ماڻهن کي قديم زماني کان وٺي ورثي ۾ مليل آهي.

نجم عباسي پنهنجي ڪهاڻي ” لطيفان “ ۾ انهي ڪنڀارڪي ڪرت جو ذڪر ڪيو آهي، نه صرف ايترو پر هن ماڻهن کي اوڌر تي ٿانوَ ڏيڻ واري ان لوڪ طريقي جو پڻ ذڪر ڪيو آهي جنهن کي ”آهت“ چيو ويندو آهي،اهو ”آهت“ وارو طريقو ڪنڀارڪي توڙي لوهارڪي ۽ ٻين ڪن ڌنڌن ۾ ڪم ايندو آهي. ان ۾ ماڻهو ڪنڀر کان مٽيءَ جا ٿانوَ وٺندو ويندو آهي يا لوهار کان ڪوڏر ۽ ڏاٽن جو ڪم ڪرائيندو آهي ۽ ڇهين مهيني ان جي ٻوري ڏيڍ ڏئي حساب چُڪتو ڪندو آهي.نجم عباسي ان ڪرت ۽ طريقي جو ذڪر هن نموني ڪيو آهي ”هو پيڙهين کان حيدرآباد کان ڏهن ميلن جي پنڌ تي هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. لطيفان جو پيءُ ابن ڏاڏن وارو ڪنڀارڪو ڌنڌو ڪندو هو . آويءَ ۾ مٽيءَ جا ٿانوَ پچائيندو هو،ڪن ڳوٺاڻن کي آهت تي ڏيندو هو. ته جي فصل لهڻ تي ڳوڻ اڌ اَنُ ڏيندا هئا. “ 48

ٻهراڙين ۾ رهندڙ ماڻهن وٽ هر وقت پئسو پائي ته هوندو ڪونهي ،تنهن ڪري اهي لوهارن ۽ ڪنڀارن سان آهت جو سلسلو رکندا آهن ۽ فصل لهڻ وقت کين اَنُ ڏئي حساب چُڪائيندا آهن . ان سان ڪنڀارن ۽ لوهارن کي به پنجن ڇهن مهينن جي لاءِ گهر جي لاءِ اٽو چانور نصيب ٿيندا آهن.

نجم عباسي جتي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي قديم هنرن ۽ ڌنڌن جو ذڪر ڪيو آهي،اتي هن سنڌي ماڻهن جي اخلاقي ۽ انساني قدرن جهڙوڪ ڌرتيءَ سان عشق،مهمان نوازي،رواداري ۽ انساني برابري جهڙن گُڻن کي پڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ شامل رکيو آهي.سندس ڪهاڻين جا ڪردار سنڌي سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن،تنهن ڪري انهن جي اُٿڻي ويهڻي، لباس ، ڳالهه ٻولهه جو انداز،ريتون رسمون، وهم وسوسا ،سهج سڀاءُ ۽ ساڳ سنوڻ بلڪل اهڙا ئي آهن جيڪي صدين کان سنڌ ڌرتيءَ تي رائج آهن. سنڌي سماج بنيادي طور ڪيترن ئي طبقن ۾ ورهايل آهي تنهن ڪري هر هڪ طبقي جي ماڻهن جي زندگيءَ جو پنهنجو پنهنجو نمونو آهي،پر ثقافتي طور اهي هڪ ئي لڙيءَ ۾ پويل آهن. نجم عباسي پنهنجي هڪ ڪهاڻي ۾ سنڌي ماڻهن(اميرن توڙي غريبن) جي گهرن جي طرز يا نموني کي هن نموني بيان ڪيو آهي ”پارس ۽ پدمڻي سکر ضلعي جي هڪ ئي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا ۽ پليا هئا. هنن جا گهر گڏوگڏ هئا.پدمڻيءَ جو پيءُ واپاري هو ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪاروبار ڪندو هو.هنن جي جاءِ پڪي ڳاڙهي ماڙي هئي ۽ سامان سان ڀريل. پارس جو پيءِ ڪبڙ خان ڍڪ منشي هو،هنن جي جڳهه ڪچين سرن واري هئي.“ 49

نجم عباسي جي ڪهاڻيءَ جي مٿئين ٽُڪري مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي ماڻهن جون جايون سندس حيثيت مطابق هونديون آهن. هن مان سنڌ ۾ تعمير ٿيندڙ گهرن جي نمونن بابت پڻ ڄاڻ ملي ٿي. سنڌ ۾ امير ماڻهو شوق وچان پنهنجي رهڻ لاءِ ماڙيون ٺهرائيندا هئا ۽ اهي ماڙيون فن تعمير جي حساب سان ڏاڍيون وڻندڙ هونديون هيون.سنڌ جا ڪيترائي شهر ته رڳو صرف انهن ماڙين جي ڪري مشهور هئا. ڪهاڻيءَ

جي مٿئين ٽڪري مان اسان کي هڪ ٻي ڳالهه پڻ ملي ٿي ته سنڌي ماڻهو ايترا ته محنتي ۽ اورچ هئا جو انهن جو گهر ڀلي اُتر سنڌ ۾ هوندو هو پر اهي وس آهر ڪاروبار ڪراچيءَ ۾ ئي ڪندا هئا.ان مان اسان کي سنڌي ماڻهن جي ڪاروباري دلچسپي ۽ مهارت جي معلومات ملي ٿي.نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين ۾ اسان کي ڏياري ، عيد ۽ ٻين ڏڻن جيو پڻ ذڪر ملي ٿو.سندس ڪهاڻي ۾ هڪ ڪردار زباني بيان ٿيل آهي ته ڏياري جي ڏينهن اچڻ سان هر گهر ۾ خوشي اچي ويندي هئي ۽ ماڻهو هندو مسلم فرق ڪان سواءِ هڪٻئي ڏانهن مٺايون موڪليندا هئا.عورتون ٻارن کي سرنهن جي تيل سان ڏيئا ٻاري ڏينديون هيون جيڪي هو مسجد ۾ پڻ رکي ايندا هئا.سڄو ڳوٺ ڏيئن جي روشني سبب روشن ٿي ويندو هو.

سنڌ ۾ پٽ ڄمڻ جي خوشيءَ ۾ عام طور ننڍا وڏا جشن رچايا ويندا آهن،هر ڪوئي ماڻهو پنهنجي حيثيت آهر دعوت جو بندوبست ڪندو آهي.. ڇو ته پٽ کي نسل جو وارث ۽ پوڙاهپ جو آسرو سمجهيو ويندو آهي. پٽ جي نالي رکڻ واري رسم ۽ دعوت کي ڇٽي سڏيو ويندو آهي. اها رسم پراڻي دؤر کان سنڌ ۾ هلندي اچي ، نجم عباسي پنهنجي ڪهاڻي ” وڏيري جو وارث“ ۾ ان ڇٽي واري رسم جو نقشو هن طرح چٽيو آهي. ” دهلن ۽ شرناين جو شور فضا ۾ گونجي رهيو هو. ميهر خان بينون وڃائي رهيو هو، ۽ ٻه چار جوڳي مُرلين مان سُر ڪڍي رهيا هئا.ناچڻيون به گهُرايون ويون هيون ۽ ملاکڙي جو بندوبست پڻ هو.وڏيري جي اوطاق تي دعوت عام هئي.سخاوت ۾ آمريڪا وارو ڏيکاءُ پئي ڏنائين. خوب خير خيراتون ڏئي رهيو هو.“50

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ پٽ جي ڄمڻ تي انتهائي خوشي ملهائي ويندي آهي ۽ امير هجي توڙي غريب پٽ تي نالي رکڻ واري ڏينهن باقاعده دعوت ڪئي ويندي آهي.مٽ مائٽن ۽ دوستن احبابن کي گهرائي کين عزت بخشي ويندي آهي ،امير ماڻهو وري اهڙين موقعن تي دهل ۽ شرنائين وارا مڱڻهار پڻ گهُرائيندا آهن ،جنهن سان خوشيءَ جو مزو ٻيڻو ٿي ويندو آهي.

حاصل مطلب ته نجم عباسيءَ پنهنجي ڪهاڻين ذريعي سنڌ جي ريتن رسمن ۽ روجن جي عڪاسي ڪئي.هن سنڌ جي ثقافت جي معاون جزن کي پنهنجي ڪهاڻين ذريعي پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪهاڻين ۾ اسان کي سنڌ جي قديم ڏڻن،ماڻهن جي وهمن ،بيمارين ۽ بيمارين جي علاج لاءِ لوڪ طريقن،مرڻي پرڻي جي ريتن رسمن جو به ذڪر ملي ٿو.
. محمد صديق منگيو:

محمد صديق منگيو 4 جنوري 1954ع تي سڪرنڊ جي ڳوٺ ڇتن شاهه ۾ پيدا ٿيو جتي هن پنهنجو ننڍپڻ گذاريو. هو موجوده دؤر جي سنڌي ڪهاڻيڪارن ۾ پنهنجي نج نبار ٻولي، ڪردارن ۽ موضوع جي چونڊ سبب هڪ نمايان حيثيت رکي ٿو. هن وقت تائين سندس ڪهاڻين جا ٽي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ، جيڪي هن ريت آهن . ”پکين جو وطن “ ، ”وجود جا عذاب “ ۽ ”مٽيءَ جو عشق“ . صديق منگئي جي لکڻ جو پنهنجو انداز آهي .”سندس ڪهاڻيون سماجي حقيقت نگاريءَ تي آڌاريل هونديون آهن. جن ۾ سياسي، قومي، معاشي ۽ سماجي مسئلا ڏٺل هوندا آهن.“ 51
صديق پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماج جي نه قبولڻ جهڙين حقيقتن کي سامهون آندو آهي. هن جا ڪردار معاشري مان ئي ورتل آهن. هن پنهنجو ننڍپڻ ڪچي جي پر واري ڳوٺن ۾ گذاريو آهي تنهن ڪري سندس ڪهاڻين ۾ ان ٻوليءَ جا رنگ ڏسي سگهجن ٿا. سندس ڪهاڻيون سنڌ جي ڳوٺن ۽ ننڍن توڙي وڏن شهرن جون ڪهاڻيون آهن جن ۾ هن سماج ۾ ٿيندڙ واقعن، وحشتن ۽ ڏکن سکن کي موضوع بڻايو آهي. هن جو ٿر سان جيتوڻيڪ ڪو خاص تعلق ڪو نه آهي پر پوءِ به هن ٿر جي ماروئڙن تي، انهن جي ڏک ۾ وڪوڙيل

زندگين تي ڪهاڻيون لکيون آهن، جنهن ۾ هن اتان جي ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي، ريتن رسمن، راندين ،جهمرين ، ناچن، اتان جي وڻن ، سائيڪن کوهن، چنگ چوڙن ۽ ٻين ڪيترين ئي شين کي قلمبند ڪيو آهي.

محمد صديق منگئي جي ڪهاڻي ”چرڪ چنائين هيڪڙي“ ٿر جي ذڪار ۽ ٿري ماڻهن جي ٻراجي علائقي ڏانهن لڏپلاڻ واري پسمنظر ۾ لکيل آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سڪار ۽ ڏڪار ٻنهي حالتن جو ذڪر ڪيل آهي. سڪار ويل ٿر ڪيئن نظر ايندو آهي تنهن جو عڪس ڪهاڻيءَ جي هيٺين ٽُڪري ۾ ملي ٿو . ”وسڪاري ۾ ٿر ڪيڏو نه حسين هوندو آهي، جنهن ماٿريءَ تي هن جا پيرا هئا، اتي ٿليون وچائيندڙ مال جو وٿاڻ هو.پتل جا چمڪندڙ چوڙا (چونريون) ڪٽي آيل ڏوجهارين جا ٽهڪن پريل ميڙا هئا.ڳوٺ جي ويل ۾ وراند ويل يا چانڊوڪيءَ رات ۾ ڪٻڏي ڪٻڏي جا آواز يا گابڙي جي تاڙي هوندي هئي. “ 52

ڪهاڻيءَ جي هن ننڍڙي ٽُڪري مان اسان جي آڏو ٿر جي زندگيءَ جا ڪيترائي حسين پهلو کُلي بيهي ٿا رهن.هن مان خبر پئي ٿي ته ٿر جا ماڻهو وسڪاري ويل سرها ئي سرها هوندا آهن ۽ اهي ڪم ڪار ڪري واندڪائيءَ ويل يا چانڊوڪيءَ رات ۾ ڪوڏي ڪوڏي جا ميلا مچائيندا آهن يا وري گابڙي راند ڪندا آهن. وسڪاري ويل ٿرين جو چوپايو مال به مستيءَ ۾ هوندو آهي ۽ انهن جي ڳچين ۾ پيل ٽلين يا چرين جا آواز ڏور پيا ٻُڌجندا آهن. ان ويل ٿر جون عورتون به خوشيءَ ۾ ڪو نه ماپنديون آهن ۽ اهي خوشيءَ سان چيلهه يا مٿي تي پتل جون چونريون ڪٽي کوهن تان پاڻي پرينديون آهن.مطلب ته سڪار ويل ٿر جا ماڻهو ، ڍور ڍڳا سرها ئي سرها هوندا آهن. ڪهاڻيءَ جي مٿين ٽُڪري مان اسان کي ٿري ماڻهن جي زندگي، انهن جي ميٺ محبت، پائيچاري، ريتن رسمن، راندين ۽ ٿانون جي ڄاڻ ملي ٿي. اهڙيءَ ريت هن ڪهاڻيءَ ۾ اسان کي سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ جا ڪيترائي عڪس ملن ٿا جهڙوڪ پانجارين ۾ جوٽيل وهٽن ،چرخن، نارن،ڏاندن سان ٻنيءَ ۾ هر ڪاهڻ، ٻُک ۽ اڻ هوند سبب ٿوين ،سنگرين، پيرُن،کوکن ڪائڻ،فصل جي لهڻ وقت اُپت مان گهر جي عورتن لاءِ مسي، مساڳ ۽ سڳين جي خريداري ڪرڻ،چنگ ،چوڙن ۽ چوڙن جي سازن،سانوڻ ٿيج ۽ ڏوري جي گيتن، مطلب ته هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ ٿر جي ثقافتي رنگن جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي.صديق منگئي پنهنجي ان ڪهاڻيءَ ۾ ان منظر کي پڻ بيان ڪيو آهي جڏهن ڏڪار سبب رامون ۽ سندس ڪٽنب ٿر ڇڏي ٻراجي علائقن ڏانهن لڏپلاڻ ڪن ٿا ته پوئتي بچيل اوڙي پاڙي وارا، مٽ مائٽ ڪانئن پاڪر پائي موڪلائين ٿا، عورتون عورتن سان ڳر لڳي، ڳوڙها ڳاڙي موڪلائين ٿيون.اهو رواج صرف ٿر ۾ ڪونهي بلڪه سڄي سنڌ ۾ موجود آهي ته جيڪڏهن ڪوئي ڳوٺ مان لڏي ويندو آهي ته موڪلائڻ مهل لڙڪ لاڙي، پاڪر ۾ پري ڪيس الوداع ڪبي آهي ۽ سندس سر جو خير گُهربو آهي. پر جيڪڏهن ڪو پري جو مٽ مائٽ،سنگتي ساٿي به سال سوا سال کان پوءِ پيرو ڪري ،وري موڪلائيندو آهي ته اهو ئي منظر پيو نظر ايندو آهي جنهن مان سنڌي ماڻهن جي ميٺ محبت، پيار ۽ پنهنجائپ جي پروڙ پوي ٿي.

محمد صديق منگئي پنهنجي ڪهاڻي”مٽيءَ جو عشق“ ۾ هڪ ڪردار جي هڪ ننڍڙي مڪالمي ذريعي سنڌي ماڻهن جي سخاوت ۽ سنڌ جي خوشحاليءَ کي اهڙي ته سهڻي نموني بيان ڪيو آهي جنهن سان سنڌ جي سموري تاريخ جو بيان ٿيو وڃي. ”سائين سنڌ چورن پال آهي. سنڌ جي ڪنهن به گهر جي ڏيڍيءَ تان اڄ به ڪو واڻ الله جو سوالي هٿين خالي ڪو نه ٿو موٽي.“ 53

ڪهاڻيءَ جي هن ڊائلاگ مان سنڌي ماڻهن جي سهج سڀاءَ ، خير خيرات ۽ سخاوت واري ڳڻ جي تعريف پڌري آهي،يعني سنڌ جا ماڻهو اڄ به ڪنهن سواليءَ کي هٿين خالي موٽائڻ هڪ عيب سمجهندا آهن. اها ريت سنڌ ۾ صدين کان رائج آهي.مٿي ذڪر ڪيل ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ سنڌ جي ڍنين،ڍورن، پتڪڙن

پيهوڙي پڪين، پاپوڙن،لوڙهه، پيڻ، ٻُوڙن،ٻَنِ ،جاگڙي ٻيرين، ڪنڊي، سرڻ ، ٻازن ، ڇٻرن،مِرُن، ديسي تماچن، تلوارن، ڪهاڙين ۽ ڪافي اهڙين شين جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي صدين کان سنڌي ماڻهن سان مختلف حوالن سان سلهاڙيل رهيون آهن. ان کان سواءِ هن پنهنجي ڪتاب” مٽيءَ جو عشق“ جي ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ شادي مراديءَ جي رسمن جهڙوڪ نڪاح جي ريت،سناوڙي جي رسم ، ڳيچن ،سهرن، ،نارين جو ڪچ تي دلو رکي پاڻي پرڻ لاءِ وڃڻ،رليون سبڻ،عيدن برادن،ٻيڙين ،انهن جي ونجهن،نج سنڌي سازن جهڙوڪ بوڙينڊي ۽ الغوزي، ڪنهن کي نندي ٿابي تي عورتن جو بسم الله چئي خير گهُرڻ سميت ڪيترين ئي ڳالهين جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي سنڌي ماڻهن جي رواجن، پرمن، سپاءَ ،موسيقي سان چاهه ۽ سُگهڙائپ کي ظاهر ڪن ٿيون.

جيئن ته سنڌ ۾ هڪ وڏيرڪو ۽ جاگيرداراڻو سماج رائج آهي ،جنهن ۾ ماڻهو ذاتين پاتين، طبقن ۽ گروهن ۾ ورهايل آهن.قبيلائي نظام پڻ ان جو اهم حصو رهيو آهي جنهن مطابق هر هڪ قبيلو جي هڪ چڱو مڙس يا سردار هوندو آهي. محمد صديق منگئي پنهنجي ڪجهه ڪهاڻين ۾ ان نظام جا بکيا اُڌيڙيا آهن ،پر سندس ڪهاڻي ”نئون سج“ ان مدي خارج نظام بابت هڪ نئون پيغام ڪٺي اچي ٿي،جنهن ۾ هن شهمير خان ۽ دلاور خان نالي ٻن سردارن کي رت جون نديون وهائڻ بدران پاڻ ۾ پاڪر پائيندي ڏيکاريو آهي. سندن خاندانن ۾ پوئين ٽن پيڙهين کان چٽي جنگ هلندڙ آهي ۽ سوين ماڻهو مارجي چڪا آهن،ٻنهي قبيلن جي ماڻهن ۾ هڪ ٻئي خلاف ڀرپور نفرت آهي پر شهمير خان ويڙهه جي ميدان ۾ پنهنجي وڏائيءَ جو مظاهرو ڪندي دشمن کي پاڪر پائي ٻنهي قبيلن ۾ ناهه ڪرائي ٿو ڇڏي. ان ئي ڪهاڻيءَ ۾ جڏهن شهداد خان مري ٿو ۽ سندس چاليهي جي رسم جي موقعي تي سچي قبيلي جا عام خاص ماڻهو گڏ ٿين ٿا ته خيرات جي ماني ڪئي وڃي ٿي ۽ شهمير خان کي قبيلي جو نئون سردار مقرر ڪري ڪيس سرداري پڳ ٻڌرائي وڃي ٿي، جنهن کي ليکڪ هن طرح بيان ڪيو آهي.”شهداد خان جي جوڳ پوري ٿي، سندس موڀي پٽ شهمير خان کي قبيلي جي پڳ ٻڌائي پئي وئي. بنگلي جي اڳيان وڏي ميدان تي کوڙيل شاميانن هيٺ پٽڪن ۽ ٽوپين جي چرڙ ورڙ قطارن ۾ ڪو به مٿي اُگهاڙو ڪو نه هو.شهمير خان اکين ڳاڙهن محافظن جي گهيري ۾ وڏي اسٽيج تي ويٺل هو.سٽن پاڙن جا چڱا ،سيد پير،ملان موراڻا،پاڙي پتيءَ جا وڏيرا ۽ پري اوري جا مهمان به ساڻس گڏ ويٺل هئا.“54

ڪهاڻيءَ جي مٿين ٽڪري مان اها ڳالهه معلوم ٿئي ٿي ته جڏهن ڪنهن پاڙي يا قبيلي جي سردار جي وفات ٿيندي آهي ته چاليهين ڏينهن تي مرحوم جي خيرات سان گڏ ان جي وڏي پٽ کي پيءُ واري پڳ پهرائي ويندي آهي ۽ ان رسم ۾ اوڙي پاڙي جا معتبر ۽ ٻين قبيلن جا سردار پڻ شامل ٿيندا آهن. ڪهاڻيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته شهمير جي پڳ کي ستن معزز ماڻهن ست ور ڏنا ويندا آهن جيڪا هڪ حقيقت پڻ آهي. اهڙيءَ طرح ۾محمد صديق منگئي پنهنجي ڪهاڻين ۾ چاليهي توڙي پڳ پهرائڻ واري رسم کي پڻ پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. پڳ يا پٽڪو سنڌ ۾ چڱ مڙسيءَ جي علامت سمجهو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح پٽڪو، پڳ ٻڌڻ جي روايت کي وڏائي، گهر جو چڱو مڙس يا گهر جو وڏو يا خاندان جي اڳواڻي ڪرڻ جي نشاني پڻ آهي. تنهن ڪري اڄ به سنڌي سماج ۾ گهر جي وڏي تي پوري جوابداري هوندي آهي. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ پڳ بابت ڪيتريون ئي چوڻيون پڻ مشهور آهن. جيئن پڳ اڇڻ، پڳ مٽ ياري ٿيڻ، پڳ پائڻ يا لفظ پڳدار ٿيڻ وغيره وغيره . صديق پنهنجي ڪهاڻي ”نئين موسم “ ۾ سنڌ جي پراڻن ڪاريگرن جهڙوڪ ٻڪٽن، رازن،رنگ پوچي ڪندڙ ڪاريگرن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن جي اوزارن جهڙوڪ واهولن،رندن،ڪاراين ،چونارين،شاولن،تيشين، بيلچن ۽ ڪوڏرن جو پڻ نالو ورتو آهي جنهن مان سنڌ جي قديم توڙي موجوده دؤر جي هنرن ۽ ڌنڌن ۽ انهن جي اوزارن جي ڄاڻ ملي ٿي.سندس ڪهاڻين ۾ گهور ڪندڙ گهورڙين جو به ذڪر آهي ته سندس روزمره جي تڪليفن ۽ ڏک ڏولاون جو پڻ ذڪر

آهي.هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ اڪثر سنڌي ماڻهن جي غريباڻي گهرن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي ڪچين سرن ۽ مٽيءَ جي گاري جي اوساري سان ٺاهيا ويندا آهن ۽ انهن ۾ مانجهاندڙيءَ جون ڪاٺيون استعمال ڪيون وينديون آهن. هن مان سنڌي ماڻهن جي گهرن جي بناوت ۽ سادگيءَ جو پتو ملي ٿو.صديق منگئي پنهنجي ڪهاڻين ۾ موسمن جي ڦير ڦار ۽ انهن بابت سنڌي ماڻهن جي روايتي ۽ لوڪ ڏاهپ جو پڻ ذڪر ڪيو آهي، جيئن سر نسرڻ سان ماڻهو سياري جي شروعات سمجهندا آهن.هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ پٽ چمڻ جي خوشي ۾ ٿيندڙ عقيقي يا ڇٽي جي رسمن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي جيڪي سنڌ جي قديم رسمن ۾ شامل آهن.سندس ڪهاڻين ۾ ڪن ڪردارن کي بوسڪيءَ جا پٽڪا پهريل ڏيکاريا ويا آهن جن کي سنڌ جي ثقافتي زندگيءَ ۾ وڏو مان ۽ شان حاصل آهي.

حاصل مطلب ته محمد صديق منگئي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ ان سان واسطو رکندڙ مادي توڙي غير مادي شين جي عڪاسي ڪئي آهي ۽ پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪردارن ذريعي سنڌي ماڻهن جي ريتن رسمن، رهڻي ڪهڻي، لباس،سازن،گيتن،شادي مراديءَ جي ريتن،ماڻهن جي ڌنڌن کي عام ماڻهن آڏو منظر عام تي آندو آهي.

. رحمت الله ماجوٺي

رحمت الله ماجوٺي کي سنڌ ۾ ڪيترن ئي حوالن سان سڃاتو وڃي ٿو ،جيئن بحيثيت صحافي، بحيثيت مزاح نگار، بحيثيت ڊراما نگار ،پر سندس اصل سڃاڻپ هڪ ڪهاڻيڪار طور آهي.هن ڪهاڻيڪار جو جنم 25 مارچ 1957ع ۾ چوهڙ جمالي ضلعي ٺٽي ۾ ٿيو سندس ڪهاڻين جا ٽي ڪتاب شايع ٿيل آهن ،جن ۾ ”بيگار ڪئمپ“ ،”ڪاملي“ ۽ ڪريل گهڙيال “ اچي وڃن ٿا. ماجوٺي هڪ حقيقت نگار ڪهاڻيڪار آهي ،هو سماج ۾ جيڪو ڪجهه ڏسي ٿو سو پنهنجي ڪهاڻيءَ ذريعي پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ ڪٿي ڪٿي تجريديت ۽ مزاح جو عنصر پڻ ملي ٿو.هن جيئن ته سنڌ جي ماڻهن جون ڪهاڻيون لکيون آهن تنهن ڪري سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي مسئلن جي اُپٽار ٿيل آهي. بک ،بيروزگاري، سماجي قدرن جي پڄ ڊاهه سندس اهم موضوع آهي. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي ثقافتي زندگيءَ جون ڪيتريون ئي تصويرون ملن ٿيون.سنڌي ماڻهو ڪچهرين جا ڪوڏيا آهن. هتان هتان جون ڳالهيون ،ڏک سور، ٻڌي چوڙيءَ جا مسئلا، ڏڪار سڪار جون خبرون، مرڻي پرڻي جا احوال،صلاح ثواب، اهي سڀ ڳالهيون سنڌن ڪچهري جو موضوع رهيون آهن.سندس ڪهاڻي ”اُٺل “ ۾ ان ڪچهري جو بيان هن طرح ڪيو ويو آهي.” نم جي ڇانوَ ۾ مونو حجم جو صندل رکيل هوندو هو.جنهن تي گراهڪ ۽ مونو ٻئي ويهي ڪچهري به ڪندا هئا ته سنوارت به ٿهندي هئي.....وٽس ڪچهريءَ تي ڏنو ڪٽي،صابو وايو ،عبدالله لوهار،يوسف درزي اڪثر ويٺا هوندا هئا.“ 55

هن مان خبر پوي ٿي ته مٿي ڄاڻايل سڀ پورهيت ڪم به ڪنداهئا ۽ واندڪائي ۾ ويهي ڪچهريون به ڪنديون هيون.

”پريان جتي هينئر بئنڪ آهي،اتي عبدالله لوهار جو دڪان هوندو هو ،وٽس اڪثر فقير ۽ ڪوڪڙي ايندا هئا. ڪانئن ڌنوڻ به چڪائيندو هو ۽ مارڪو به لڳو پيو هوندو هو.“ 56

هن مان پروڙ پوي ٿي ته ڪچهريءَ ڪرڻ وارا صرف دڪان تي اچي ڪچهري نه ڪندا آهن پر ڪم ڪار ۾ هٿ پڻ ونڊائيندا آهن. اها آهي سنڌي ماڻهن جي پائپي، پنهنجائپ ۽ ميٺ محبت جو طريقو جنهن کي ليکڪ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيو آهي.هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي تصوير کي پيش ڪيو آهي ،جنهن ۾ ماڻهن ۾ ماڻهپو هيو ۽ اهي سهپ ۽ پائپي ۽ همدرديءَ جهڙن گڻن سان مالامال هئا.

رحمت الله جي ڪهاڻي ”ابت ڏنگٽي“ هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي ،جنهن ۾ هن سمنڊ ڪناري اونداهين راتين ۾ باز جي شڪار جي سچي روئداد ٻڌائي آهي.سنڌ ۾ ڪيترن ئي پکين ۽ جانورن جا شڪار

ٿيندا آهن،جن مان باز جو شڪار پڻ هڪ انتهائي ڏکيو ڪم آهي.جنهن جي لاءِ سياري جي سهه رات ۾ چار وڇائي ،چار ۾ ڪو پکي ڦاسائبو آهي ته جيئن ان جي ڦٽڪي تي باز هيٺ لهي اچي ۽ چار ۾ ڦاسي.ڪهاڻيڪار ٻڌائي ٿو " مون واري رڇ ۾ وري ويهاريو اٺائون،ڪڪڙ جو ٻچو،تنهن پهرين ته اچا چچ پچ پئي ڪئي پر جيئن سيءَ دٻيو اٿس تيئن صفا ڪڪڙ ٿي رهيو آهي. هونئن به ڪڪڙ جي ٻچي تي باز ايترو ڪو نه اچي ،جيترو تتر تي." 57

اهو آهي مشاهدو، اها آهي چاڻ ۽ اهو آهي شڪار جو طريقو. باز ،ڪنهن ٻئي پکي يا جانور جو شڪار پڻ سنڌ جي لوڪ زندگيءَ جو هڪ عڪس آهي.

رحمت الله ماڃوٺي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻاراڻين راندين جو پڻ ذڪر ڪيو آهي جيئن ٽيماٽو، گڏي گڏي جي راند، بلور راند وغيره. جيڪي سنڌ جي ڳوٺن ۾ ٻارڙن جي عام وندر جو بهترين نمونو آهي ۽ سوين سالن کان سنڌ ۾ رائج آهن ،تنهن ڪري انهن راندين کي به سنڌ جي لوڪ ۽ ثقافتي ورثي ۾ هڪ اسم جي اهميت حاصل آهي.سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن،سنڌ جي عمارتن جي نمونن،مهمان نوازيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

حوالا :


1. رساڻي،شمس الدين، آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، سال 1982ع ص 369. 370

2. ابڙو،بدر "آئون به جاڳي پوندس جمال ابڙو" مقالو:(جمال ابڙو ۽ جديد حقيقت نگاري،فقير محمد لاشاري) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2009ع ص. 446

3. سليم ،آغا، مضمون "جمال جا ڪرداري افسانه" بشموله نئين زندگي، مارچ 1963ع، ص 57

4. ابڙو ،جمال "پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون"ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2015ع، ص 50

5. حوالو ساڳيو، ص 72

6. عرساڻي،شمس الدين، آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو، سال 1982ع. ص، 379

7. آگرو،غلام رباني،" آب حيات"(ڪهاڻي ڪليات)، روشني پبليڪيشن،ڪنڊيارو،سنڌ، سال2011ع، ص 21

8. حوالو ساڳيو، ص 23

9. حوالو ساڳيو، ص 23

10.حوالو ساڳيو، ص 27

11.حوالو ساڳيو، ص 33. 34

12.حوالو ساڳيو، ص 73. 74

13.حوالو ساڳيو، ص. 74

14.ملاح، مختيار احمد. ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ“ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، 2015ع ، ص 224

15.سراج."منتخب افسانے" حيدرآباد/کراچی۔سراج انسٹیٹیوٹ آف سندھ اسٹڈیز-2017ع۔ ص 28

16.سراج. ”درد ڪهاڻيون“ ڪنديارو: روشني پبليڪيشن،2014ع ، ص 214

17.حوالو ساڳيو. ص 42

18.حوالو ساڳيو ص. 43

19.حوالو ساڳيو. ص 116

20.راشدي، مهتاب اڪبر.مضمون ”وارياسي ٿر جو سيراب مسافر“ سارنگا 30،ايڊيٽر اسحاق سميجو ، سال 2021، ص 105

21.حوالو ساڳيو. ص 108

22.شورو، شوڪت حسين، مضمون“ ڳالهيون ڳڻ پرينءَ جا“ سارنگا 30،ايڊيٽر اسحاق سميجو ، سال 2021، ص 79

23.عرساڻي، شمس الدين.”آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“ڄامشورو؛ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1982ع ، ص 288

24..جوڻيجو، عبدالقادر. ”ويندڙ وهي، لهندڙ سج“حيدرآباد:آگم پبليڪيشن، 1981ع، ص 11

25.حوالو ساڳيو. ص 42

26.ميمڻ ،عبدالغفور، ڊاڪٽر” سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر“ حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.2017ع. ص 352

27.سنڌي ،يوسف ” سنڌي ادب “ دڙو: سچائي اشاعت گهر، 2016ع، ص 177

28.ڪنير،نصير. مضمون”علي بابا: ڪميٽيڊ ڪهاڻيڪار “ سارنگا 26،ايڊيٽر اسحاق سميجو ، سال 2016، ص 101

29.سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر ” جنم ڀومي شمشان ڀومي“ڪنديارو: روشني پبليڪيشن. سال 2017ع، ص 53

30.علي بابا ” منهنجون ڪهاڻيون“

31.سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر ” جنم ڀومي شمشان ڀومي“ڪنديارو: روشني پبليڪيشن. سال 2017ع، ص 313

32.حوالو ساڳيو. ص 300

33.محبوب، ماهتاب ” پرهه کان پهرين “ حيدرآباد؛ ارم پبليڪيشن ، سال 1983ع، ص 5

34.جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر ” سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٽيون)

35.محبوب، ماهتاب ”چانديءَ جون تارون، پرهه کان پهرين “ حيدرآباد؛ نيوفيلڊس پبليڪيشن ، سال 1999ع، ص 81

36.طاهرزادو، ولي محمد” سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو “ڄامشورو:سنڌي ادبي بورڊ،سال 2007ع، ص 262

37.محبوب، ماهتاب ”چانديءَ جون تارون، پرهه کان پهرين “ حيدرآباد؛ نيوفيلڊس پبليڪيشن ، سال 1999ع، ص 110

38.حوالو ساڳيو، ص 115

39.محبوب، ماهتاب ” مٺي مراد “ حيدرآباد؛ ارم پبليڪيشن ، سال 1979ع، ص 10

40.چانڊيو، ميان مير خان ” سنڌي ادب جي تاريخ ۾ صنفن تي هڪ نظر“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2007ع، ص 185

41.نواز، دانش” نسيم کرل جون ڪهاڻيون“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن،2012ع، ص 41

42.حوالو ساڳيو، ص 204

43.شيوڪاڻي،هيرو”ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب “ حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن ،2013ع، ص 129

44.نواز، دانش” نسيم کرل جون ڪهاڻيون“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن،2012ع، ص 211

45.حوالو ساڳيو، ص 214

46.ملاح، مختيار احمد. ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ“ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، 2015ع ، ص 207

47.سومرو،ادل (مرتب)”پاکستانی ادب، انتخاب افسانہ سندھی“اسلام آباد: اکادمی ادبیات پاکستان-2010، ص33

48.عباسي، نجم ” منهنجون بهترين ڪهاڻيون“ حيدرآباد: فيمس پريس، سال 1991ع ، ص 32

49.حوالو ساڳيو، ص 110

50.عباسي، نجم ” جيڪي منهنجي من ۾ آهي“ حيدرآباد:زيب ادبي مرڪز، سال 1977ع ، ص 57

51.ملاح، مختيار احمد. ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ“ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، 2015ع ، ص 478

52.منگيو، محمد صديق” مٺيءَ جو عشق“نوابشاه:ساهتي اڪيڊمي،2013ع، ص112

53.. حوالو ساڳيو، ص 102

54.منگيو، محمد صديق” وجود جا عذاب“سڪرنڊ:مسيحا پبليڪيشن،2006ع، ص 131

55.ماجوٺي، رحمت الله، ”ڪريل گهڙيال“سڪرل ماءِ پبليڪيشن. 2013ع، ص 16

56.حوالو ساڳيو، ص 17

57.حوالو ساڳيو، ص 8

باب ڇهون

- نتيجا

ثقافت عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لاءِ انگريزي جو لفظ culture متبادل طور ڪم ايندو آهي. ثقافت ڪنهن به قوم جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، رسمن ريتن، سٺن قدرن، اٺڻ ويهڻ توڙي ملڻ جلڻ جي طور طريقن، وهمن وسوسن، ٻولي، لباس، ڳائڻ وڄائڻ جي سازن، راڳن، عورتن جي زيورن، ميلن ملاکڙن ۽ عيدن تهوارن جي ڏينهن ڪي ملهائڻ جو ئي نالو آهي. ان مان اهو به مطلب وٺي سگهجي ٿو ته ڪنهن به ملڪ ۾ رهندڙ قوم جي زندگيءَ جي اجتماعي وهنوار کي ئي ثقافت چيو ويندو آهي. يعني انهيءَ قوم جي ماڻهن جو ملڻ جلڻ کهڙي نموني جو آهي. انهن جي مرڻي پرڻي جون ريتون رسمون کهڙيون

آهن، انهن جا لباس لٽا ڪپڙا کھڙي رنگ ڍنگ جا آهن ۽ انهن جا وهم وسوسا، ٻولي ۽ روايتي گيت وغيره کھڙا آهن.

سنڌي ثقافت جو بنياد ڪو راتو رات نه پيو آهي، بلڪه اها هتان جي ماڻهن جي صدين جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن ۽ طور طريقن جو مجموعو آهي جيڪو نسل در نسل هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين منتقل ٿيندو پيو اچي. سنڌي ثقافت دنيا جي قديم ثقافتن منجهان هڪ آهي جنهن جي قدامتن جا ڪجهه آثار اسان کي موهن جي دڙي مان پڻ مليا آهن.

ثقافت کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، هڪ مادي ۽ ٻيو غير مادي. مادي مان مراد آهي اهي شيون جيڪي پنهنجو وجود رکنديون هجن جيئن لباس، (اجرڪ ٽوپي، پٽڪو، شلوار قميص وغيره) ڳائڻ وڄائڻ جا ساز (يڪتارو، سرندو، بين وغيره) زرعي استعمال ۾ ڪم ايندڙ شيون (ڇڄ، ڪهاڙي، ڏاٽو وغيره)

ثقافت جو ٻيو حصو غير مادي آهي جيئن ريتون رسمون، رهڻي ڪهڻي، اخلاقي قدر، ملڻ جلڻ جو انداز، گيت، وغيره. انهن سڀني شين کي اسان غير مادي ان لاءِ چئون ٿا ته اسان انهن کي نه ڇهي سگهون ٿا، نه ڏسي سگهون ٿا.

سنڌي ثقافت جي اهم جزن ۾ نظرياتي ۽ مذهبي عقيده پڻ شامل آهن. مذهبي عقيدن سبب ماڻهن ۾ مرڻي ۽ پرڻي جون ريتون مذهبي طور طريقن تحت ٿين ٿيون. ماڻهو آخرت سنوارڻ لاءِ هن دنيا ۾ نيڪيون ڪن ٿا. ”وطن جي حب ايمان جو جزو آهي“ ان ڳالهه تحت اهي پنهنجي وطن سان پيار ڪن ٿا. مذهبي ڏهاڙا جيئن عيد براد، هولي وغيره انساني ثقافت جا اڻٽ حصا آهي. ڏڻو وڃي ته ثقافت جا ٻيا اهم جزا جيئن ماڻهن کي هڪٻئي سان ملائين ٿا ۽ هڪٻئي جي ويجهو آڻين ٿا، مذهبي ڏهاڙا پڻ اهو ئي ڪم ڪن ٿا، پوءِ اها عيد هجي يا هولي يا اجان ڪي ٻيا ڏينهن. اهي سڀ ڏهاڙا مذهبي عبادت سوڌو پائپي برادري ۽ ميٺ محبت جو درس ڏين ٿا.

عمارت سازي يا تعميرات جو فن، درگاهون، گهر، طعام ۽ خيرات پڻ قومن جي ثقافتي احاطي ۾ اچي وڃن ٿا. صوفي بزرگن جي درگاهن توڙي خانقاهن وٽان عام ماڻهوءَ کي سدائين اخلاقي ۽ انساني قدرن جو سبق مليو آهي. جنهن هر مذهب توڙي ذات جي ماڻهن تي هاڪاري اثر ڇڏيو آهي. اهڙي نموني سنڌي سماج ۾ اهڙا ڪيترائي وهم وسوسا آهن جن جو تعلق هتان جي ماڻهن ۽ سماج سان آهي. ٻي طرف ان جو ثقافت سان پڻ واسطو آهي ڇو ته هر سماج جا وهم وسوسا الڳ الڳ هوندا آهن ۽ اهي ڪنهن خاص سماج جي ثقافت جي نمائندگي ڪندا آهن.

سنڌي ماڻهن جي شادي توڙي غميءَ جا رسم رواج ٻه دنيا جي گهڻين قومن کان نرالا ۽ منفرد آهن. شاديءَ جا ڏينهن ٻڌا ۽ ڪنوار ونواهه ۾ ويهي ته ڪنوار جو گهر جي ڪمري کان ٻاهر نڪرڻ بند ڪيو ويندو (ان کي ونداهه چئبو آهي) ۽ ساڳئي طرح شادي جا ڏينهن ويجهو اچڻ تي گهوٽ کي هيڏانهن هوڏانهن اڪيلو ڪو نه ڇڏين. شاديءَ کان هڪ ڏهاڙو اڳ گهوٽ کي پيئرون هٿن پيرن تي ميندي لڳائين. ان مينديءَ جي رسم جا سهرا الڳ ٿين. شاديءَ جي ڏينهن تي وري پائپي برادريءَ جا انوکا مثال ڏسڻ ۾ ايندا. نڪاح پوڻ کان پوءِ گهوٽ کي ڪنوار جي ڪمري ۾ وٺي ويندا ۽ کير پيئڻ، آئيني ڏسڻ ۽ لائون ڏيڻ جي رسم ٿيندي. ان دوران ڏانوڻ ڏائڻ جي رسم ۽ ڪجهه ٻيون رسمون ٿينديون آهن. ان موجب هر علائقي جي پنهنجي پنهنجي رسم هوندي آهي.

شاديءَ وانگر موتي فوتي ٻه پري توڙي ويجهڙائيءَ جي مائٽن مٽن کي ملائڻ جو هڪ وسيلو آهي. يعني اگر ڪٿي ڪا فوتگي ٿئي ته پري پري جا مٽ مائٽ دوست ڏک سور ونڊڻ ايندا. صرف ايترو ئي نه پر اهي هر ڪم ڪار ۾ ٻه ڀرپور هٿ ونڊائيندا.

سنڌي ماڻهوءَ جي ميل جول جي طريقي کي ڏسبو ته ان مان ميٺ محبت ۽ پيائپي پئي جهلڪيون ڏيندي. اهي ڪنهن اوپري ماڻهوءَ سان به ملندا ته ان جي ملڻ ۾ عاجزي، نياز نوڙت ۽ انڪساري پري کان ئي ظاهر هوندي. رواداري پڻ سنڌي ثقافت جو اڻوٽ حصو آهي. سنڌي ماڻهن جي رواداريءَ جا ڪيترائي مثال پيش ڪري سگهجن ٿا، ان جو وڏي مثال اهو آهي ته سنڌ جي ڳوٺن توڙي شهرن ۾ هندن جي هولي يا ٻين تهوارن تي مسلمان ان ۾ شريڪ ٿي هڪٻئي تي رنگ هاريندا آهن ۽ خوشيون ملهائيندا آهن. سنڌ ۾ ساز ۽ رانديون به دنيا جي ٻين قومن کان نراليون ئي آهن. سنڌ ۾ چنگ، نڙ، يڪتارو، چير، واڄو، بين، الغوزو، دلو ۽ ٻيا ڪيترائي ساز آهن جيڪي راڳ رنگ ۾ ڪم اچن ٿا. اهي سڀ اهڙا ساز آهن جيڪي دنيا ۾ تمام گهٽ استعمال ڪيا ويندا آهن. اهي سڀ ساز قديم دور کان سنڌ ۾ رائج آهن. هوئن ته سنڌ ۾ ڍولڪ، دهل، بانسري، باجو ۽ ٻيا به ڪيترائي وڃت جا سامان آهن جن جو تعلق پڻ ثقافت سان آهي. ساڳئي طرح سنڌي سماج کي رانديون به پنهنجون ئي آهن جيڪي دنيا جهان جي راندين کان جدا آهن. جيئن نوڻڻ، ڪوڏين راند، لڪ لڪوٽي، ليٺ ڪبوتر، چلهر، ونجهوٽي، ڪندرو، ڏاڪ چمي، اٽي ڏڪر وغيره.

لفظ ''ادب'' پنهنجي اندر وسيع معنيٰ ۽ مفهوم رکي ٿو. انساني احساسن جي علم کي ادب چئبو آهي. ادب سچ کي محسوس ڪرائڻ جو نالو آهي، ادب ۾ جمالياتي خوشي پڻ هوندي آهي. ادب اندر اهم سماجي مسئلا، معاشي مسئلا، تاريخي، تمدني ۽ تهذيبي مسئلا وغيره شامل آهن. سنڌي ماڻهو شروع کان ئي قصن ۽ ڪهاڻين جا شوقين رهيا آهن. جنهن جو ثبوت قديم داستان ۽ قصا آهن. انهن داستانن ۽ قصن جو پيرو کڻنداسين ته اهي پري پري تائين پکڙيل نظر ايندا.

سنڌي ادب جي شروعات جا باقاعده اهڃاڻ اسان کي سومرن جي دؤر ۾ ملن ٿا. هن ئي دور ۾ نمودار ٿيا. پڻن، پانن، فقيرن، چارڻَ کي اهميت ملي. اڳ ۾ لکيل يا چيل ادب اڄ اسان وٽ محفوظ رهي ناهي سگهيو. ان کان پوءِ سمن جي دؤر ۾ پڻ اها روايت برقرار رهي. ان دؤر ۾ چيل ماموئي فقيرن جا بيت يا وري چام اوڍو هوٿل پري جي داستان سان لاڳاپيل بيت اڄان تائين محفوظ آهن. ان ئي دؤر ۾ سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي پيڙهه مضبوط ٿي. قاضي قادن، اسحاق آهنگر ۽ ٻين جا نالا ان دؤر سان لاڳاپيل آهن. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڪلهوڙن جي دور کي خاص اهميت حاصل آهي. هن دؤر ۾ شاهه لطيف جهڙو عظيم شاعر موجود هو.مخدوم ابوالحسن سنڌي ٻوليءَ ۾ ''مقدمه الصلواه'' نالي ڪتاب لکت جي صورت ۾ آندو. ٽالپر دؤر ۾ سنڌي ٻولي لکت جي صورت ۾ اچي چڪي هئي. نثري ادب پڻ اچي چڪو هو. سنڌي ٻوليءَ جي گهڻي ۾ گهڻي ترقي انگريز دؤر ۾ ٿي، هن دؤر ۾ ڇاپ خانه قائم ٿيا، سنڌي ٻوليءَ جي نئين سر تشڪيل ڪري ان کي سنڌ جي سرڪاري زبان جو درجو ڏنو ويو. ٻوليءَ جي اصل نسل، گرامر، شاعري، ڪهاڻين ۽ ناول جي صنف تي ڪم ٿيو.

ثقافت توڙي ٻولي ٻنهي جو واسطو تهذيب ۽ تمدن سان آهي. زبان ۾ اينري قوت آهي جو اها ثقافت جي سيني جزن کي اڪيلي سر نروار ڪري سگهي ٿي. ڪنهن به قوم جي ٻوليءَ جو مطالعو سندس تاريخ ۽ تهذيب جو مطالعي مثل هوندو آهي. ان جي مدد سان اسان معاشري اندر سندن قدرن جي چڱي طرح سان پرک ڪري سگهنداسون. سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي قديم ۽ شاهوڪار ٻولين ۾ شمار ٿيندي آهي. سنڌي زبان ۾ هڪ سماجي قوت ۽ طاقت موجود آهي. هن ۾ علم، ادب ۽ لغت جو وسيع ڀنڊار آهي.

فنون لطيفه جو انساني زندگيءَ سان گهرو واسطو رهيو آهي. لطيف فن سان انساني مزاج جي معلومات پڻ ملي ٿي. سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته سنڌي ليکڪن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي ثقافت جا ڪيترائي عڪس چٽيا آهن. جمال ابڙي پنهنجي گهڻين ٽئين ڪهاڻين ۾ سنڌي ڳوٺاڻي سماج جون ڪهاڻيون بيان ڪيون آهن. سنڌي ماڻهن جو اٿڻ ويهڻ، رهڻي ڪهڻي، رسمون

رواج، ڳالهه ٻولهه جا انداز، وهم وسوسا، رانديون وغيره سندس ڪهاڻين ڪي پڙهندي جا بجا سامهون اچن ٿيون. جتي سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي قديم ثقافتي راندين ڪُشتي، ڪبڏي، ملهه ۽ ونجهوٽيءَ جو ذڪر آهي جن سان جسم کي ڪسرت ملي ٿي ۽ ان طريقي سان ماڻهو زور آزمائي ۽ پهلوانيءَ جا ڪرتب پڻ ڏيکاريندا هئا ته اتي سندس ڪهاڻين ۾ ٻاراڻين راندين جهڙوڪ ليٽ ڪبوتر، لڪ لڪوٽي ۽ گهڻ گهڻ گهٽي، گڏي گڏي جي راند جو پڻ ذڪر ملي ٿو، جيڪي رانديون قديم زماني کان وٺي سنڌ جي ٻارڙن ۾ وندر ۽ تفريح جو ذريعو آهن. سندس ڪهاڻين ۾ اسان کي شاديءَ جي رسمن، شاديءَ جي لباس ۽ زيورن جو پڻ ذڪر ڪيو آهي. جمال جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي اوليائن ۽ درويشن جي مزارن تي لڳندڙ ميلن جو پڻ ذڪر ٿيل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ پٽ چمڻ جون باسون باسڻ، ٻار جي ڇٽيءَ جي رسم جو پڻ ذڪر ملي ٿو.

غلام رباني آگري جي ڪهاڻين ۾ مقامي رنگ سان گڏ سنڌي ثقافت جا ڪيترائي پهلوءَ نظر اچن ٿا. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ثقافت کي پڻ اجاگر ڪيو آهي. آگري جي ڪهاڻين ۾ اسان کي سنڌي سماج جي رهڻي، ڪهڻي، رسم، رواج سڀ ڪجهه ملن ٿا. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي ساز، اوطاق جا دل لڀائيندڙ منظر، ڪچهري جا ڏيک، عام علائقائي ٻوليءَ جو استعمال، سنڌ جي درگاهن تي ٿيندڙ رسمون، سنڌ جي زيور وغيره جو ذڪر عام ملي ٿو. جنهن مان اسان چئي سگهون ٿا ته  غلام رباني آگرو سنڌي ڪهاڻيءَ وسيلي سنڌي ثقافت جي ترجماني پڻ ڪئي آهي. سَڳِي ۽ پازيب سنڌي ثقافت ۾ اهم جاءِ والارين ٿيون. سَڳِي عورت جي وارن لاءِ هوندي آهي، جيڪا وارن ۾ لڳائي ويندي آهي، جنهن سان عورت جا وار وڌا ۽ سهڻا لڳندا آهن. سنڌ جي ڳوٺن ۾ سَڳِي جو رواج اڄ به عام جام آهي. پازيب هڪ ڳهه جو قسم آهي. جيڪو پيرن ۾ پاتو ويندو آهي. جنهن سان پيرن جي سونهن ۾ وڌارو ٿيندو آهي. غلام رباني آگري  سَڳِي ۽ پازيب جو ذڪر پڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪيو آهي. سنڌ جي ڪچهري هر هنڌ مشهور آهي سنڌي ماڻهو ڪچهري جا شوقين ٿيندا آهنءَ هنن جي اصل سنڌي ڪچهري جو نموني ڪجهه اور هوندو آهي. جنهن کي غلام رباني آگري پنهنجي ڪهاڻين پيش ڪري سدائين لاءِ امر ڪري ڇڏيو آهي. بهرحال غلام رباني آگرو اهڙو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن سنڌي ڪهاڻيءَ وسيلي سچي سنڌي سماج جي عڪاسي ڪئي آهي. سندس ڪهاڻي جي مطالعي کان پوءِ سنڌي سماج جو پورو خاصو ۽ تاثر ذهن ۾ ابري اچي ٿو. ان سان گڏ هن سنڌي ثقافت جي به ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي.

سنڌ جي ناليواري ڪهاڻيڪار سراج پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جي رهڻي ڪهڻيءَ جي انداز، عورتن جي ويس وڳن، گهرن جي بناوٽ توڙي سجاوٽ کي عڪسبند ڪيو آهي ۽ عام زندگيءَ ۾ ڪم ايندڙ شين جهڙوڪ تڏي، رلي، منجي، کٽي ۽ گهڙامنجي جو بيان ڪيو آهي، جن جو سنڌي ثقافتي زندگيءَ سان ويجهڙائيءَ جو ڳانڍاپو آهي.  سراج پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي ريتن رسمن ۽ ثقافت جي معاون جزن توڙي شين جو ذڪر ڪرڻ سان گڏ سنڌ جي قديم ڏڻن کي به ياد ڪيو آهي. دسهڙي ۽ ڏياريءَ جا ڏڻ پڻ سنڌ جي خوشيءَ جا ڏينهن آهن. انهن ڏينهن تي سنڌ اندر خوشي ڪيئن ملهائي ويندي آهي، سندس ڪهاڻين ۾ ان جي ڀرپور عڪاسي پيش ٿيل آهي.

عبدالقادر جوڻيجي به پنهنجي ڪهاڻين وسيلي سنڌي ثقافت جي ڪافي پاسن کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ڪهاڻين ۾ ڀهراڙيءَ جي ماڻهن جي ويس وڳن، عورتاڻن ٻانڌڻن پڙن ۽ ٽوپين اجرڪن جو ذڪر پڻ ملي ٿو. جيڪي سنڌي ماڻهن جو روايتي ۽ ثقافتي لباس ۾ شامل آهن. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي روايتن جي عڪاسي پيش ڪيل آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ پناهه گهرڻ تي سريدان ڏيڻ ۽ آئي مانجهي گهر آيل مهمان کي جيءَ ۾ جايون ڏيڻ جهڙن قدرن جو ذڪر ڪيو آهي.

علي بابا جون ڪهاڻيون سنڌي ثقافت، تمدن ۽ تهذيب جي ڀرپور عڪاسي ڪن ٿيون. سنڌي ماڻهو، انهن جون ريتون رسمون، انهن جا ميلا ملاکڙا، انهن جي گهريلو زندگي جا عڪس، وهم، اڻ ويهڻ جا اصول، روايتي ۽ ثقافتي لباس ۽ ثقافت سان لاڳاپيل گهڻيون شيون سندس ڪهاڻين ۾ هر هنڌ ٽڙيون پکڙيون پيون آهن. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌ جي چوُنرن، قديم دوُر کان رائج زيورن، ريتن رسمن، لوڪ گيتن، ٽيڙو ڪتين، ٻيلهه ۽ ٽيلهه گهڙا ڪٽندڙ عورتن جو ذڪر ملي ٿو جن جو سنڌي ثقافت سان گهرو سٻنڌ آهي. علي بابا پنهنجي ڪهاڻين ۾ شادين مرادين ۽ انهن جي رسمن جي پڻ عڪاسي ڪئي هئي. هن نه صرف شاديءَ جي لاڏن ۽ سهرن جو ذڪر ڪيو آهي پر ٿر جي علائقي ۾ محنت ڪش مارُوئڙن جي لوڪ گيت ”همرچي“ کي پڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ اجاگر ڪيو آهي. علي بابا پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ثقافت سان واسطو رکندڙ ڪيترين شين جو ذڪر ڪيو آهي، جيئن ڏاندن سان ڳاهه ڳاهڻ جا منظر، ڏاند ڳاڏين جون جوٽون، ڪاون جڙيل گج پهريل عورتن جو جهار هڪلڻ، مٽيءَ جي گاري ۽ ڪانين ڪانن سان ٺهيل گهر، سنڌي ماڻهن جو سهج سڀاءَ، انهن جي مهمان نوازي، انهن جي اُٿڻي ويهڻي وغيره جي عڪاسي ڪئي آهي.

ماهتاب محبوب پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ثقافت جي ڪوڙ تشهير ڪئي آهي. هن سنڌ جي قديم هنر رليون ٺاهڻ، جنڊي جي ڪم سان ٺاهيل هندوري، ويهڻ جي لاءِ ڪتب ايندڙ ڪانن مان ٺاهيل موڙي، عام رواج ۾ ايندڙ ڏيورن جهڙوڪ پنڙا، ست سري دهري ۽ ٻين اهڙين ڪيترين ئي شين جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي سنڌ جي ثقافت کي ظاهر ڪن ٿيون. سندس ڪهاڻين ۾ قديم دوُر کان رائج وهمن وسوسن ۽ انهن جي علاجن، ٽوٽڻ ڦيڻن ۽ ڌاڳن تعويذن جو به ذڪر ٿيل آهي. سنڌي ماڻهن وٽ پراڻي زماني کان وٺي هر هڪ بيماري ۽ تڪليف جا گهريلو ۽ لوڪ علاج رهيا آهن. مٿي جي سور کان وٺي چيلهه جي سور تائين ۽ بري نظر کان بچڻ کان وٺي کنگهه زڪام کان بچاءَ جا ڪيترائي اُپاءَ ۽ طريقا موجود هئا. ماهتاب جي ڪهاڻين ۾ اهڙين ڪيترين ئي تدبيرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي اٿڻي ويهڻي جي طور طريقن، مهمانن سان پيش اچڻ جي نمونن ۽ اوڙي پاڙي ۾ رهڻ جي رائج اصولن جي پڻ عڪاسي ڪئي وئي آهي. سندس ڪهاڻين ۾ اهو پڻ ڏيکاريل آهي ته مرڻي پرڻي جي موقعن تي يا وري ڪنهن گهر ۾ ٻار ڄمڻ کان پوءِ مٽن مائٽن يا اوڙي پاڙي سان ڪيئن ڏک ۽ سک ونڊبو آهي. ماهتاب محبوب پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي سچي پچي تصوير پيش ڪندي سندس ثقافتي لباسن، ريتن رسمن، وهمن، بيمارين جي ديسي ٽوٽڪا، سنڌ ۾ مروج زيورن، شادي مرادي، مرڻي پرڻي ۽ ٻين ريتن رسمن جي عڪاسي ڪئي آهي، جيئن ڇٺيءَ جي رسم وغيره.

نسيم کرل پنهنجي ڪيترين ئي ڪهاڻين سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻ ويهڻ جي طور طريقن ۽ ريتن رواجن کي پيش ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ مهمان نوازي، سچائي، مانُ، مرياڌا، اوڙي پاڙي ۽ ننگ ناموس جي عزت جهڙن ڪيترن ئي گڻن کي سامهون آندو آهي، جيڪي گڻ قديم زماني کان وٺي سنڌي ماڻهن جي ميراث رهيا آهن. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن پاران گرمي يا سرديءَ کان بچڻ لاءِ ٺاهيل تدبيرن ۽ لوڪ طريقن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. نسيم پنهنجي ڪهاڻين ۾ نه صرف سنڌي ماڻهن جي ڳوٺن، واهڻن ۽ گهرن ۽ اوطاقن جو نقشو چٽيو آهي پر ان سان گڏ سندن ريتون رسمون ۽ آڌرڀاءُ ڪرڻ جا انداز پڻ بيان ڪيا آهن. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي مندن موسمن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ سنڌ اندر ٿيندڙ شاديءَ جي ڪاڄن کي قلمبند ڪري ان جو مڪمل تفصيل بيان ڪيو آهي ته ڪيئن شاديءَ جو ڪاڄ ٿيڻ سان اوڙي پاڙي جا مٽ مائٽ، دوست ڪٺا ٿيندا آهن. شاديءَ ۾ ڪهڙي قسم جو طعام پچايو ويندو آهي ۽ مهمانن کي ترسائڻ لاءِ ڪهڙي قسم جي تياري ڪئي ويندي آهي؟ اهو سڀ سندس ڪهاڻين ۾ پسي سگهجي ٿو.

نسيم پنهنجي ڪهاڻين ۾ نج سنڌي زيورن، ڳهه ڳِنن جهڙوڪ بولڙي ۽ نٿ، پٽڪي، ٽوپي، گهوڙن جي قسمن، گاڏين جي نمونن، زريءَ جي ٿهيل سنجن، ڪنوار جي ستاوڙي، شاديءَ ۾ شرنائين، نار ۾ ٻڌل ڏاندن، ختمن خيراتن، فوتگي کان پوءِ عذرخواهيءَ جي طريقي ۽ ٻين ڪافي اهڙين رسمن ۽ شين جو ذڪر ڪيو آهي.

نجم عباسي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻهراڙيءَ جي سادن سودن ماڻهن، انهن جي رواجن، اُٿڻ ويهڻ، ۽ وهمن وسوسن کي قلمبند ڪري پڑهندڙن آڏو آندو آهي. هن ٻهراڙين جي پورهيتن ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کان وٺي جاري ڪرت ۽ ڌنڌن کي پڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. جيئن ڪنڀارڪو ڪم آهي. دلو سنڌي ثقافت جو اهم اهڃاڻ آهي. دلن ٺاهڻ لاءِ مٽي گڏائڻ کان وٺي دلا شهر ۾ وڃي کپائڻ تائين اهو سڄو وهنوار پنهنجي ڪهاڻي ۾ افسانوي انداز سان بيان ڪيو آهي. نه صرف ايترو پر هن ماڻهن کي اوڏر تي ٿانوَ ڌيڻ واري ان لوڪ طريقي جو پڻ ذڪر ڪيو آهي جنهن کي ”آهت“ چيو ويندو آهي، اهو ”آهت“ وارو طريقو ڪنڀارڪي ٺوڙي لوهارڪي ۽ ٻين ڪن ڌنڌن ۾ ڪم ايندو آهي. نجم عباسي جتي پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي قديم هنرن ۽ ڌنڌن جو ذڪر ڪيو آهي، اتي هن سنڌي ماڻهن جي اخلاقي ۽ انساني قدرن جهڙوڪ ڌرتيءَ سان عشق، مهمان نوازي، رواداري ۽ انساني برابري جهڙن گُڻن کي پڻ پنهنجي ڪهاڻين ۾ شامل رکيو آهي. هن سنڌي ماڻهن جي اُٿڻي ويهڻي، لباس، ڳالهه ٻولهه جو انداز، ريتون رسمون، وهم وسوسن، سهج سڀاءُ ۽ سانگ سنوڻن جي عڪاسي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڀليءَ پت ڪئي آهي. هن پنهنجي هڪ ڪهاڻي ۾ سنڌي ماڻهن (اميرن توڙي غريبن) جي گهرن جي طرز يا نموني کي هن نموني بيان ڪيو آهي، جنهن جو تعلق پڻ ثقافت سان ٿئي ٿو. سندس ڪهاڻين ۾ مذهبي تهوارن جهڙو ڏياري ۽ ڦٽاڪن واري عيد جو ذڪر ملي ٿو. انهن ڏهاڙن تي ماڻهو خوشي ڪيئن ٿا ملهائين، سندس ڪهاڻين ۾ اهو بيان پڻ ملي ٿو. ان کان سواءِ نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين ۾ اسان کي چٽيءَ جي رسم، سنڌ جي قديم ڌنڌن، ماڻهن جي وهمن، بيمارين ۽ بيمارين جي علاج لاءِ لوڪ طريقن، مرڻي پرڻي جي ريتن رسمن جو به ذڪر ملي ٿو.

محمد صديق منگئي جي ڪهاڻين ۾ اسان کي سنڌ جي قديم راندين گابڙي ۽ ڪبڏي ڪبڏي جو ذڪر ملي ٿو. هن جانورن جي ڳچين ۾ ٻيل ٽلين ۽ چڙن جو ذڪر ڪيو آهي. هن پنهنجي ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي هڪ ڀاڱي ٿر جي زندگيءَ جا چٽ چٽيا آهن، سندس ڪهاڻين ۾ٿري ماڻهن جي زندگي، انهن جي ميٺ محبت، ڀائيچاري، ريتين رسمن، راندين ۽ ٿانون جي ڄاڻ ملي ٿي. ان کان سواءِ هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ثقافتي زندگيءَ کي اجاگر ڪندي پانچارين ۾ جوٽيل وهٽن، چرخن، نارن، ڏاندن سان ٻنيءَ ۾ هر ڪاهڻ، ٻُک ۽ اڻ هوند سبب ٿوين، سنگرين، پيرُن، ڪوڪن ڪائڻ، فصل جي لهڻ وقت اُپت مان گهر جي عورتن لاءِ مسي، مساڳ ۽ سڳين جي خريداري ڪرڻ، چنگ، چڙن ۽ چوڙن جي سازن، سانوڻ ٿيج ۽ ڏوري جي گيتن جي ڳالهه ڪئي آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌ جي پکين سرڻ، بازن، چٻرن، مِرُن ۽ هٿيارن جهڙوڪ ديسي تماچن، تلوارن، ڪهاڙين جو ذڪر ڪيو آهي. صديق منگئي پنهنجي ڪهاڻين ۾ شادي مراديءَ جي رسمن جهڙوڪ نڪاح جي ريت، ستاوڙي جي رسم، ڳيچن، سهرن، نارين جو ڪچ تي دلو رکي پاڻي پرڻ لاءِ وڃڻ، رليون سبڻ، عيدن برادن، ٻيڙين، انهن جي ونجهن، نج سنڌي سازن جهڙوڪ بوڙينڊي ۽ الغوزي جي وڄت کي پيش ڪيو آهي. اهي سڀ شيون سنڌي ثقافت سان سلهاڙيل آهن.

رحمت الله ماجوٺي پنهنجي ڪهاڻين ۾ ٻاراڻين راندين جو پڻ ذڪر ڪيو آهي جيئن ٺيماٺو، گڏي گڏي جي راند، ٻلور راند وغيره. جيڪي سنڌ جي ڳوٺن ۾ ٻارڙن جي عام وندر جو بهترين نمونو آهي ۽ سوين سالن کان سنڌ ۾ رائج آهن، تنهن ڪري انهن راندين کي به سنڌ جي لوڪ ۽ ثقافتي ورثي ۾ هڪ

قسم جي اهميت حاصل آهي. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ سنڌي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن، عام ڏڻن، شڪارن، سنڌ جي عمارتن جي نمونن، ڪچهرين، مهمان نوازيءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

- مددي ڪتاب (ببليوگرافي Bibliography)


1. ابڙو، جمال ”پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2015ع

2. ابڙو،بدر ”آئون به جاڳي پوندس جمال ابڙو“ مقالو:(جمال ابڙو ۽ جديد حقيقت نگاري،فقير محمد لاشاري) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سال، 2009

3. الانا،غلام علي، ڊاڪٽر”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.2012ع

4. آڏواڻي، ڀيرومل، مهرچند. ”قديم سنڌ“ ڄامشورو: سنڌ ادبي بورڊ 2018ع

5. آگرو،غلام رباني،” آب حيات“(ڪهاڻي ڪليات)، روشني پبليڪيشن،ڪنڊيارو،سنڌ، سال2011ع، ص 21

6. آڏواڻي، ڀيرومل، مهرچند ”قديم سنڌ“حيدرآباد: سنڌ ادبي بورڊ. ڇاپو ٻيو 1957ع

7. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر.سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ـــ ”ڳاهن سان ڳالهيون“ حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، جلد.7سال 1964ع

8. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر”سنڌ جي تاريخ“ حيدرآباد: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ريسرچ فائونڊيشن. 2017ع

9. ٻرڙو، حاڪم علي:سنڌي افساني تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر: سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي، سال2013ع (پي ايڇ ڊي لا پيش ڪيل مقالو اڻڇپيل )

10.ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر.”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڇاپو ٻيو:2011ع

11.ٻوهيو، الهداد ” سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“ ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.1978ع

12.پٺو، ممتاز، ڊاڪٽر. ”ايشيا جي تهذيبن جو جائزو“ . حيدرآباد: رومي پبلشرز. 2021ع

13.جروار،خان محمد (مرتب) ”انسان، زبان ۽ ثقافت“(سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون جلد II) حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، سال 2007ع

14.جتوئي، علي نواز. ”علم لسان ۽ سنڌي زبان“ حيدرآباد: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1983ع

15.جوٽيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر ” سنڌي ادب جي تاريخ (جلد ٽيون)

16.جوڻيجو، عبدالقادر. ”ويندڙ وهي، لهندڙ سج“حيدرآباد: آگم پبليڪيشن، 1981ع

17.چانڊيو،ميان مير خان ”سنڌي ادب جي تاريخ ۽ صنفن تي هڪ نظر“ ڪنڊيارو:روشني پبليڪيشن، 2007ع

18.دانش،احسان،ڊاڪٽر،”شاهه لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج“ ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو پهريون ڇاپو، سال 2016ع

19.ڏوڏيجا، لوڪرام ”منهنجو وطن منهنجا ماڻهو“ حيدرآباد: نيوفيلڊس پبليڪيشن،1993ع

20.سراج. ”درد ڪهاڻيون“ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن،2014ع

21.سراج. سنڌي ٻولي، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو،2017ع

22.سميجو، اجرڪ ڪاشف. ” سنڌي سپيتا جو نئون سج“ ڪراچي: مهراڻ پبلشرز. 2021ع

23.سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر ” جنم ڀومي شمشان ڀومي“ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. سال 2017ع

24.سميجو، اسحاق، ڊاڪٽر ” جنم ڀومي شمشان ڀومي“ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. سال 2017ع

25.سنڌي ،يوسف ” سنڌي ادب “ دڙو: سچائي اشاعت گهر، 2016ع،

26.سنڌي، دادا. ”خوشحال سنڌ“ سنڌ سلامت ڪتاب گهر (پي ڊي ايف) 2008ع

27.سوڍر، شاهنواز، ڊاڪٽر”سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف“ڀٽ شاهه حيدرآباد: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز،1991ع

28.سومرو، محمد بخش (سنڌيڪار) ” قومن جي عالمي تاريخ“ ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2003ع

29.سيد، جي ، ايم” سنڌي ڪلچر“ سن: جي ايم سيد اڪيڊمي،2001ع

30.شورو،شوڪت (مرتب)”سؤ سالن جون چونڊ ڪهاڻيون“ (جلد پهريون)ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،2017ع

31.شورو،شوڪت حسين. ”رات جو رنگ“ 2009ع ، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ

32.شيخ امان الله،سنڌيڪار: ”فيض احمد فيض ۽ پاڪستاني ثقافت“ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع

33.شيخ، محمد فاضل،پروفيسر.”ماٿيلي اوٻاوڙي جي ٻولي“حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو. 1992ع

34.شيدائي، رحميداد خان مولائي ”جنت السنڌ“ ڄامشورو: سنڌ ادبي بورڊ. 1993ع (ڇاپو ٽيون)

35.شيدائي، رحميداد خان مولائي. ”تاريخ تمدن سنڌ“ ڄامشورو : انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.1995ع

36.شيوڪاڻي،هيرو”ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب “ حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن ،2013ع

37.طاهرزادو، ولي محمد.(سهيڙيندڙ) ”سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو“ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ،2007ع

38.عباسي، نجم ” جيڪي منهنجي من ۾ آهي“ حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز، سال 1977ع

39.عباسي، نجم ” منهنجون بهترين ڪهاڻيون“ حيدرآباد: فيمس پريس، سال 1991ع

40.عرساڻي، محمد اسماعيل: ”چار مقالا“سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ڇاپو ٽيون،سال2017

41.عرساڻي،شمس الدين”آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر“ڄام شورو:انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سال 1982ع

42.علي بابا ” منهنجون ڪهاڻيون“

43.ڪنڀر،نصير. مضمون”علي بابا: ڪميٽيڊ ڪهاڻيڪار “ سارنگا 26،ايڊيٽر اسحاق سميجو ، سال 2016

44.لاکو، غلام محمد. ”سنڌ جو تاريخي ۽ تحقيقي جائزو“ ڪراچي: مارئي سماجي سنگت.

45.1997ع لطيف فياض ڊاڪٽر، ”شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ ۾ جماليات“ انسٽيٽوٽ آف سنڌالاجي ڄام شورو،2018ع

46.ماڇوٽي، رحمت الله، ”ڪريل گهڙيال“سڪرل ماءِ پبليڪيشن. 2013ع

47.محبوب، ماهتاب ” پرهه کان پهرين “ حيدرآباد؛ ارم پبليڪيشن ، سال 1983ع

48.محبوب، ماهتاب ” مٺي مراد “ حيدرآباد؛ ارم پبليڪيشن ، سال 1979ع

49.محبوب، ماهتاب ”چانديءَ جون تارون، پرهه کان پهرين “حيدرآباد؛ نيوفيلڊس پبليڪيشن ، سال 1999ع

50.مرزا، نصير،”نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون“ . ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي . 1992ع

51.مرزا،نصير (مرتب) ”پيڙا جو پڙلاءُ“ ڪنڊيارو : روشني پبليڪيشن، 2017ع

52.ملاح،مختيار،احمد ”ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت“سنڌي لئنگويج اٿارٽي، ڇاپو پهريون،: مارچ 2015ع

53.ملاح، مختيار احمد. ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ“ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، 2015ع

54.ملاح، مختيار احمد:”سنڌي رسم الخط جي مختصر تاريخ“سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد،سال 2011ع

55.منگيو، محمد صديق” مٽيءَ جو عشق“نوابشاه:ساهتي اڪيڊمي،2013ع

56.منگيو، محمد صديق” وجود جا عذاب“سڪرنڊ:مسيحا پبليڪيشن،2006ع

57.مهر، رزاق ”ڍهندڙ ليڪا“ ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن،2009ع

58.ميمڻ ،عبدالغفور ،ڊاڪٽر”سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر“حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 2017ع

59.ميمڻ، محمد صديق. ”سنڌ جي ادبي تاريخ“(ڇاپو چوٿون) 2005ع. شڪارپور؛ مهراڻ اڪيڊمي

60.نقوي، منظور، سيد ’’سنڌ جي مدنيت‘‘ حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ. سال 1978ع

61.نواز، دانش’’نسيم کرل جون ڪهاڻيون‘‘ ڪنديارو: روشني پبليڪيشن،2012ع

62.هڪڙو انور فگار ڊاڪٽر(مرتب) ادب،زندگي ۽ سماج ( مقالوادب ۽ فنون لطيفه) مهراڻ اڪيڊمي 2006

- سنڌي تحقيقي جرنل ۽ رسالا

1. ’’سنگت‘‘ رسالو، سنڌي ادبي سنگت،سنڌ،حيدرآباد، ڊسمبر 2005
2. تحقيقي جرنل’’ قليچ ‘‘مرزا قليچ بيگ چئير سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو. جلد ٻيو: شمارو ٻيو سال 2016
3. تحقيقي جرنل’’ڪلاچي‘‘شمارو ٽيون،شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر،ڪراچي يونيورسٽي،سال 2004
4. تحقيقي جرنل’’ڪلاچي‘‘شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر،ڪراچي يونيورسٽي،سيپٽمبر 1999ع
5. تحقيقي جرنل’’ ڪلاچي‘‘شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي،،مارچ 1999ع
6. ٽه ماهي’’ سارنگا‘‘ پرچونمبر 30،ايڊيٽر اسحاق سميجو ،حيدرآباد، سال 2021
7. ٽه ماهي’’ مهراڻ‘‘3 سنڌي ادبي بورڊ،ڄام شورو،1996ع
8. ماهوار ’’نئين زندگي‘‘ اطلاعات کاتو،سنڌ، حيدرآباد، مارچ 1963ع

- اردو ۽ انگريزي ڪتاب

1. سراج-"منتخب افسانے" حيدرآباد/کراچی-سراج انسٹیٹیوٹ آف سندھ اسٹڈیز-2017ع
2. سومرو،ادل (مرتب)’’پاکستانی ادب، انتخاب افسانہ سندھی‘‘اسلام آباد: اکادمی ادبیات پاکستان-2010
3. سید،عبداللہ ، ڈاکٹر "کلچر کا مسئلہ" لاھور: سنگ میل پبلیکیشنز، 2001ع-
4. عظیم ،وقار ۔ داستان سے افسانے تک، ایجوکیشنل بک ہاوس ، علی گڑہ، سال : 1987ع
5. ملک،فتح محمد،پروفیسر"درسی اردو لغت"اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان-2004
6. Will Durant.The story of civilization”partone.op;cit:foot note . p 395

- انٽرنيٽ تان ورتل مواد

1. https://sd.wikipedia.org/wiki/ تراشي سنگ 28. Dated 7-01-2022

2. www.encyclopediasindhiana.org/article.php?Dflt=ثقافت. Dated 27-12-2021

3. https://sd.wikipedia.org/wiki/ثقافت Dated 27-12-2021